ناول

# پيار ۽ سپنا



قاضي خادم

Scanned by CamScanner

# پيارءِ سپنا

## (ناول)

قاضي خادم

Scanned by CamScanner

# پي ڊي ايف
# ڪاپي ۾ آڻيندڙ:

مشتاق آسي

03004033497

05-11-2017

Scanned by CamScanner

**Adabi Duniya Publication**
**Book No : 1**

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | پيار ۽ سپنا |
| پهريون ڇاپو | : | جولاءِ 1977ع |
| ٻيو ڇاپو | : | 2003ع |
| قيمت | : | 50 روپيا |
| ڇپائيندڙ | : | ادبي دنيا پبليڪيشن، حيدرآباد |


---

## مصنف جا لکيل ٻيا ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| 1. زوال (ناول) | : | ترجمو |
| 2. سونهن جي ديوي (ناول) | : | ترجمو |
| 3. پيار ناوليٽ | : | ترجمو |
| 4. جُواري (ناول) | : | ترجمو |
| 5. درد جي خوشبو (ناول) | : | ترجمو |
| 6. ادب ۽ روايتون | : | مضمون |
| 7. سنڌيءَ جا نثري داستان | : | مقالو |
| 8. لڙڪ لڙڪ زنجير | : | ڊرامن جو مجموعو |
| 9. سمنڊ اپسمنڊ | : | افسانن جو مجموعو |
| 10. شهري حياتي ۽ ڳوناٺي حياتي | : | مقالو |

Scanned by CamScanner

# ارپنا

پنهنجي ناول جو هي ٻيو ڇاپو، آءٌ پنهنجن پوٽن محمد لائق (شاھ رخ)، الھبچايو، غلام قادر (معظم)، سهيما، ماه نور ۽ ڌيئي ڌيئن صمد ڌيئين سنيها، صبا، بشريٰ ۽ ربيعہ جي نالي ارپيان ٿو تہ جيئن آءٌ هميشہ هنن جي يادن ۾ زندھ رهان.

قاضي خادم

Scanned by CamScanner

# ڪجهہ ڪتاب جي باري ۾...

”پيار ۽ سپنا“ منهنجو پهريون سنڌي ناول هو. مون کي اهو چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿو لڳي تہ ”پيار ۽ سپنا“ ۽ ”درد جي خوشبو“ مون لکيا ڪونہ! مون کان لکجي ويا. اڄ بہ جڏهن آءٌ انهن کي پڙهان ٿو تہ حيران ٿو ٿيان تہ مون اهي لفظ، اهي جملا ۽ اهي جذبا ڪٿان آندا جن هي ناول مون کان لکرايا. بس هڪ جنون هو، چريائي هئي يا عشق هئو جنهن اهي مون کان لکرايا. اهي ٻئي ناول مون هڪ هڪ سٽنگ ۾ پورا ڪيا. اهي ڏينهن ۽ راتيون، جن ۾ اهي پورا ٿيا، مون ننڊ نہ ڪئي. انهن ڪردارن سان گڏ رهيس. هنن جي هر قدم ۽ هر عمل ۾ هنن سان گڏ هوس. ڪنهن هڪ نہ بلڪہ هر ڪردار سان گڏ هوس. هت اها ڳالهہ بہ ڪندو هلان تہ مون پنهنجن ناولن، ڪهاڻين توڙي ڊرامن ۾ ڪڏهن بہ ڪو منفي (Negative) ڪردار ڪونہ پيش ڪيو آهي. پر جي پيش بہ ڪيو آهي تہ ان کي اهڙي حيثيت سان جيئن معاشري جي ڪنهن بيمار فرد جو ذڪر ڪبو آهي جنهن کي نفرت جي نہ پر همدردي جي ضرورت آهي.

هن ناول جا ڪردار ڪوثر، ڊالي، ارشد، ظفر، اقبال، ستاره، توڙي غير حاضر ڪردار سڪندر، جميل وغيره سڀ جيئرا جاڳندا اسان جي معاشري ۾ موجود آهن. هنن جي چڱاين ۽ براين، خوبين ۽ خامين

Scanned by CamScanner

سان معاشري جو رنگ قائم آهي، ان ڪري مون چاهيو ٿي تہ اڄ ڪان گهڻو وقت اڳ مارڪيٽ مان ڪپي ويل هي ڪتاب جنهن پنهنجي اشاعت وقت وڏي عزت ماڻي هئي، اهو وري اسان جي نئين نسل کي ملي، هونئن ڪتاب ڪڏهن ڪونہ مرندو آهي، جي هن جا پڙهندڙ زنده هجن.

جڏهن هي ڪتاب لکيو ويو هو تڏهن ڪيترائي اهڙا اديب ۽ مون کي چاهڻ وارا جيئرا هئا جيڪي هاڻي صرف يادن ۾ جيئرا آهن. انهن ۾ منهنجو والد محمد لائق قريشي بہ هو تہ منهنجي پياري ماءُ بہ هئي. منهنجي زندگي جي ساٿي رضيہ بہ هئي، جنهن لاءِ ائين ٿي دل چوي "ڪهڙي منجهہ حساب هئڻ منهنجو هوت ريءَ" منهنجو چاچو غلام قادر ۽ پڦيون ماسيون، ماما، ناني بہ هئا تہ شيخ اياز، نجم عباسي، نسيم کرل، ثميره زرين، مولانا غلام محمد گرامي، محمد عثمان ڏيپلائي، شيخ علي محمد، ناصر مورائي، مقبول صديقي، مولانا عبدالواحد سنڌي، پير حسام الدين راشدي، ممتاز مرزا، شيخ ابراهيم خليل، نياز همايوني ۽ ٻيا ڪيترائي هئا جن مون کي اهو محسوس ڪرايو هو تہ انسان سان محبت ڪرڻ لاءِ مائٽ هجڻ ضروري ناهي. هنن مون کي سيکاريو هو تہ لکبو ڪيئن، ڇو ۽ ڇا لاءِ آهي! هو اڄ بہ زنده آهن.

هي ڪتاب سنڌي ادب جي عاشق احمد سيٺ ڇپرايو هو ۽ هاڻي هي ڪتاب آءٌ پاڻ ڇپارائي رهيو آهيان ۽ پنهنجي اولاد جي اولاد کي ارپي رهيو آهيان.

**قاضي خادم**

1-1-2003

Scanned by CamScanner

# پيش لفظ

قاضي خادم جو لکيل اصلوکو ناول اوهان جي اڳيان آهي، قاضي خادم کي پڙهڻ ۽ لکڻ جو چاهه ۽ شوق آهي، ۽ خاص ڪري افسانوي ادب سان هو چڱو مانوس آهي. هن افسانا لکيا آهن، ڊراما لکيا آهن ۽ چار ناول ترجمو ڪيا آهن.

انهيءَ کان سواءِ هن تنقيدي مضمونن تي به قلم ڪنيو آهي. قاضي خادم کي آءٌ لکڻ جي مشين سڏيندو آهيان، بس ڪو خيال هن جي ذهن ۾ اچي پوءِ اک ڇنڀ ۾ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ظاهر ٿيو پوي.

لاڳيتو لکڻ ۽ هڪدم لکڻ به هڪ ڪمال آهي. ۽ قاضي خادم انهيءَ فن ۾ يڪتا ۽ يگانو آهي. قاضي خادم چوي ٿو ته ناول جي اهميت بابت آءٌ ڇا لکان. آءٌ ته صرف ايترو چوندس ته ناول جي اهميت انهيءَ ڪري آهي، جو ان جي وسيلي ڪي اڻ چيل ڳالهيون چئي سگهجن ٿيون، اهي ڳالهيون جن جي چوڻ ۽ ٻڌڻ کان عام زندگيءَ ۾ لهرايو ۽ نٽايو ويندو آهي.

اهي ڳالهيون جن تي سماج جي رسمن، ريتن ۽ ڏاڍاين جا مضبوط تهه چڙهيل هوندا آهن.

اهي ڳالهيون جن کي چورڻ سان نالي ۾ نهال مذهبي، سياسي ۽ سماجي ٺيڪيدارن جا پرم پري پوندا آهن. ۽ اهي ڳالهيون جن جي پڙهڻ سان انساني فڪر ۽ خيال ۾ زلزلا اچي ويندا آهن.

Scanned by CamScanner

لکندڙ تہ قلم جو مالڪ ۽ پنهنجيءَ دل جو بادشاھ هوندو آهي.

پر قاضي خادم پنهنجي هن ناول ۾ اهڙين ڳالهين چورڻ کان پاسو ڪيو آهي.

هن تہ هڪ ازلي ۽ ابدي حقيقت جي اپٽار ڪئي آهي، هڪ اهڙي حقيقت جيڪا هر هنڌ موجود آهي، جنهن جو هر انسان کي احساس آهي، ۽ جنهن کان سواءِ زندگي اجائي ۽ بيڪار آهي، اها حقيقت آهي محبت، انسانن جي پاڻ ۾ محبت، محبت جيڪا تخليق جو سرچشمو آهي، محبت، جنهن جي ڪري ڪائنات ۾ رنگيني ۽ رونق آهي، محبت جيڪا دلين ۾ سونهن جا سوداءَ پيدا ڪري ٿي، جيڪا دلين ۾ گرمي، جوش ۽ ولولو جاڳائي ٿي، ۽ جنهن کان سواءِ ڪائنات جي هر شيءِ ٻُسي ۽ بي رنگ آهي. پر ڏسجو متان ناول جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾، قاضي خادم ماٺ ميٺ ۾، سماج جي ڪنهن ڏکندڙ رڳ تي، پنهنجي قلم جو نشتر هنيو هجي.

لکندڙ پنهنجن خيالن جي دنيا جو بي تاج بادشاھ آهي، هو هن دنيا جو رهواسي هوندي بہ، هت هڪ اوپرو انسان آهي،

هو پيار ۽ محبت جا رنگين ۽ حسين محل اڏيندو آهي، هو سونهن، سچائيءَ ۽ ساجھ جو پرچارڪ آهي. دنيا جي رڻ پٽ ۽ ريگستان ۾، سونهن، سچائي ۽ ساجھ جا اهي ئي سائيدار وڻ آهن، جن جي سائي ڇانوري ۾،

دکي انسانيت،

ٿوري دير جي لاءِ،

سک جو ساھ کڻي ٿي.

**مراد علي مرزا**

1977-6-30ع

Scanned by CamScanner

# هن ڪتاب جو جنم

هو اڄ بيهوش ۽ سرسامي حالت ۾ هو. وقتي وقتي وڦلبائين ٿي. هن جو بت ٽانڊن وانگر ٿي ٻريو. ٿرماميٽر هن جو تپ 104 ڊگريون ٻڌايو.

عمر 32 سال، قد لانئيرو، رنگ ڀورو.

هن سان منهنجو ادب جو ناتو به آهي. هن جو مطالعو وسيع ۽ ادب سان لڳاءُ گهرو آهي. هن جا ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل چار ناول ڇپجي چڪا آهن. هن جا ڪوڙ ڊراما ريڊيئي ۽ ٽيليويزن تي اچي چڪا آهن. هن شعر ۽ ڪهاڻيون به لکيون آهن ۽ هو هڪ سنو نقاد پڻ آهي. هو حيدرآباد جي ادبي محفلن، جلسن ۽ ڪچهرين ۾ نه رڳو موجود، پر مکيه انتظام ڪندڙ ۽ سرگرم ڪارڪن ڏسڻ ۾ ايندو.

هي هو خادم قاضي، ڊبل ايم اي - ايل ايل بي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر.

هن جي ڪٽ پرسان پيل ميز تي تازو لکيل پنن جو ڍڳ هو، جن مٿان عينڪ رکيل هئي ۽ پاسي ۾ کليل انڊيپين پئي هئي.

ڪالهه هن جو تپ 104 ڊگريون هو. مون هن کي جهليو هو ۽ مائٽن کي سمجهايو هو ته هن کي لکڻ نه ڏين. مائٽ، جي هن وقت مون ڏي پريشاني ۽ انتظار مان نهاري رهيا هئا، تن ٻڌايو ته هو جهلڻ تي به نه مڙيو ۽ رات جو ڇپل حصو لکندو رهيو. ۽ صبح ٿيندي ٿيندي اهڙي حالت تي ويس جو اوهان ڏي ماٺهو پڄائڻو پيو.

مون بيمار کان فقط هڪڙو سوال پڇيو: ”ناول پورو ٿيو؟“ چيائين. ”ها“.

مون هن جي عزيزن کي آٿت ڏيندي چيو، ”هو ذهن جو بار ڪاغذن تي اوتي چڪو آهي، هن جي ذهن جو بخار لهي چڪو آهي، ڪنهن خاص دوا کان سواءِ سانجهيءَ تائين هن جو بخار به ٺيڪ ٿي ويندو.“

ٿيو به ائين.

اهو هو هن ڪتاب ”پيار ۽ سپنا“ جو جنم.

نجم عباسي

Scanned by CamScanner

خيال اچي ٿيو تہ خبر ناهي تہ هو مينهن کان ڪيئن بچيو هوندو. هتي اچي بيهي ها تہ ڏاڍو سٺو ٿئي ها. هن هڪدم ذهن کي جهٽڪو ڏئي اهو خيال ڪڍڻ چاهيو. اتي هڪ نوجوان جوڙو کلندو ٽهڪ ڏيندو مينهن ۾ پچندو اچي اندر پهتو. ماڻس انهن ڏانهن جن عجيب نگاهن سان ڏٺو. تنهن ڪيس چرڪائي ڇڏيو هئو _ "امان ڇا پئي سوچين؟" هو خيالن جي وهڪري مان نڪري آئي. ايتري ۾ ڊالي تيار ٿيو. ناشتي جي ٽري سامهون رکيو ڏانهس ڏسي رهي هئي. هن هڪدم مانيءَ ۾ هٿ وڌو تہ جيئن ڊالي سندس اکين ۾ ڪجهہ پڙهي نہ وٺي. اکين جي زبان ڳوڙها آهن ۽ ڳوڙهن جي زبان تہ هر عمر جو ماڻهو پڙهي سگهي ٿو. چانهہ ڏسي هن کي ياد آيو تہ هن هڪ پيرو ڪيس چانهہ ناهيندو ڏسي چيو هو:

Drink to me with thine eyes only

ماني کائي ڊالي اٿي کڙي ٿي. "امان هل تہ ڪشمير پوائنٽ هلون. توهان تہ ضرور ڏٺي هوندي؟" هن ڪجهہ بہ نہ چيو ۽ اٿي ٻاهر نڪتيون. ٻاهر نڪرندي نڪرندي هن شال ڪلهن تي رکي. ورانڊي کان ڏاڪڻ ڏانهن هلندي ڊاليءَ هن کي چيو. "امان، مرحبا هوٽل جو ماحول آهي ڇا. واهہ واهہ" هن خود بہ ڊاليءَ کان ڪالهہ شام جي باري ۾ پڇڻ ٿي گهريو پر ڊپ ٿي لڳس. خبر ناهي تہ ڪهڙو ڊپ هئس. هن ٿڌو ساهہ ڀريو. "۽ ها امان دري جي پاسي ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي ٻاهر ڏسجي ٿو تہ بس گهرائي، گهرائي، ڏنڌ ۽ روشني، مطلب تہ عجيب اوچائيءَ جو احساس ٿو ٿئي. جيڪڏهن آءُ ورڊس ورٿ وانگر شاعر هجان ها تہ ضرور شعر چوان ها!" ڊالي چوندي چوندي هوٽل جي ورانڊي جي ڇيڙي ۾ واش بيسن جي مٿان لڳل آئيني ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏسي مرڪڻ لڳي. ڪوثر سوچيو تہ ڪجهہ بہ نہ بدليو آهي. اڳ "ڪنگس ۽ ڪئينس" مشهور هو تہ هاڻ "مرحبا" صرف وقت بدليو آهي. ڪاش ڊالي انگريزيءَ ۾ ايم. اي ڪرڻ

بدران کنهن استاد وٽان قرآن حفظ ڪري وني ها تہ شايد وقت ڪي ھيءَ ڪهاڻي دهرائڻ جو موقعو نہ ملي سگهي ها.

---

هو ٻئي ڏاڪٽيون لهي هيٺ پهتيون تہ موسم ڏاڍي خوشگوار ٿي وئي هئي. وڏا وڏا ڪڪر آسمان ۾ ۽ اُڀن جهڙا ڪڪر مٿي جي مٿان هوا ۾ تري رهيا هئا. عجيب رومانوي ماحول ٿي لڳو. اهوئي تہ طلسم هئو جنهن ڪوثر جي روح کي ڏنگيو هئو. اهي ئي تہ ڪڪرن جا پاڇولا هئا جن جي هيٺان هن پهريون ڀيرو سڪندر سان ڳالهايو هئو. ها ان نوجوان سان. هن جا قدم ڊاليءَ سان گڏ ڪشمير پوائنٽ ڏانهن وڌي رهيا هئا پر هن جو ذهن اڳ ئي اتي پهچي ويو جتي هوءَ اڄ کان گهڻو گهڻو اڳ پنهنجي ماءُ سان گڏ پهاڙي جي ڪناري تي نهيل ڪٺبن ۾ ويهي چانهہ پي رهي هئي. سامهون لوئر ٽوپا جي واديءَ مٿان اڇا اڇا ڪڪر دونهين جي ڪڪرن وانگر اچ وڃ ڪري رهيا هئا. ان وقت هن شعر چيو هئو:

تون نہ آئين تہ ڇا،
تو ٿي سمجهيو تہ مان،
تو بنا،
ڪيئن رهنديس هتي!
پر هي شام و سحر،
بنجي ڪارا ڪڪر،
ڇڻ ڪہ اڏري ويا،
۽ مان زنده رهيس.

Scanned by CamScanner

هن هيٺ نهاريو ته سامهون ڪيس هو هڪ ڪاٽيج جي سر سبز لان تي سوچ ۾ گم وينل نظر آيو هو. سندس نگاهون ٻه ڪڪرن ۾ ڪتل هيون. هن سوچيو هڪ ئي آبجيڪٽ کي ڏسڻ وارا ٻه شخص هڪٻئي کان اڻڄاڻ آهن. تڏهن ئي ڪيس چنڊ جي اهميت جو اندازو ٿيو هئو. هن کي تڏهن اها خبر پئي هئي ته چنڊ ٻن چاهيندڙن جي اکڻ تي هڪ ئي وقت چمڪندو آهي تڏهن ئي ته شاعر هن کي عشق جو پيغامبر ڪري چوندا آهن. هن جو ذهن ٿورو منجهي پيو هو. "امان مينهن ٿو وسي، چون ٿا ته هتي مينهن ڏاڍو زور سان وسندو آهي." ڊالي وري هن کي حال ۾ وٺي آئي. هن ڏٺو ته ٻي خبريءَ ۾ هو ڪافي پنڌ ڪري آيا هئا. سامهون ساڄيو ڪتاب خانو هئو. اوچتو هڪ ڪڪر وسڻ شروع ڪري ڏنو. هو ڪتاب خاني ۾ گهڙي ويا. ڪتاب ڪيڏي نه وڏي پناهه گاهه آهن. هن سوچيو، پر عذاب ۾ به ته اهي ٿا وجهن. هن جي ذهن تي قاضي قاذن جو شعر تري آيو،

سي ئي سيل ٿيام پڙهيام جي پاڻ لئهِ

اکر اڳيان ايري، واڳون ٿي وريام.

هن ڏٺو ته ڊالي بائيبل جا ورق اٿلائي رهي هئي. هوءَ انگريزي ادب ۾ ايم اي هئي ۽ هن کي بائيبل جي ڪهاڻين پڙهڻ جو شوق هو. ڪتاب خاني جو پوڙهو مالڪ هن کي پاڻ ڪتاب ڏيکاري رهيو هو. اوچتو هڪ جوڙو سهڪندو پسندو، ڪلندو، ٿهڪ ڏيندو اندر گهڙي آيو هن کي دل ۾ چهنڊڙي لڳي وئي. هن جون اکيون آليون ٿي ويون. ڪيس سمجهه نه آيو ته ڇا چوي. هن ڊاليءَ ڏانهن ڏٺو ۽ دل چيس ته ڪشمير پوائنٽ نه وڃي. خبر ناهي اتي ڇا ٿيندو؟ مينهن بند ٿيندي ئي هو دڪان مان ٻاهر نڪتا. سامهون خوبانين وارو وڻ هئو. ڊاغي خوبانيون خريد ڪري هو ساون

ساون ڏکڻ وٽن سان ڏکيل رستو پار ڪري ڪشمير پوائنٽ تي اچي پهتيون. هنن سان گڏ ماڻهن جو اڻ ڳڻ قافلو هئو جو ماڪوڙين جي قافلي وانگر ايندو ويندو پئي رهيو. پاڻيءَ جون اُڀون لوئر ٽوپا کان ٽيڻديون گورنر هائوس جي درين سان پئي ٽڪرايون. هن بي اختيار هٿ ڪاٽيج جي لان ڏانهن ڏنو جنهن جو ڏنڌلو تصور هميشہ کان سندس ذهن ۾ رهيو پيو هو. خبرناهي ڇا تي ڏسڻ چاهيائين، اتي هڪ نوجوان آرٽسٽ ڪينوس تي جهڪيو منظر ڪشي ڪري رهيو هو. هن ڊاليءَ ڏانهن ڏنو جيڪا پڻ محويت سان اوڏانهن ڏسي رهي هئي هن تڪ کان گهرو ساهہ کنيو ۽ ڪئبن واري چانهہ خاني ۾ پيل ڪاٺ جي ڪرسيءَ تي ويهي رهي. ڊالي هٿ پويان ٻڌي پيرن سان ٽپڪ ٽپڪ ڪندي اڳيان وڌي وئي. هن اکيون بند ڪري ڪرسيءَ جي پٺي تي ٽيڪ ڏني. ڪشمير پوائنٽ تان موٽڻ مهل هوٽل واري هنن کي صلاح ڏني هئي تہ واپسيءَ ۾ هو پوئين پاسي واري رستي کان موٽن ڇو جو اتي سنهيون سينريون هيون. هوءَ ماءُ سان گڏ انهيءَ رستي تان واپس ٿي هئي. ان رستي تي گهوڙيسواري جا شوقين گهوڙا ڊوڙائي رهيا هوا. ننڍا ٻار گاڏن ۾ سوار مائٽن سان گڏ هلي رهيا هئا. هن کلي ماڻس کي چيو هئو تہ، امان ايڏي ٿڪجي پئي آهيان جو دل ٿي چوي ..... "هن چرڪ پريو، ڊالي چئي رهي هئي، "امي ٿڪجي پئي آهيان، دل ٿي چوي تہ ٻارن واري گاڏي ۾ چڙهي هلان." هن جي هٿ ۾ چانهہ جو ڪوپ ڪنبڻ لڳو. پر ڊالي چانهہ پي رهي هئي ۽ هو نوجوان ڪينوس کي ۾ ڪنيو پاسي ۾ بيٺل گاڏي واري کان چٽن جي تريل دال وٺي رهيو هئو.

ڪوثر اٿي هلڻ لڳي تہ هڪ هوٽل واري چيو، "بي بي، واپسيءَ ۾ شهيد مسعود پارڪ واري رستي کان ٿيندا وڃجئو. ڏاڍيون سنهيون سينريون آهن. "ڪوثر ائين ٽڏو ساهہ پريو ڄڻ تہ ڪيس اها خبر هئي تہ هاڻ هو ڇا ...

چوندو. هو واپس روانا ٿيا. ڊالي ننڍين ننڍين پٿرن کي پيرن سان ٺڏيندي هلي رهي هئي. هنن جي اڳيان پويان ڪيترا ماڻهو هئا جن ۾ ڪجهه فاصلي تي اهو آرٽسٽ به سندن پويان هلي رهيو هئو. ڪوثر کي ياد آيو ته ڪيئن هن گهوڙي تي چڙهڻ جو اصرار ڪيو هئو ۽ ماڻس جي روڪڻ جي باوجود به گهوڙي تي چڙهي هئي ۽ پوءِ پراڻن فلمن وارو سين ورجايو ويو هئو. گهوڙو خبر ناهي ڇاڪاڻ ٿهي ونڃي ڀڳو ۽ هوءَ بي خياليءَ ۾ ڦهڪو ڪري وڃي هيٺ ڪري. پوءِ ڪيس ڪا خبر ڪانه هئي ۽ جڏهن اک کلي هئس ته پاڻ کي هوٽل جي ڪمري ۾ پلنگ تي پيل ڏٺائين. سندس پير ۾ ماڻس ڳوڙها پئي ڳاڙيا ۽ هڪ طرف هو نوجوان پيشانيءَ تي فڪر جون ليڪون ڪنيو بيٺو هئو. هن کي هوش ۾ ايندو ڏسي ٻنهي جي چهرن تي مرڪ اچي وئي ۽ ٻنهي گڏوگڏ ٿڌو ساهه ڀريو. ”امي گهوڙي تي چڙهان!“ ڊالي هن کان پڇي رهي هئي. هن جي دل ۾ آيو ته چويس ته ”ڇا هر ڳالهه ائين ئي ٿيندي آهي؟. ڳالهيون ٻئي ڪنهن طريقي سان به ته ٿي سگهن ٿيون! ڪاش هوءَ هينئر مريءَ نه آئي هجي ها! بلڪ ڪيترو نه سنو ٿئي ها جو هوءَ اڳ به مري نه آئي هجي ها! ڇا ٿيو آهي ۽ ڇا نه ٿيو هجي ها! هن جو ذهن فلسفي ۾ گم ٿيندو ويو. هن پويان نهاريو ته آرٽسٽ پنهنجي منهن چڻن جي دال چبيندو آهستي آهستي اچي رهيو هئو. خبر ناهي ڇو هن کي اهو سنهڙو، وڏن وارن وارو نوجوان ڇاتل سڃاتل ٿي لڳو. هن جي چال به مانوس لڳس، ها، هي ماحول هن جو پنهنجو ئي ته هئو، مانوس، هر قدم ۽ هر منظر اڳ ۾ ڏٺل هئس، هڪ پاسي پارڪ ته ٻئي پاسي وڏن ماڻهن جا بنگلا، غير ملڪي سفيرن جا بنگلا، سڀ ساڳيا هئا. بنگلن ۾ رنگ برنگي گل، رانديون ڪندڙ ٻار، اخبارون پڙهندڙ پوڙها، آيائون ۽ جوان سڀ ساڳيا ته هئا. هن کي چپ ڏسي ڊاليءَ وڌيڪ ضد نه ڪيو ۽ خاموشي سان

Scanned by CamScanner

هن ڪان ٻه قدم اڳيان هڪ گمنام شاعر جو شعر، انگريزي ڏن ۾ جھونگاريندي وئي.

(And yet I love her till I die)

ڪوثر بيشڪ هڪ خودسر ماءُ جي ڌي هئي پر ماڻس جي خود سريءَ جو وڏو ڪارڻ سندس پيءُ جي ڪريل ذهنيت ۽ لاغرضائي هئو. هن جو ڪم بس اهوئي هئو ته ٻنيءَ جي پئسن مان هر سال زال کي هڪ حصو ڏئي ڇڏي ۽ بس پوءِ هن جو وجود ۽ عدم وجود ٻئي برابر هئا. اهوئي سبب هئو جو ماءُ انهن ساڳين پيرن تي ڌيءَ جي تربيت به ڪئي هئي. هن کي اعليٰ کان اعليٰ تعليم ڏيارڻ سان گڏ اهو احساس ڏياريو هائين ته جي ڪنهن سان به ناهه ڪندي ۽ ڪنهن جو به چيو وٺي ٿوري به هيناهين اختيار ڪندي ته سندس حال به ساڳيو ٿيندو جيڪو هن جو ٿيو هئو. هيءَ خودسري آخر ڪوثر جي دل جو موت ثابت ٿي. ويهه ورهيه لنگهي ويا جو هوءَ جيئري هئي پر ها هن جي دل مري چڪي هئي. سڪندر ڪڏهن به اڳتي وڌي هن سان ملڻ جي ڪانه ڪئي هئي. پر جڏهن به هوءَ ساڻس ملي هئي ته ائين لڳندو هئس ڄڻ هر وقت ساڻس ملڻ جو اشتياق هجيس. هو ٻئي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪنگس ۽ ڪئينز ۾ دريءَ جي پر ۾ وڃي وهندا هئا، يا وري پوسٽ آفيس جي ڏاڪڻ تي ويهي خوبانيون کائيندا هئا. ڇهل قدمي ڪندا هئا. مرڪندا ۽ ٽهڪ ڏيندا هئا. هنن ڪيتريون شامون ۽ صبحون ڪشمير پوائنٽ تان هماليه جي برفاني چوٽين ڏانهن گھوريندي گھاريون هيون. ماڻس ان تي ڪڏهن به اعتراض ڪونه ڪيو هئو. ڪوثر خوش هئي بيحد خوش. ڪيس سمجھه ۾ نه ٿي آيو ته هوءَ ايترو خوش ڇو آهي! دنيا ۾ ٻيا به ته انسان آهن. ٻين سان گڏ هلندي ايڏي خوشي ۽ بي فڪريءَ جو احساس ته ڪڏهن به ڪو نه ٿيو هئس.

Scanned by CamScanner

هڪ پيري جڏهن ماٺس ٽڪجي پنڊي پوائنٽ ڏانهن ويندڙ رستي تي هڪ هنڌ سيمينٽ جي هڪ بئنچ تي ويهي رهي هئي ۽ هوءَ سڪندر سان گڏ ڪافي اڳيان وڃي چڪي هئي تڏهن سڪندر هن کان پڇيو هئو "ڪوثر تون جڏهن مون سان گڏ نه هوندي آهين تڏهن به مون کي پنهنجي ويجهو ڇو محسوس ٿيندي آهين؟" هن ڪلي جواب ڏنو هئو، "ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين" سڪندر ڪليو ڪونه هئو. هن پڇيس، "ڇو، موڊ آف ڇو آهي؟"

پر سڪندر جواب ڪونه ڏنو.

هن وري چيو، "اڄ موٽي پاڻ فوٽو ڪڍائينداسين" سڪندر وري به چپ رهيو.

"ڇو، نه ڳالهائڻ جو قسم کنيو اٿئي ڇا؟" هن ڪلي چيو.

"مون کي فوٽو ڪڍائڻ ڪونه وڻي". سڪندر جواب ڏنو. هوءَ چپ ٿي ويئي.

"يلا پاڻ گڏ ڇو آهيون؟" ڪوثر پڇيو هئو.

"اها خبر هجي ته ڇو گڏ هجون!" سڪندر عجيب جواب ڏنو.

جڏهن هو گهمي ڦري واپس ٿيا ته ڪوثر جو موڊ بلڪل آف هئو پر سڪندر هاڻي ڪلي ٽهڪ ڏئي رهيو هئو.

"امان، انب ونون؟" ڏالي هن کي ماضيءَ جي ڏنڌ مان ڇڪي چمڪندڙ حال ۾ وني آئي. هو پوسٽ آفيس وٽ مارڪيٽ ۾ پهچي ويا هئا.

"ها پلي، پر ڏسجئين، گبيل انب نه هجن." هن چيو ۽ وڏي بي اختيار پوسٽ آفيس جي ڏاڪڻ ٽائين وئي پر هبڪي بيهي رهي.

ڏالي انبن جو اگهه ڪٽايو ۽ انب وني واپس آئي. ماءُ کي ائين بيٺل ڏسي هن چيو، "امي، هاڻ هل ته ٿورو آرام ڪريون." انبن جو پڙو هن

Scanned by CamScanner

سڪندر پويان بہ ڪونہ نهاريو. هن وري زور سان سڏ ڪيس. پر هو تہ بہ خاموش رهيو. ائين ڪافي وقت گذري ويو. آخر ڪار پرچائيندي پرچائيندي ڪوثر جو موڊ آف ٿي ويو. هوءَ هڪدم مڙي واپس وڃڻ لڳي. اهو ڏسي سڪندر اٿيو ۽ ڊوڙي وڃي ٻانهن مان جهليائينس، پر هوءَ ٻانهن ڇڏائي تڪڙي تڪڙي واپس هلي آئي.

ان جي ٻئي ڏينهن جڏهن سڪندر ساٽس ملڻ آيو تہ هوءَ غائب هئي ۽ ماڻس هن کي ٻڌايو تہ ڪوثر پنهنجي ان عزيز سان گڏ ڪيڏانهن گهمڻ وئي آهي. سڪندر جو موڊ سخت آف ٿي ويو هو ۽ ڪوثر جو اهو عزيز جڏهن هن کي نتيا گلي گهمائي، رنگين فوٽو ڪڍي واپس وريو تہ ڪوثر کي وري شدت سان سڪندر جي نہ هجڻ جو احساس ٿيو. هن ڪي پهريون دفعو سڪندر جو ٺڪاڻو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن کي خبر پئي تہ هو هڪ ريسٽ هائوس ۾ رهيل هئو. هن سڪندر کي ڏاڍو ڳوليو، ڪيس چٽيءَ طرح ياد هئو تہ ان ڏينهن هلڪيون بوندون پئي وسيون، ٿڌي ٿڌي هير تن بدن ۾ چٽنگون ڏکائي رهي هئي. هوءَ اڪيلي پنڊي پوائنٽ ڏانهن ويندڙ رستي جي ڪناري تي نهيل شيڊ ۾ ويٺي سوچي رهي هئي تہ هيڏي ساري هجوم ۾ بہ هوءَ ڪيتري نہ اڪيلي هئي، زندگي ڪيتري نہ بي رنگ ۽ ڦڪي آهي؟ حالانڪہ هر طرف ڇهچٽو هئو، ڪلن جا ڪوڪرا هئا. ليڪن نہ هئو تہ من جو سڪون. مارا! انسان پنهنجي اندر ۾ ڪيترو نہ گهرو دفن ٿيل آهي. هن کي شوپنهار جي راءِ تي اوڏي مهل يقين آيو، تہ اهو انسان جو اندر ئي تہ آهي جيڪو ڪيس زنده رکي ٿو تہ وري ماري بہ ٿو. جسم تہ ڏيکاءُ آهي، جنهن تي وقت جو هڪ هڪ پل اثرانداز ٿئي ٿو، ان ۾ تبديليون آڻي ٿو پر اندر من ۾ تبديلي آڻڻ وقت جي وس ۾ ڪونهي. هن من ۾ جهاتي پاتي پر سڪون جو نالو نشان ئي ڪونہ

Scanned by CamScanner

هئس، ”نائي نيڻ نهار تہ تو ۾ ڏيرو دوست جو!“ دوست ڪٿي هو؟ پاڇولو هئو جيڪو اوندهہ ۾ ساٿ ڇڏي ويو. احساس جو بہ هڪ احساس هئو، بلڪ احساس جي احساس جو بہ هڪ احساس هو. هوءَ منجهي پئي، فلسفي ۽ حقيقي سوچ ۾ هن کي تضاد نظر آيو. هن کي تہ ساٿيءَ جي تلاش هئي.

”امي! ڇا پيا سوچيو. توهين تہ ڳالهايو بہ ڪونہ ٿا“ ڊالي هن جي پلنگ تي اچي ويٺي. هن عجيب نظرن سان ڊاليءَ ڏانهن ڏٺو. ”ڳالهائڻ لاءِ هريرو زبان هلائڻ ضروري آهي ڇا؟“ ڪوثر سوچي تہ ڇئي ڏي پر يڪدم پاڻ سنيالي ورتائين.

”نہ پٽ، ائين ئي تڪجي پئي هئس، اچ تہ ڳالهيون ڪريون“ هن چيو ۽ ڊالي سُري سندس ڪڇ ۾ مٿو رکي ليٽي پئي. پوءِ هو ڳالهائينديون رهيون. ڊالي ڳالهائيندي رهي. هن کي ائين لڳو ڄڻ اهي ڳالهيون ڊالي نہ بلڪ هوءَ پاڻ ڪري رهي هجي. ڊاليءَ جي ڳالهين مان هن کي عجيب سڪون ملي رهيو هئو. اهڙو سڪون جهڙو ڪڏهن پنهنجي منهن ڳالهائيندي ملندو آهي. خبر ناهي تہ ڪيڏي مهل هو ٻئي ڳراٽڙيون پائي سمهي رهيون.

ڪنهن مهل اوچتو در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. ڪوثر ڇرڪ ڀري اٿي ڪڙي ٿي. ڊالي بہ اکيون مهٽيندي اٿي ۽ ڪپڙن جا گهنج نيڪ ڪندي پلنگ تان اٿي وڃي دروازو کوليائين تہ سامهون اهو آرٽسٽ بيٺو هو. هو ڏاڍي معصوميت سان اکيون ڇنڀي ڏانهس ڏسي رهيو هئو. ڪوثر وڏي سوال پڇڻ واري انداز سان هن ڏانهن ڏٺو. ڇوڪري هٻڪي هٻڪي چيو، ”مون کي سئي ڌاڳو کپي، قميص جا بٽڻ ٽٽي پيا آهن، ٽاڪٽا اٿم.“ ڪوثر ڏٺو تہ هن جي هٿ ۾ رنگبرنگي ڇٽن سان قميص هئي. ڪوثر هن

Scanned by CamScanner

ڪان قميص ورتي ۽ هڪ پاسي تي اندر اچڻ لاءِ جاءِ ڏنائيس. اوستائين ڊالي سٿي ڊاڳو ڪڍي آڻي ڏنس. ڪوثر بيڙو ٽاڪڻ شروع ڪيو. ”ويهه ابا.“ ڪوثر چيو. هو پلنگ جي ڪنڊ تي تي وينو. ڪوثر بيڙي ۾ سٿي هٿي ڪجهه سوچيو ۽ وري قميص ۽ سٿي ڊاڳو ڊاليءَ کي ڏنائين. ڊالي غور سان بيڙا ٽاڪڻ لڳي ۽ ڪوثر اندر باٿ روم ۾ وڃي منهن تي پاڻي جا ڇنڊا هنيا. الائجي ڇو اهو سنهڙو ڇوڪرو هن کي اجنبي ڪونه ٿي لڳو. هونئن به هن جنهن ماحول ۾ اک کولي هئي ۽ پرورش حاصل ڪئي هئائين. تنهن ۾ اها ڪا خاص وڏي ڳالهه ڪانه هئي. سندس ماءُ جي طبيعت ۽ سندس سونهن جي ڪشش ۾ ڪنهن وقت ڪيترائي جوان عجيب ۽ غريب بهانا بڻائي سندس ويجهو پيا ايندا هئا. جيڪي ڊڄندا هئا اهي منجهس پنهنجي پيڻ جون انهيارون ڏسندا هئا ۽ ماڻس کي پنهنجي ماءُ ڪري سمجهندا هئا ۽ جيڪي ٿورا بهادر هئا سي بين الاقوامي سياست ۽ بين موضوعن تي ڳالهائڻ جي همت ڪندا هئا. پر انهن ۾ جيڪو وڏيڪ بهادر نڪتو سو ڪيس نڪرائي ويو. ڪي بزدل به هئا جيئن سندس اهو عزيز جميل جنهن آخرڪار ساڻس شادي ڪئي هئي ۽ هميشه سندس جتيون مٿي تي رکيو وتندو هئو. پر هاڻ هن جي دل اهڙن بزدلن مان پرجي چڪي هئي. هو صرف ”ها“ چئي سگهن ٿا. بلڪل چابيءَ جا گڏا. چابي ڏيو ۽ هر عمل چالو! ڪوثر کي ڪنهن اهڙي شخص جي ضرورت محسوس ٿي ٿي جيڪو ساٿي بنجي سگهي، جيڪو اختلاف ڪري سگهي ۽ اهو شخص وقت جي ڏنڊ ۾ هميشه هميشه لاءِ گم ٿي چڪو هئو. ان کي ڳولڻ هاڻ ايترو آسان نه هئو. ويل وقت ڪڏهن هٿ آيو آهي، هن سوچيو.

'We can die by it, if not live by love.'

هن ڏٺو ته ڊاليءَ بٽڻ ٽاڪي ڇڏيا هئا. پر نوجوان وري ڏاڍي معصوميت سان کيس چئي رهيو هئو. ”امان، توهان جي مهرباني، مون توهان کي

ڇهري تي سڄاٽپ واري مرڪ ظاهر ٿي ”مون سوچيو ته هتان جون ڪي سوڪڙيون ونني ڇڏيان“ هن چيو.

”ڇو واپس پيو وڃين ڇا؟“ ڪوثر هڪدم ائين پڇيس ڄڻ ته هو پراڻو واقفڪار هئس.

”نه ٻه چار ڏينهن ته آهيان“ هن ڊاليءَ ڏانهن ڏسندي چيو. ان طرح انداز ٿيڻ ڪوثر کي خراب ڪونه لڳو. هوءَ ته نظرانداز ٿيڻ تي هري وئي هئي.

”اڄ رات جي ماني اسان سان گڏ کائجئين.“ ڪوثر هن کي دعوت ڏيندي چيو.

”رڳو رات جي ماني. شام جي چانهه نه!“ هن کلندي چيو ”ها ها، بلڪ تون هينئر ئي اسان سان گڏ هل.“ ڪوثر چوڻ کي ته چئي ويٺي پر وري ڊاليءَ جا تاثرات ڏسڻ لاءِ ڏانهس نهاريائين، جيڪا بي خياليءَ سان پاسي واري فروٽ جي دڪان تان ڪچا اکروٽ وٺي رهي هئي. ”ڪچا اکروٽ ڏندن تي هٿيا ته ڏند ڪڏهن به خراب ڪونه ٿيندا“ دوڪاندار هن کي چئي رهيو هئو.

خريداري ٿيندي رهي، ٽوڪرا ۽ ڇبيون ڀرجندا رهيا ۽ آرنسٽ بلڪل هڪ قليءَ جيتري سامان سان لڏجي ويو. هن کي ايتري سامان سان سٽيل ڏسي ڊالي اڇي کل ۾ پئي. ڪوثر دڙڪو ڏيندي چيس، ”ڪجهه سامان ڪٽائينس، رڳو اجائي کل به نيڪ ناهي.“ ان تي هن به هلندي هلندي کلي چيو ”توهين فڪر نه ڪريو.“ شايد اهو سڪندر هو جيڪو ساڻس ڳالهائي رهيو هئو. پر نه اهو سڪندر ڪونه هو نڪو هوءَ اها هئي. هوءَ ته ڪا ٻي هئي. هيءَ دنيا ته ڊاليءَ جي دنيا هئي، ڪوثر جي دنيا ته ماضيءَ جي طوفان ۾ لڙهي چڪي هئي. گم ٿي چڪي هئي.

---

اسپنزار جي ڪشادي ٿلهي تي خوبصورت ڪرسين تي ويهي ڊالي ۽ آرٽسٽ، جنهن جو نالو ارشد هئو، ڏاڍي شد مد سان آرٽ تي ڳالهائي رهيا هئا. ڊاونسي ۽ وان گاگ تان ٿيندي هو موهن جي دڙي واري ناچڻيءَ تي اچي اٽڪيا هئا، ارشد جو چوڻ هو ته اها به گنڌارا تهذيب واري دور جي هٿ آيل ناچڻيءَ جهڙي ئي ٿي لڳي پر ڊاليءَ جو چوڻ هو ته ٽيڪسيلا جي کنڊهرن مان هٿ آيل ناچڻيءَ جي اڌ ڀڳل مورتي جو هن سان ڪو به واسطو ڪونهي. ڊاليءَ جو ضد هئو ته انهن ۾ هڪ جهڙائي نه ڳولڻ گهرجي ڇو ته ٽيڪسيلا جي تهذيب موهن جي دڙي کان تمام گهٽو پوءِ جي تهذيب آهي. ڪوثر هنن جي بحث کي دلچسپيءَ سان ٻڌي رهي هئي. ارشد مرڪي مرڪي هر ڳالهه جو جواب ڏئي رهيو هئو. پر ڊالي جو موضوع سخن هڪ هنڌ بيهنو ئي ڪونه ٿي. هوءَ زور شور سان چئي رهي هئي ته ”هومر جو ايليڊ ۽ رامائڻ هڪ ئي ڳالهه آهي.“ آرٽسٽ مرڪندو رهيو. ”توکي اعتبار ڪونه تو اچي، پلا ڪومس پڙهيو اٿئي؟“ هن آرٽسٽ کي ڪلندي ڏسي چيو، ”ها پڙهيو اٿم، پر ڪو شعر نه پچي ويهجئين، هاڻي ڪجهه به ياد ڪونه اٿم.“ هن کلي وراڻيو.

”پلا اهو ته ياد هوندئي ته پيڻ ٻن پائرن سان گڏ جهنگ مان لنگهي ٿي جو هڪ شيطان نما جادوگر جي چنبي ۾ ڦاسيو وڃي.“

”ها، سو؟“

”اوه، ڊالي اهي **Similiarties** آهن، هڪ جهڙايون، ڪڏهن ڪڏهن هزارين ميلن تي رهندڙ ٻن ماڻهن جون شڪليون هڪ جهڙيون ٿينديون آهن، شعر هڪ جهڙو تي پوندو آهي، ”هست قرآن در زبان پهلوي“ ۽ ”بيت نه پانيو ماڻها آيتون آهن“ به ته هڪ مفهوم وارا شعر آهن.“ ڪوثر پهريون

Scanned by CamScanner

دفعو بحث ۾ حصو ورتو. ”اها ڳالهہ ائين ئي چوڻ نيڪ ناهي تہ سيتا ۽ هيلن آف ٽراءِ جو قصو ساڳيو آهي.“

ارشد ڪوثر جي هن بحث تي حيران ٿي ويو.

”نہ امي، بلڪل ساڳيو آهي، مون اجا هاڻي پڙهيو هئو تہ مينادر بادشاهہ جي وقت ۾ اهو قصو ٽيڪسيلا جي يونيورسٽيءَ ۾ ترجمو ڪرايو ويو هئو. ”ڊالي ڪٿي آڻ مجڻ واري هئي، ان حقيقت کان ڪوثر بہ واقف هئي. ارشد چڪن سينڊوچز جي پليٽ ڪوثر ڏانهن وڌائي. هوڏانهن هوٽل جي ڪائونٽر تي رکيل ٽيپ تي بيري مينيلو جا نغمہ فضا ۾ موسيقيءَ جا رنگ پکيڙي رهيا هوا. This one is for you, whereever you are شام جا پاڇا گهرا ٿي ويا هئا. سامهون مرحبا جي ٿلهي تي ڪون آئسڪريم جي لڳل مشين وٽ ٻار ۽ وڏا آئسڪريم ۽ قلفيون کائي رهيا هئا. ۽ مال تي ماڻهو اچڻ وڃڻ ۾ مصروف هئا. ڪجهہ آهستي آهستي چهل قدمي ڪري رهيا هوا تہ ڪي وري تيز تيز ائين هلي رهيا هوا جڻ تہ ڪين ڪٿي جلدي پهچڻو هجي. ڪوثر ڪنهن ڪنهن مهل دلچسپي سان هنن ڏانهن ڏسي رهي هئي.

”امي، پوسٽ آفيس جو چڪر هڻي اچون! ”ڊاليءَ چانهہ جو ڪوپ پورو ڪندي چيو.

”ها، پوءِ ٿا اچي ماني کائون، “ ڪوثر چيو ۽ بل ڏئي ٽيئي اٿي کڙا ٿيا. سامان اجا ارشد جي ڳچيءَ ۾ هئو تنهن ڪري هو پهرين هوٽل ۾ ويا جتي سامان رکي وري واپس هيٺ لٿا. خبر ناهي ڇو ڪوثر کي اڄ گهڻو ٿڪ ڪونہ پئي محسوس ٿيو.

هو آهستي آهستي ڳالهيون ڪندا پوسٽ آفيس ڏانهن هلڻ لڳا. رات تي رانديڪن ۽ فينسي سامان جا دڪان روشنين ۾ جهرڪي رهيا

Scanned by CamScanner

هئا. جڳهه جڳهه تي هيٺ ڏاڪڻيون لهنديون نظر آيون. هنڌ هنڌ اکروٽ جون فينسي ڇڙيون وڪٽنڊڙ بينا هئا. ڪڙهائي گوشت جا دڪان ماڻهن سان سٿيا پيا هئا. ٿورو ئي اڳيان ڪتابن جو هڪ وڏو دڪان ڏسي هو ترسي پيا. ڊاليءَ هڪدم جيمس جوائز جو "يوليسس" ڪيڊرايو ۽ ڪوثر سارتر جو "بينگ ائنڊ نٿنگنيس" ڏسڻ لڳي. وجوديت جي نئين فلاسافي. وجود جيڪو هڪ معنيٰ خيز شئي هوندي به هن لاءِ بي معنيٰ بنجي چڪو هئو. وجود جي ورن کان واقف هوندي به هن اهو ڪتاب خريد ڪري ورتو. ڊاليءَ يوليسس خريد ڪيو ۽ ارشد "گريٽ آرٽسٽ ائنڊ ديئر ماڊلس" جا به حصا ڊاليءَ کي تحفي طور پيش ڪيا. ڊاليءَ کلي چيو. "معاف ڪجئو موٽ ۾ آءُ يوليسس توهان کي پريزنٽ ڪونه ڪنديس. ڇو جو منهنجي عرضي کان اهو ڪتاب پڙهڻ جي آرزو هئي."

(( ارشد نهه پهه وراڻيو، "پريزنٽ، موٽ جي آسري ۾ ڪونه ڪبو آهي!")))

هن ڇوڪري اهي جملا ڪنهن کان سکيا؟ ڪوثر سوچي حيران ٿي وئي. کيس ياد هئو ته گوئٽي جو "فائوسٽ" کيس پريزنٽ ڪرڻ مهل سڪندر به کيس ائين ئي چيو هو. پر هاڻ هو ڪانئس دور هئو. هن ڪنڌ کي ڌوڻي ڇڻ انهن خيالن کان جند ڇڏائڻ ٿي چاهي ۽ اڳيان وڌي جتي ڊالي اکروٽ جي خوبصورت ڏنڊي خريد ڪري رهي هئي. ڪوثر کي پڪ هئي ته، هاڻ ارشد چوندو ته اها ڏنڊي نقلي اکروٽ جي آهي. ڇو جو سڪندر به ائين چيو هئو. هن بي اختيار ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيون، پر نه، هو کلي رهيا هئا. ٺهڪ ڏيئي رهيا هئا.

"امي، تون پويان رهجيو وڃين!" ڊاليءَ نقلي ڪاوڙ مان چيو.

Scanned by CamScanner

گهٽو ئي چاهيو ٿي تہ جميل کي پهچ جو اطلاع ڪري ڇڏي پر وري سوچيائين، ”هن تہ ايندي وقت اهو بہ ڪونہ پڇيو هئو تہ موٽندا ڪڏهن؟“

هوٽل اچي وئي ۽ هو ڪاڏي جو چٽي ورانڊي ۾ پيل ڪرسين تي اچي ويٺا. هيٺ مال جو رنگ بہ ڦڪو ٿي رهيو هو. اڙيا ٿڪيا ماڻهو بہ پنهنجن ٺڪاڻن تي واپس وڃي رهيا هئا. مرڪندڙ جوڙن جي چال مان بہ ٿڪ ۽ بيزاري نظر پئي آئي. مال ويران ٿي رهيو هو. ”روح جي ويراني کان وڏيڪ ڪهڙي ويراني ٿي سگهي ٿي.“

ور سا سجي ويڙهہ، جتي سڄڻ هيڪڙو
سو ماڳوئي ڦير، جتي ڪوڙ ڪماڙئين.

---

اسر ويل ڪوثر جي ننڊ ڦٽي پئي. رات بہ دير تائين ننڊ ڪونہ آئي هئس. الائجي ڪهڙا ڪهڙا خيال پئي آيس. جميل جو خيال بہ پئي آيس. خبر ناهي ڇا سوچيندو هوندو؟ شڪي تہ هو هوئي. اڳي متس شڪبو هو تہ هاڻ وري ڊالي وڏي ٿي. اهو بہ شڪر آهي جو ڊاليءَ جي دل لڳي وئي هئي نہ تہ ڪيس تہ هتي اچي ڏاڍي بي چيني ٿي هئي. هن ڊاليءَ ڏانهن ڏنو جنهن جي سيراندي ”يوليسس“ رکيو هئو. هن جي چهري تي اطمينان ڦهليل نظر پئي آيو. ڪوثر سوچيو. جيڪڏهن ان مان ٿورو ذرو سڪون هوءَ بہ حاصل ڪري سگهي تہ شايد باقي حياتي آرام سان گذري وڃي. آرام جيڪو هن جي علم ۽ نظر ئي مطابق زنده رهڻ لاءِ هڪ مضبوط مفروضو هئو. هن ڪي ڊاليءَ جي راتوڪي رمارڪ تي کل اچي وئي. هن ڊاليءَ جي ڪنهن ڳالهہ تان کلي چيو هو تہ ”تون اجا ننڍي آهين“. ڊاليءَ ان تي وراڻيو هو. ”برنارڊ شا سچ چيو آهي تہ صرف اسان جو درزي حقيقت پسنديءَ کان

ٿيندو هئو تہ پهرن جا پهر اڪيلائيءَ سان پئي دل وندرائيندي هئي. ساهڙين سرتين کي بہ منهن ڪونہ ڏيندي هئي. بس پاڻ هوندي هئي ۽ خيالن جو وهڪرو ۽ وري جڏهن موڊ بدلبو هئس تہ وڻ گهوڙو ٻڌڻ نہ ڏيندي هئي. ڪلي ڪلي ڪيري ٿي پوندي هئي. هن کي بہ پيءُ جو پيار ڪونہ مليو هو. ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي هئس تہ ڪاش سندس پيءُ ڪڏهن ڪيس پيار ڪري، دلداري ڏي. پر نہ - اهو هن ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو. پيءُ جو ڪم هوندو هئو سال جو خرچ پهچائڻ. بس اهو بہ سندس ماءُ لاءِ هڪ جميل ٿي هو. هن جو ڪم ڪهڙو هوندو هو. نيون شاديون ڪرڻ ۽ ٻار ڄڻڻ. ڪو وقت اهڙو بہ اچي ويو جڏهن ڪوثر کي اهو بہ وسري ويندو هو تہ ڪو هن کي پيءُ آهي. ماڻس چوندي هئي، توکي ڇو بي قدرن جو فڪر آهي، تون ڪاءُ پيءُ خوش رهہ. هاڻ هن کي ڪير سمجهائي تہ خوشي رڳو ڪائڻ ۽ پيئڻ ۾ مان ڪو نہ حاصل ٿيندي آهي. گندي ۽ گراه تہ زنده رهڻ لاءِ صرف هڪ ذريعو آهن. پر خود زندگي ڇا آهي؟ ڪهڙو جذبو آهي؟ ان جو جواب ڪوبہ فلسفي هن کي نہ ڏئي سگهيو. مابعد الطبعيات، تصوف، وجوديت اميد پرستي، مطلب تہ ڪنهن بہ فلسفي ۾ ان جو جواب ڪونہ هئو. اهوئي سبب هئو جو پنهنجين هڪ جيڏين لاءِ هوءَ معمو هئي. هن لاءِ وري سندس ماءُ معمو هئي جيڪا پاڻ تي پهاچون سهيو بہ خوش هئي. صرف هن لاءِ. ڪيس چوندي هئي تہ، مردن تي اعتبار نہ ڪجئين، جتيءَ برابر سمجهجئين. متان ڪا پرواهہ ڪئي اٿئي. ڏس تنهنجي ماءُ ڪڏهن ڪا پرواهہ ڪئي آهي. هن کي اهي ڳالهيون سمجهہ ۾ ڪونہ ايندڀون هيون. هن تہ تعليم حاصل ڪئي هئي، چارلس ڊڪنس ۽ ميري ڪورالي پڙهي هئائين. هن کي ٽام جونس جي صوفيہ ياد هئي ۽ قرة العين حيدر جي چمپا احمد ڪان واقف هئي. هيلن ۽ سيتا جا ڪردار معلوم هئس. هوءَ زندگيءَ ۾ عورت ۽

مرد جي ڪردار کان واقف هئي. جڏهن برٽرينڊ رسل عورتن جي حق ۾ نعرو بلند ڪيو هئو، تڏهن هن به ڪاليج جي اڱڻ ۾ جلسو ڪيو هئو. پر ماٽس جون ڳالهيون سندس سمجهه کان ٻاهر هيون. اها خبر هئس ته اهو هن جو تجربو هئو، پر تجربو غلط به ته ٿي سگهي ٿو. پر ماٽس جي نظريات جو عملي طرح مٿس ڏاڍو اثر ٿيو. هن ڪڏهن ڪنهن مرد کي پنهنجي ويجهو ئي اچڻ ڪونه ڏنو. سندس هڪ ئي ته دوست هئي. سعيده، جيڪا سندس اڪيلائين جي ساٿي به هئي. هوءَ کيس عجيب عجيب ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. هن سعيده جي صحبت ۾ ئي جان ڊن جي ايڪسٽسيءَ جو مفهوم سمجهيو هئو. پر کيس هر وقت سعيده جي صحبت به ڪونه ٿي وڻي. ڪنهن ڪنهن مهل هوءَ سعيده سان به ڪاوڙجي پوندي هئي. پر وري جڏهن سعيده جو موڊ آف ٿي ويندو هو ته هن کي مٿس پيار اچي ويندو هو. کيس خبر هئي ته سعيده جيڪا هن جي اک جي هڪ اشاري تي سر ڏيڻ لاءِ تيار هوندي هئي، تنهن پنهنجي لاءِ بهترين رشتا رڳو سندس پيار جي ڪري نڪرايا هئا. هوءَ شاعري سان شوق رکندي هئي ۽ کيس پيارا پيارا شعر پڙهي ٻڌائيندي هئي. ليڪن ڪيستائين؟ آخر هوءَ سعيده مان ڪڪ ٿي پئي هئي. ۽ هن جي تصورات ۾ عجيب عجب پاڇولا اچڻ لڳا هئا. خيال ٿيندو هئس ته ڪو کيس ايترو زور زور سان ياڪر پائي جو سندس وجود هن جي وجود ۾ گم ٿي وڃي. پوءِ هوءَ يڪدم فلسفي جو ڪو ڪتاب کولي ويهندي هئي. پر فلسفو به اهڙن جذبن کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ڪونه ٿيندو هو. هن کي دل ۾ ايندو هو ته ڪو اهڙو ساٿي هجي جيڪو ذهني طرح سندس ساٿ ڏئي سگهي. پر اهڙو ساٿي صرف ماءُ هئي. هو گڏ گهمنديون هيون. فلمون ڏسنديون هيون. شاپنگ ڪنديون هيون. دنيا جي مسئلن تي ڳالهيون

Scanned by CamScanner

ڪنديون هيون. تنهن کان پوءِ سندس ڪلاس فيلو هوندا هئا جيڪي مختلف بهانا ڪري ساڻس ملڻ چاهيندا هئا. هوءَ سڀ ڪجهه سمجهندي به ڪليءَ دل سان هنن جو آڌر ڀاءُ ڪندي هئي. دل ئي دل ۾ ڏک ٿيندو هئس ته آخر هي ماڻهو سمجهن ڇا ٿا؟ ليڪن زندگي هڪ اهڙي رنگ ڍنگ ۾ هلي رهي هئي جو هن ان کي ٽوڙڻ نه ٿي چاهيو. هوءَ سڀڪجهه سمجهندي به اڻ ڄاڻ رهڻ جي ڪوشش ڪندي هئي.

اهي ئي ڏينهن هئا. هن جا امتحان ٿي چڪا هئا. موڪلون هيون. هوءَ ماءُ سان گڏ ڪوهه مريءَ آئي هئي. ڪراچيءَ کان راولپنڊيءَ تائين ريل جو سفر، راولپنڊي کان مريءَ تائين بس جو سفر ۽ پوءِ ذهن جو سفر!

”امي جاڳو پيا يا ستا پيا آهيو.“ ڊاليءَ جو آواز هن جي ڪنن ۾ پهتو.

”جاڳان پئي.“ هن جي لهجي مان ٿڪ جو اظهار پئي ٿيو. ”امي ارشد آيو آهي.“ ڊاليءَ هن کي ٻڌايو. ”هن کي اچڻ به کپندو هو.“ ڪوثر دل ۾ چيو ۽ وڏي سڏ چيائين، ”چڱو جو آئين هاڻ اچ ته گڏجي ماني کائون.“

”آءُ ته ماني کائي آيو آهيان امان!“ ارشد وراڻيو.

”ڏس نه امي، پاڻ ته نان پاوا کائي آيو آهي ۽ اسين پلي ته هن هوٽل جو گندو کاڌو کائون.“ ڊاليءَ شڪايت ڪئي. کاڌي جي باري ۾ هن جي پنهنجي ٽيسٽ هئي.

”پوءِ ڇا ٿيو، توهين به هلو ۽ هلي نان پاوا کائو.“ ارشد چيو.

”بس آءُ تيار ٿي وٺان ته هلون ٿا!“ ڪوثر چيو ۽ باٿ روم ۾ وڃي منهن ڌوئڻ لڳي. ”ڊالي ٽوال ته ڏي.“ هن منهن ڌوئي چيو. ڊالي ڊوڙي ٽوال وڃي ماءُ کي ڏنو. هوءَ منهن اگهندي ٻاهر نڪتي، ”ابا، تو تصويرون ناهيون؟“ هن ارشد کان پڇيو، جيڪو يوليسس جا ورق اٿلائي رهيو هو. ارشد ڏانهس سواليه انداز ۾ نهاريو ۽ هن کي ائين لڳو ڄڻ ته ارشد هاڻ

خود هڪ تصوير جو حصو بڻجي ويو آهي. هوڏانهن ڊالي ارشد کي تنگ ڪري رهي هئي. ”ڏاڍو ڪتاب پيو ڏسين، پهرين اهو ته ٻڌاءِ ته پڙهيل گهڻا درجا آهين.“

”پڙهيل ته ڪونه آهيان نه ڪو اها خبر اٿم ته اوڊيسي جو هيرو يوليسس هو.“ ارشد به کلي وراڻيو ۽ ڪوثر جي منهن تي مرڪ ڦهلجي وئي. ڊاليءَ ڪتاب هن کان ورتو ۽ ڪٽ تي اڇليندي چيائين، ”اسان جو ٽو بڪ ۾ ساهه وجي ۽ هن کي فقري بازيءَ جي لڳي آهي.“ ٽئي ڄڻا مرڪندا ٻاهر نڪتا ۽ ڪمرو بند ڪري هيٺ مال روڊ تي لهي آيا جتي ماڻهن ڄڻ ته ڪو فرض پورو ڪرڻ لاءِ اچ وڃ ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي.

((آسمان صاف هئڻ جي ڪري هر طرف سونهري اس پکڙيل هئي ۽ جسم کي هلڪو هلڪو وٺندڙ سيڪ ڏئي رهي هئي)) هو ٿورو اڳتي اچي ساڄي پاسي نهيل ڏاڪڻيون هيٺ لهي ڪاڏي واري هڪ صاف هوٽل ۾ داخل ٿيا. ڪوثر هن کان اڳ به اتي آئي هئي. ان وقت به هو ٽي ڄڻا هئا. ڪوثر، ماڻس ۽ سڪندر. هو ان سان ساڳي پاسي وارين ڪرسين تي اچي ويٺا هئا جتي هو اڄ اچي ويٺا هئا. فرق ايترو هو ته اهي ڪرسيون بيون هيون ۽ هي ماڻهو ٻيا هئا. هن کي ياد هئو ته ان ڏينهن به جوڙا سندن سامهون ويٺا هئا. انهن مان هڪ عورت بار بار اپڙاڪا پئي ڏنا ۽ آخرڪار اٿي وڃي واش بيسن ۾ الٽيون ڪيائين. هن جي ماڻس جون ان عورت تي وڌل شڪي نظرون به ياد هيون. ان تي سڪندر مرڪي ڏنو هئو ۽ هن ان ڳالهه کي لنوائي ٻئي طرف ڏسڻ شروع، ڪيو هئو. هينئر به سامهون ٻه عورتون ۽ ٻه مرد اچي ويٺا. هن ڊالي ڏانهن ڏٺو ۽ ڪيس هڪ اڻ ڇاتل ڊپ اچي ورايو. ان ڊپ کان بچڻ لاءِ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو ڄڻ ته ان آواز جي زور تي هن پنهنجو وجود محسوس ڪرڻ ٿي چاهيو.

"ابا تون ڪٿي جو آهين؟" هن ارشد کان پڇيو جيڪو بيري کي آرڊر ڏئي رهيو هئو.

"نوابشاهه جو!" ارشد وراڻيو.

"هاڻ، ڪراچيءَ ۾ رهين؟"

"ها، اتي هڪ فرم ۾ آرٽسٽ آهيان."

"اسين به ڪراچي ۾ رهندا آهيون."

"ها، ڊاليءَ ٻڌايو هئو."

"ڊاليءَ هن سال انگريزيءَ ۾ ايم. اي ڪئي آهي ڇوڪري تي ته نوڪري ڪريان!"

"ها چڱو آهي، ونڌري پئي هوندي."

"پر منهنجي مرضي ڪونهي، آءُ ڀانيان ٿي ته هن تي ڪو بار نه پوي."

"ليڪن ذميواريون آخر ته ڪٿيون پوندس!" ارشد چيو. بيري سامان اچي رکيو ۽ ڊالي کائڻ ۾ جنبي وئي.

"تون ڪراچيءَ ۾ اسان وٽ ضرور اچجئين." ماڻس چيو.

"واهه امي، اها به ڪا چوڻ جي ڳالهه آهي!" ڊاليءَ پائي جي نري ڇباڙيندي چيو. هوءَ کاڌي جي معاملي ۾ بلڪل بي تڪلف هئي.

"ڇوڪري، تون ته ڇڻ ماٺهو خريد ڪريو ڇڏين. بس حڪما حڪمي شروع ڪريو ڏين." ڪوثر کي پنهنجي آواز تي يقين ڪونه آيو. اهي اکر ته سندس ماءُ جا هئا. هن ڇپن کي زور سان پيٽي ڇڏيو. سندس اکين اڳيان ڪو ڏنڊ اچي ويو. هن بي اختيار هٿ وڌائي ڇڻ وقت کي روڪڻ چاهيو، سندس هٿ ڊاليءَ جي ٻانهن ۾ وڃي پيو.

"امان، توهان ته ڪائو ئي ڪونه ٿا!" ارشد چيو ۽ هن ڇرڪي اک کولي. هتي ڪوبه سڪندر ڪونه هئو. آخر هن جي ذهن اهو ڇو نه ٿي

Scanned by CamScanner

انهيءَ ڏينهن ئي جميل بہ آيو هئو. ”آءٌ پنهنجي ماضيءَ کان ڪيڏانهن پڄان، ياد ''ماضي واقعي عذاب آهي.“ هن پلنگ تي ليٽي اکيون بند ڪيون تہ جيئن ماضيءَ کان فرار حاصل ڪري، پر يادون هر هر هن جي ذهن جي در جو ڪڙو ڪڙڪائي رهيون هيون. ٺڪ ٺڪ ٺڪ ...... آواز وڌندا ويا، وڌندا ويا. هن زور سان ڪنن کي هٿن جي ترين سان بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هوءَ پگهرجي وئي. سندس سڄو وجود ڪمزوريءَ جي لهر ۾ لڙهي ويو. هن اکيون کوليون ۽ اجنبي نگاهن سان ڪمري کي ڏسڻ لڳي.

---

هوٽل جون ڏاڪڻون لهندي ڊاليءَ جي دل ٿي تہ جيڪر واپس وڃي ماءُ کي بہ وٺي اچي پر وري ارشد ڏانهن نهاري خاموش ٿي وئي. ارشد بہ خبرناهي تہ ڪهڙي سوچ ۾ گم هئو. ٻئي ڇٽا چپ چاپ ڏاڪڻيون لهي پنڊي پوائنٽ ڏانهن هلڻ لڳا. ٿورو اڳتي رستي جي ڪناري تي لوهي بچاءُ وارن پائيپن وٽ هڪ شخص رنگا رنگي نيڪ ٽايون وڪڻي رهيو هو. ارشد هن وٽ ترسي ٽايون ڏسڻ لڳو. رستي جي ٻئي پاسي گرم گرم پڪڙا وڪڻندڙ جي گاڏي وٽ بيٺل هڪ خوبصورت ڇوڪري هن ڏانهن ڏسي رهي هئي. ڊاليءَ هڪدم تاڙي ورتو ۽ ڪنگهڪار ڪندي چيائين، ”آرٽسٽ صاحب، هتان هلو نہ تہ ڪٿي توهان کي پنهنجي فن جو ڪو متوالو نہ ملي وڃي!“ ارشد بي خياليءَ ۾ ڏانهس نهاريو. هن جي هٿ ۾ هڪ خوبصورت ڳاڙهي ٽاءِ هئي. ”ڇا چيئي؟“ هن پڇيو.

”مون چيو تہ ڏسو ماڻهو توهان کي ڪيئن پيا ڏسن“

”مون کي؟ ڇو مون ۾ ڇا آهي؟“

ارشد کان آلو بخارا ڦري کائي. پر وري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي پاڻ کي روڪيائين ڇو جو اتي ڪيترا ٻيا ماڻهو به هئا. جن مان ڪيترن ماڻهن جون نگاهون منجهس کتل هيون. ”آخر ماڻهو پنهنجو پاڻ کان وڌيڪ ٻين ۾ دلچسپي ڇو ٿا وٺن.“ هن سوچيو. ”رڳو پرايون پچارون، گلائون، تعريفون، پرايون ڳالهيون.“ هوءَ اڳيان وڌندي وئي. ”آخر ماڻهو پنهنجو پاڻ سان واسطو ڇو نه ٿا رکن. ٻين ۾ سندن ڇا؟“ پر بقول سارتر جي هيءُ دور ته آهي Hell is other man هن جو دماغ وري وجي فلسفي ۾ ڦاٿو جنهن کان هن ڇوٽڪارو پائڻ ٿي چاهيو. فلسفي سورن ته سارتر ئي ڪونه وڻندو هوس، نه ته هن جي ناولن ۾ ڪافي دلچسپي موجود هئي، هن سارتر جي Age of reason جي ميٿيو جو غم پاڻ به محسوس ڪيو هو، پر سمجهيو ڪونه هئائين. اڃا هن جي احساس ۽ سمجهه ۾ ڳانڍاپو پيدا ڪونه ٿي سگهيو هئو. هن جي لاءِ زندگي ڪنهن وقت حسين گلن جو گلدستو هئي ته ڪنهن وقت خاموش ٿوهر جو هيڪلو وڻ. هن جڏهن اياز جو نظم ”هاءِ حياتي هي ٿوهر جو وڻ“ پڙهيو هوائين ته پاڻ کي به ڪنهن اٿاهه ريگستان جي وچ ۾ اڪيلي ٿوهر جيان محسوس ڪيو هئائين. ٿوهر جيڪو ڇانو به نه ٿو ڏئي سگهي! بي خياليءَ ۾ وڌندي هوءَ ارشد جي ويجهو اچي پهتي.

”ڇا پئي سوچيندي اچين؟“ ارشد هن کي ويجهو پهچندي ڏسي چيو.

”ڪجهه به نه هاڻ هلو.“ ڊاليءَ کي ائين لڳو ڄڻ ته هن ڪو وڏو سفر ڪيو هجي.

”ها هلڻ گهرجي.“ ارشد پُل تان اٿيو. هن پنهنجي اردگرد هلندڙ جوڙن کي ڏٺو. ”هرڪو ماڻهو جوڙو جوڙو ڇو ٿو ناهي؟“ هن ڄڻ ته پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو.

Scanned by CamScanner

”ان ڪري جو هرڊان ڪوئگزاٽ کي هڪ سانچوپانزا جي ضرورت هوندي آهي.“ ڊاليءَ ڪلي چيو.

”هر وقت ادب ۾ گم نہ رهندي ڪر، ائين چو نہ ٿي چوين تہ هر ماڻهو کي هڪ اهڙي ساٿيءَ جي ضرورت آهي جيڪو ڪيس ٻڌي سگهي ۽ پاڻ ٻڌائي سگهي!“ ارشد چيو.

”ها، پر ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو سلسلو بہ مجڻ ۽ مڃائڻ وانگر ٻور سلسلو آهي.“ ڊاليءَ پير سان هڪ ننڍڙي پٿر کي ٺوڪر هڻندي چيو.

”چو پئي ويچاري معصوم پٿر کي ٺوڪرون هڻين!“

”ان ڪري جو وڏي پٿر کي ٺوڪر هڻنديس تہ پير ۾ ڏک لڳندو.“

”يعني ٺوڪر ضرور هڻبي!“

”ها، ورنہ ٺوڪرون ڪائٽيون پونديون.“

”ناهہ جي ڪا صورت، ڪو ايگزسٽنس Co-existance جو ڪو طريقو.“

”اهي ڪتابي ڳالهيون آهن. وجود ويڙهہ سان قائم آهي. ”ڊارون تي يقين اٿئي؟“

”صرف ايترو تہ Survival of the fitest جو نظريو درست آهي.“

”پر اهو فٽيسٽ ڪير آهي؟“

”جنهن کي وقت ثابت ڪري.“

” ۽ فٽ ڇا جي لاءِ؟“

”ان فٽ لاءِ“ ڊاليءَ هن ڏانهن مڙي ڏٺو. ارشد کي هن جو اهو انداز ڏاڍو وڻيو. ”هاڻ جلدي واپس ٿيڻ گهرجي امان پنيان اڪيلي آهي، ٻور ٿيندي هوندي.“ ارشد چيس.

Scanned by CamScanner

”هڪ تہ تيز هلڻ پنهنجي وس کان ٻاهر آهي، ٻيو تہ امي اڪيلائي ۾ اڪيلي نہ هوندي آهي.“ ڊاليءَ وراڻيو ۽ پريان ويندڙ هڪ سهڻي عورت ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ”ڏس، ڪيتري نہ سهڻي عورت آهي.“

”ٻين جي پچار چو ٿي ڪرين.“ هن کي ڊاليءَ جو اهو انداز عجيب لڳو.

”پلا فلم ڪيئن هوندي؟“ ڊاليءَ موضوع بدلايو.

”ڏسجي تہ خبر پوندي“

”خدا ڪري ڪا ٽرئجڊي نہ هجي.“

”چو، بور ٿي پوندينءَ ڇا!“

”نہ، اميءَ جو موڊ آف ٿي ويندو.“

”تنهنجي امي گريٽ آهي.“

”ها، منهنجي تہ آئيڊيل آهي.“

”پر هر وقت ڪجھہ اداس ۽ منجهيل ٿي لڳي. ائين ٿو لڳي تہ ڄڻ ڪو مسافر واٽ وڃائي ويٺو هجي.“

”ها، هن کان واٽ بہ گم ٿي وئي آهي ۽ ......“

”ماٺ ڇو ٿي وئينءَ!“

”پاڻ کي ٻين جا راز نہ کولڻ گهرجن. تون ايترو سمجھہ تہ امي پنهنجي ذهن جي پيچرن ۾ گم ٿي وئي آهي. بس. ”واٽون ويھہ ٿيون، ڪوھہ ڇاٽان ڪيهي ويا.“ هوءَ پنهنجي منهن جهونگارڻ لڳي.

”آواز تہ ڏاڍو سٺو اٿئي.“

”سٺو يا منو!“

”منهنجو مطلب آهي تہ من موهيندڙ.“

”جملا گهڙيو وٺين. پر ان ۾ تنهنجو ڏوھہ ڪونهي. هي وقت ئي تعريفن جو آهي، پال ويلري سچ چيو آهي، We are beautiful, extreemly beautiful, we are eaten by others

کو اسان جي تعريف ڪري، پوءِ پلي هڙئي ٽپڙ ڪٽي وڃي؟ منهنجي باري ۾ ڇا خيال آهي.“ ارشد پڇيو

”تون به سچ ٿو چوين؟“

” ۽ تون؟“

”مون کي لڳي ٿو ته آءُ ڪوڙ پئي ڳالهيان. پنهنجي منهن ڪوڙ

”ڪوڙ“ تي هڪ شعر ڇيو اٿم ٻڌندين؟“

”واهه، انڪشاف پيا ٿين، واقعي تون شاعر به آهين ڇا!“

”ٻڌ ته پڪ اچي ويندءِ“ ڊاليءَ شعر پڙهيو.

رسي وئين وري تون،
مگر تو نه ڇاتو،
ته دنيا ننڍي آ،
ڪٿي راهه تي،
گوڙ ۾، موڙ تي،
منهنجو مجبور لاشو،
نظر توکي ايندو،
۽ تون صرف ڏيکاءَ خاطر،
اکين جي ڪنارن تان ڳوڙهن کي اگهندين،
مگر اهو ڪوڙ هوندو.
اهو ڪوڙ جيڪو ڪڏهن مون به توسان ڪيو هئو.

”واهه واهه“ ارشد بي اختيار ٿي چيو.

”پر مهرباني ڪري ان جي جواب ۾ پنهنجي ڪا پينٽنگ ڏيکارڻ جي ڪوشش نه ڪجئو.“ ڊاليءَ تعريف تي خوش ٿيندي چرچو ڪيو.

Scanned by CamScanner

”نہ محترمہ، منهنجون پينٽنگس ڪي ايترين سستيون ڪونهن.“

ارشد رستي جي ڪناري ڪان هيٺ جهاتي پائيندي چيو. هيٺ ور وڪڙ ڪائيندو رستو بسن جي اڏي تائين ٿي ويو. هڪ طرف اوچو جبل، اوچن ساوڻ وڻن سان ڇانيل ۽ ٻئي طرف هي دلفريب لاهيون. هن ڪي پنهنجي پاسي ۾ ڏاليءَ جو هلڪو پاڇو نظر آيو. هن چاهيو تہ هٿ وڌائي پاڇولي ڪي جهلي وٺي پر اوچتو هڪ ڪارو ڪڪر سج جي اڳيان اچي ويو ۽ پاڇو گم ٿي ويو. ”اچي پهتا آهيون ٿورو وک وڌاءِ.“ ارشد تيز ٿيندي چيو. ڏالي خود بخود تيز قدم کڻڻ لڳي. بوندون شروع ٿي ويون. هوٽل جي ڏاڪڻن تي چڙهندي چڙهندي هو ڪافي پسي چڪا هئا. ”تون ڪمري ۾ هل تہ آءُ آلا ڪپڙا بدلائي اچان.“ ارشد چيو. ...

”بس ايتري مينهن ڪان ڊڄي وئين.“ ڏاليءَ ڪلي چيو ۽ اڳيان وڌي پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿي. ڪوثر اندر ڪانہ هئي. هن ڏٺو تہ ڪمري جو پويون دروازو کليو پيو هئو. هوءَ وڌي اوڏانهن وئي تہ ڏٺائين تہ هوءَ ڪمري ڪان ٻاهر پهاڙ جي ڪناري تي پيل هڪ وڏي پٿر تي ويٺي هئي ۽ هيٺ واديءَ ۾ نهاري رهي هئي، جتي هڪ قبرستان جي وچ ۾ نهيل اڇو قبو پئي نظر آيو. هن ڏٺو تہ ماڻس جي اکين جي ڪنڊن تي هلڪي آلاڻ هئي. هن جا ڪپڙا پنل ٿي نظر آيا. ڏالي چپ چاپ واپس ڪمري ۾ گهڙي. ڪيس خبر هئي تہ هن وقت ماڻس سان ڳالهائڻ نيڪ ڪونهي. ليڪن ڪوثر هن ڪي ڏسي چڪي هئي. هوءَ اکيون رئي جي پلاند سان اگهندي اندر آئي. ”گهمي آيا؟“ هن پڇيو. ڏاليءَ ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

”ارشد ڪٿي آهي؟“ ڪوثر ڪمري ۾ ارشد ڪي نہ ڏسي چيو.

”ڪپڙا مينهن ۾ آلا ٿي پيا هئس سي مٽائڻ ويو آهي“ ڏاليءَ پويون دروازو بند ڪندي چيو جو مينهن هوا ڪي وڏيڪ ٿڌو ڪري ڇڏيو هو.

”تون بہ جلدي ڪپڙا مٽاءِ، آلا تي پيا هوندا.“ ماڻس ڪيس تنبيهہ ڪئي.

ڏالي بيگ مان ڪپڙا ڪڍي باٿ روم ۾ گهڙي ۽ دربند ڪرڻ کان سواءِ ئي پسيل ڪپڙا لاهي جسم کي ٽوال سان خشڪ ڪيائين. سامهون آئيني ۾ ڪيس پنهنجي جسم جي مٽئين حصي جو شفاف عڪس نظر آيو. هوءَ پنهنجي پاڻ شرمائجي وئي ۽ هڪدم چولو پاتائين. پوءِ خيال آيس تہ اندران تہ ڪجهہ ڪونہ پاتو اٿم. پر وري سوچيائين تہ سوئيٽر بہ پاتلو آهي، شال بہ پائي ڇڏينديس. وارن کي ڦٽي ڏيندي هوءَ ٻاهر نڪتي. ڪوثر پلنگ تي وهاڻي کي ٽيڪ ڏيو وٺي هئي. هوءَ بہ ٽپ ڏئي وڃي ماءُ جي ڪڇ ۾ ويٺي. ”اڙي، امي توهان جا ڪپڙا تہ آلا آهن؟“ هن چيو. ”مٽائي وٺو. سردي نہ لڳيو؟“

ڪوثر هن ڏانهن ڏٺو. پوءِ پاڻ ڏانهن ڏٺائين، ”ها پٽ، مٽايان ٿي.“ هوءَ اٿي باٿ روم ۾ گهڙي، در تي نڪاءُ ٿيو.

”جي ارشد هجي تہ پلي اندر اچي.“ ڏاليءَ چيو.

”ارشد کان سواءِ پيو هت ڪير هوندو؟“ ارشد اندر ايندي چيو.

”خير ايڏي غلط فهمي ۾ بہ نہ رهو. ورنہ ....“

”ورنہ ڇا؟“ ارشد پڇيو، ليڪن ڪوثر ڪمري ۾ اچي وئي تہ چپ ٿي ويو. ”امان توهان تيار آهيو نہ؟“ ارشد چيو.

”ها ابا، پر اجا تہ فلم ۾ ڪافي دير پئي آهي“ ڪوثر وراڻيو، ”توهين بہ تہ ٿڪل هوندا؟“

”منهنجو خيال آهي تہ پهرين ماني هلي کائون، پوءِ سامس تي چانهہ پيئون، تيستائين وقت ٿي ويندو.“ ڏاليءَ چيو.

” ۽ تنهنجو خيال ڪڏهن بہ غلط ڪونہ هوندو آهي.“ ارشد مرڪي چيو. ڪوثر بہ مرڪي ڏنو ۽ پوءِ ٽئي ڄڻا ٻاهر نڪتا. ڏالي شال ڪلهن تي

وڏي ۽ هنن جي اڳيان هلڻ لڳي. ”ڪير چوندو ته هيءَ ڇوڪري ڪا انگريزيءَ ۾ ايم. اي آهي.“ ڪوثر سوچيو. ”بيوقوف، ماءُ جي جيئري ئي خود اعتمادي حاصل ڪري وٺ. نه ته پوءِ ڏاڍي تڪليف ٿيندءِ“ هن دل ئي دل ۾ چيو ۽ ٽئي ڄڻا ڏاڪڻ تان لهي هيٺ آيا.

مرحبا ۾ ماني کائيندي ڪوثر سوچيو ته ”خوشيون ڇا آهن. هڪ مختصر مدت لاءِ دل کي آٿت آهن بلڪ طوفان ۾ گهيريل ٻيڙيءَ کي اطمينان جون مليل چند ساعتون آهن. ڪير ڪڏهن به دائمي خوشيون حاصل ڪري نه سگهيو آهي. رئسيلاس، ڪينڊڊ، ڊاڪٽر فاسٽس به ته خوشين جي ڳولا ڪئي هئي. ڊان ڪوئگزاٽ به دنيا کي ظالم جادوگر جي چنبي مان ڇڏائڻ هليو هو. پر ڇا ٿيو؟ شايد نيڪ ٿيو جي خوشي ملي ٿي وڃي ته پوءِ دنيا ۾ ٻيو ڪرڻ لاءِ ڇا رهندو؟ شاهه سچ چيو آهي. ”ڏوريان ڏوريان م لهان، شالِ مَ ملان هوت.“ جي هوت ملي وڃي ته پوءِ ڇا؟ پوءِ ته موت آهي، جمود آهي. خوشيون ته شايد هميشه تمام پري ڪنهن اجنبي پوائنٽ تي ويهي مرڪنديون رهنديون ۽ اسين انهن جي تلاش ۾ تڙپندا رهنداسين.“ هوءَ سوچي رهي هئي ته پويان هڪ ميز تان هڪ شخص اٿي ڏانهن اچڻ لڳو. هن سڃاڻي ورتس. هو سندس هم ڪلاسي سليم هو. سليم جيڪو تعليم وٺڻ واري دور ۾ باقاعدگيءَ سان سندس گهر ايندو ويندو هو ۽ ماڻس کي امان ڪري ڪوٺيندو هو. حالانڪ ان سليم ۽ هن ۾ زمين آسمان جو فرق هئو. پر منجهس به ته وڏو فرق اچي ويو هو. ڊالي ۽ ارشد اجنبيءَ کي غور سان ڏسي رهيا هئا. هنن جي لاءِ هو هڪ اڌڙوٽ عمر جو شخص هو، جنهن جا وار ڪسي ويا هئا. پر ڪوثر هن لاءِ اٿي بيني هئي. هن جي چهري مان ڪو خاص جذبو ظاهر ڪونه ٿي ٿيو.

”ڊالي هي تنهنجو انڪل سليم آهي.“ هن تعارف ڪرايو.

"واهه، توهان تہ مون کي يڪدم سچائي ورتو." سليم کلي هن ڏانهن نهاريو ۽ ساٽس گڏ ٽي وينو. ڊالي هن نئين انڪل کي ڏسڻ لڳي ۽ سليم پريان ميز تي وينل هڪ ٿلهڙي اڌڙوٽ عورت ۽ هڪ نوجوان ڇوڪري کي بہ اچڻ جو اشارو ڪيو. ڪوثر انهن ڏانهن حيرت سان ڏسڻ لڳي. "هيءَ تنهنجي ڀاڀي ۽ هي تنهنجو ڀائٽيو اقبال اٿئي." هن تعارف ڪرايو. اقبال شڪل مان هڪ خوبصورت ۽ فهميدو جوان ٿي لڳو. هن وڏي ڪين سلام ڪيو. ڪوثر سليم جي زال کي پنهنجي پاسي واري ڪرسي تي وهاريو ۽ ڳالهين ٻولهين سان چانهہ جو دور شروع ٿي ويو. هوءَ محسوس ڪري رهي هئي تہ ارشد پاڻ کي هن ماحول ۾ اجنبي محسوس ڪري رهيو آهي ۽ ڊالي بہ ڪجهہ عجيب پئي محسوس ڪري. تنهن ڪري هن وڌيڪ بي تڪلفي سان ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ آهستہ آهستہ سواءِ ارشد جي ٻيا سمورا ڳالهائڻ ۾ مشغول ٿي ويا. ڳالهين ۾ وقت گذرندو ويو. ڪوثر کي پنهنجو شاگرديءَ جو گذريل زمانو وري ياد اچي پيو هئو. هوءَ سليم کي کلي کلي ٻڌائي رهي هئي تہ ان وقت سندس احساسات ڪهڙا هوندا هئا. سليم بہ بي تڪلف ٿي ڳالهائي رهيو هو. ڊاليءَ کي ماءُ جو هي نئون روپ پئي لڳو. هن کي لڳو ٿي ڄڻ ڪوثر سندس امي نہ ڪا ٻي عورت آهي. هوڏانهن اقبال ڊاليءَ ڏانهن ڏسي رهيو هئو. وري ارشد ڏانهن ٿي ڏٺائين. ارشد واچ ۾ ڏٺو تہ ٽي ٿيا هئا. ڪوثر هن کي واچ ۾ ڏسندي هڪدم اٿي کڙي ٿي. "چڱو سليم، تون ڀاڀيءَ کي اسان سان وري ضرور ملائجئين." سليم ۽ جوٽس بہ اٿي بيٺا. اقبال ڊاليءَ مان اک ئي نہ ٿي ڪڍي. ڪوثر ڊالي ۽ ارشد سميت هوٽل مان ٻاهر نڪتي. هن کي پنيان سليم جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪو پنهنجي زال کي ٻڌائي رهيو هو تہ هو

چار سال گڏ پڙهيا هئا ۽ هميشہ ڏاڍا سٺا تعلقات رهيا هئن. سليم جي زال جي چهري جا تاثرات هوءَ سمجهي سگهي ٿي.

ٻاهر آسمان تي گدلا ميرا ڪڪر ڇانيل هئا. هوا بہ تمام تڏي ٿي وئي هئي. ”عجيب ڳالهہ آهي جهڙ ناهي تہ سج جا ڪرڻا سين وانگر جسم ۾ چڀيو وڃن پر ٿورو ڪڪر سج جي سامهون آيو ناهي ۽ سيءَ شروع ٿيو ناهي“.

ڪوثر نوجوان جوڙي ساڻ قدم قدم سان ملائي هلڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. سليم جي ملاقات کان پوءِ موڊ ۾ جيڪا تبديلي آندي هئي سان هاڻ سندس چهري تان غائب هئي. پوسٽ آفيس وٽ پهچي هو کابي هٿ مڙيا، چاڙهي اونهي هئي تنهنڪري ارشد ڪوثر کي هٿ جو سهارو ڏنو. ڪوثر جو هٿ ڪنبي ويو. هن کي هٿ جو هي لمس نئون ڪونہ لڳو. اڳيان ڊالي تيز تيز قدمن سان مٿي وڃي پهتي. هن جي اڳيان ڪجهہ نوجوان هڪ ٻئي کي فقرا مڙهيندا وڃي رهيا هئا. اوچتو مينهن شروع ٿي ويو. هو بہ تيز تيز قدم کڻي وڃي سئنيما ۾ پهتا. ڪوثر سهڪي پئي ۽ پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا ظاهر ٿيڻ لڳس. ارشد ٽڪيٽ ورتي آيو ۽ ٽئي اندر داخل ٿيڻ بعد جڏهن آرام سان پنهنجن سيٽن تي ويٺا تڏهن ڊاليءَ ماءُ کي چيو ”امان، اڄ بابا کي خط لکان؟“

”تنهنجي مرضي.“ هن جواب ڏنو.

”منهنجي مرضي ڇا آهي؟ اها مون کي بہ خبر ڪونهي.“

ڊاليءَ سوچيو ۽ ارشد ڏانهن ڏنائين جيڪو معصوم بنيو ماڻس جي ٻئي پاسي ويٺو هو. ڪوثر ارشد ڏانهن ڏٺو ۽ ڪجهہ سوچي پنهنجي سيٽ تان اٿي. ”ڊالي تون هيڏانهن ٿي ويهہ.“ هن چيو. ڊالي بنا هڪ لفظ ڪڇڻ جي اٿي وچ واري سيٽ تي ٿي ويني. خبر ناهي ڇو هن محسوس ڪيو تہ ڇڻ

جي خواهشمند هئي. "من جي پيڙا مان واقف ٿيڻ کان سواءِ ڪير فنڪار ٿي سگهيو آهي."

"واقف ٿي وساءِ، اڳ نه ڏجي عام کي."

هو ڳالهيون ڪندا چاڙهي هيٺ لهي پوسٽ آفيس وٽ اچي پهتا هئا. اوڏي مهل ڪجهه گاڏيون سائرن وڄائينديون سامهوئين رستي ڏانهن وڌي ويون.

"تفريح گاهه ۾ به عام خاص جو فرق رکن ٿا." ارشد چيو.

"هو بورڊ ڪونه پڙهيو اٿو ته صرف فلاڻا فلاڻا مال روڊ تي ڪار هلائي سگهن ٿا." ڊاليءَ کلي چيو.

"۽ پيا ويچارا قيمتي ڪارن وارا" ارشد پڇيو.

"انهن کي به ڪير روڪيندو، اهي وري ڪٽي پرمٽ ڪڍائيندا."

ڊاليءَ ماءُ ڏانهن ڏنو جا ڏاڪڻ چڙهي مٿي پوسٽ آفيس ڏانهن پئي وئي. هن مرڪندي چيو. "توهين پلي چڪر هڻي اچو، مون کي ڪجهه خط لکڻا آهن." ائين چئي جواب جو انتظار ڪرڻ بنان هوءَ ڏاڪڻ چڙهي مٿي دريءَ وٽ وڃي پهتي. ڊاليءَ کي هن جي نگاهن ۾ ڪجهه اجنبيت جا احساڻ نظر آيا. هن ارشد ڏانهن ڏٺو جيڪو اڳ ۾ ئي ڏانهس ڏسي رهيو هو ۽ ٻئي مڙي هجوم جي اچ وڃ ڏسڻ لڳا.

"اڄ هل ته اها ڪشمير ولا ڏسي اچون." ڊاليءَ کابي پاسي لوهي گيٽ ڏانهن ڏسندي چيو. ڪشمير ولا هوٽل مٿانهينءَ تي نهيل هئي. خبر ناهي ڇو هن کي اجا به بلندين ڏانهن وڃڻ جو خيال پئي ٿيو.

"ڇو، اجا به هائيڪنگ جو خيال آهي ڇا؟" ارشد پڇيو.

"بس، ائين موڊ آهي." ڊاليءَ چيو ۽ کابي رستي ڏانهن مڙي.

شام جي سرمائي پاڇولن ۾ هو خود به به پاڇولا لڳي رهيا هئا.

هڪ عورت جو پاڇولو، لچڪندڙ، نزاڪت وارو ڪمزور جنهن جي چرپر

Scanned by CamScanner

”اهو بہ تہ مقصد ٿيو.“ ارشد جلدي چيو، ”اصل ۾ تون پڙهي گهڻو آهين پر سمجهي گهٽ آهين!“ هن جي لفظن ڏاليءَ جي ڪنن جون پاپڙيون بہ ڳاڙهيون ڪري ڇڏيون.

”هلو واپس هلون، امان انتظار ۾ هوندي.“ ڏالي هن ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ ئي چيو.

ارشد نہ مڙيو. ”عجيب ڇوڪري آهي. هر ڳالهہ پنهنجي ئي مڃائي.“ ارشد سوچيو ۽ هن سان ڳالهائڻ بنا ئي ڪشمير والا جي رستي تي هلندو رهيو. نہ هن پويان نهاريو ۽ نہ وري ڏاليءَ هن ڏانهن مڙي ڏٺو.

”هي آرٽسٽ پنهنجو پاڻ کي سمجهي ڇا ٿو. عجيب بور بحث ۾ سڄي شام ئي خراب ڪري ڇڏيائين. امان کي چيو هئم تہ توهين مون کي اڪيلو نہ ڇڏيو، آءٌ ٻئي ڪنهن سان خوش رهي نہ ٿي سگهان. پر خبر ناهي ڇو اڄ هن جو موڊ بہ هڪدم آف ٿي ويو.“ هوءَ ڪاوڙ کان تپندي وئي. هن کي ڪاوڙ ڪونہ ايندي هئي پر جڏهن ايندي هئي تہ بي انداز. هوءَ سوچيندي پوسٽ آفيس وٽ پهچي وئي، جتي ماڙس ڏاڪڻ تي وينل نظر آيس. هن حيرت مان ڏانهس ڏٺو. سندس نگاهن ڪجھہ سوال ڪيا پر ڏالي جون نگاهون چپ هيون. ڪوثر ٽڏو ساهہ پري ڏاڪڻ تان اٿي. ڪجھہ نہ ٻڌي بہ هوءَ گهڻو ڪجھہ سمجهي چڪي هئي. ڏالي آهستي آهستي هلندي اچي ماءُ وٽ بيٺي.

”واپس هلون؟“ ڪوثر پڇيو. ڇڻ تہ هن ماحول سان سندن ڪو واسطو ئي نہ هو.

”ها.“ هن جواب ڏنو ۽ ٻئي وڏيڪ هڪ لفظ بہ ڪڇڻ کان سواءِ واپس هوٽل ڏانهن وڃڻ لڳيون.

خبرناهي چو ڪوثر هن کان ڪجهہ بہ نہ پڇو. شايد هوءَ ڪائنس ڪجهہ پڇندي ڊني ٿي. هن جي ذهن ۾ ڪيترا سوال هئا. ارشد ڪيڏانهن ويو! هتان تہ کلي کلي ويا هئا پر ڇا ٿيو جو هيءَ اڪيلي موٽي؟ هوءَ پاڻ بہ تہ اڪيلي موٽي هئي.“ هوءَ ڪنبي وئي. هن ڪجهہ بہ نہ پڇيو. بس ٻئي چٽيون خاموش هلنديون رهيون.

ٿڌي ٿڌي هوا جا جهوٽا هنن جي جسم ۾ سيا ڪڙا وجهي رهيا هئا. اهائي هوا جيڪا ڪجهہ دير اڳ جسم ۾ ٿڌيون ڇهنڊڙيون وجهي رهي هئي، سا ڏنگڻ لڳي هئي. ڊالي ڪجهہ سوچي رهي هئي. ”ماٺهو ايترو پڙهي ٿو پوي تہ پوءِ حساس ٿو ٿي پوي. مون آخر ڇا ڪيو واپس ئي تہ ٿي هئس نہ! پوءِ پاڻ ڇو هليو ويو. هي حاڪمن وارو احساس آخر مرد مان ڪڏهن نڪرندو بہ ڪي نہ! جي پويان هلي اچي ها تہ ڇا گهٽ ٿئيس ها.“

”هلو آنٽي“ اقبال جي آواز هن جي سوچ جي وهڪري کي روڪي ورتو. هو پنهنجي ماءُ سان گڏ هو. ٻنهي جي چهري مان لڳو ٿي ڇڻ ساڻن ملي ڏاڍا خوش ٿيا هجن. پر ڪوثر جي چهري مان ائين ٿي لڳو ڄڻ تہ هوءَ ڪنهن سوچ ۾ گم هئي.

”ابا، خوش آهين، پاپي توهين تہ خوش آهيو؟“ ڪوثر خوش اخلاقيءَ کان پڇيو. هونئن دل ۾ ڏاڍي خار لڳس ڇو جو اها سنديس هميشہ جي عادت هئي تہ سندس سوچ ۾ ڪو رخنو وجهندو هئو تہ ڏاڍي ڪاوڙ لڳندي هئس. ڊالي تہ ڄڻ بلڪل لاتعلق هئي.

”ادي نيڪ آهيان، پر هي جبل جا پنڌ مون کي ٿڪايو ڇڏين.“ اقبال جي ماءُ پيشاني تان پگهر اگهندي چيو. هونئن بہ هن جو جسم جبل جي پنڌ لاءِ بلڪل ناموزون هو.

Scanned by CamScanner

"توهان جي خيال ۾ ماڻهو خاموش ڇو هوندو آهي؟"، هن ابتو
كانئس سوال كيو.
"جي .... جي منهنجو مطلب آهي ته ڪجهه ڳالهايو." هو منجهي
پيو.
"ڇا ڳالهايان." ڊاليءَ پڇيو.
"جيكي وڻيوَ."
" ۽ جي ڪجهه به نه وڻي ته!"
"آخر ڪو سبب!"
"دنيا ۾ ڪئين ڳالهيون بنا سبب به ته ٿينديون آهن"
"هي ڏسو نه ڇوڏاري ڪيڏو مزو لڳو پيو آهي." اقبال كان پيو
ڪو جملو ڪونه جڙيو.
"ليڪن اهي سڀ مزا به اڪين كولڻ سان آهن، اکيون بند ڪريو ته
اتاهه اونداهي نظر ايندو."
اقبال منجهي پيو ۽ سوچڻ لڳو ته هن ڪريڪ سان ڇا ڳالهايان
جيكا خوبصورت هجڻ سان گڏ عذاب جي حد تائين ذهين به آهي.
"ماڻهو خوشيون ڳولڻ پهاڙ تي ڇو تا اچن." ڊاليءَ پڇيو. هن ڏنو
كنهن ٻئي طرف پئي، ائين تي لڳو ڄڻ پنهنجو پاڻ كان سوال ڪيو هجيس.
"ان ڪري جو هتي جي آب هوا سٺي آهي."
"سٺي آب هوا ۾ خوشيون ملنديون آهن ڇا."
"خوشيون نه ته به صحت ته سٺي رهندي آهي."
"توهان شايد مريءَ جا باشندا ڪونه ڏنا آهن، جيڪي هن روشن
پهاڙ جي پنيان اونداهي حصي ۾ رهندا آهن"
"توهان جو مطلب آخر ڇا آهي!"

"بلڪل ظاهر آهي تہ اسين پنهنجي دولتمنديءَ جي اظهار لاءِ ٿا پهاڙ تي اچون. انگريز تہ واقعي گرمين کان بچي پهاڙن تي پناهہ وٺندا هئا. پر اسين انگريزن جا نقال آهيون. تمام گرم علائقن جا رهندڙ پر صرف دولت جي زور تي پنهنجي ماحول کان پڇيو اچو پهاڙن کان پناهہ گهرون." ڊاليءَ جا لفظ اقبال جي سمجهہ کان مٿي هئا. هو هڪ وڏي گهراڻي جو لاڏلو ٻار هئو ۽ ڄمڻ کان وٺي هن عمر تائين سواءِ پئسي جي ڇڻڪاٽ جي ٻيو آواز سندس ڪنن تي ڪونہ پيو هئو. تنهن ڪي پلا هي نڪتا ۽ ڳالهيون ڪيئن سمجهہ ۾ اينديون.

"هلو تہ آئسڪريم کائون." ڪو جواب نہ سجهس تہ هن چيو.

ڊاليءَ دل ۾ کلي ڏنو. "واهہ جو شخص آهي ڪنهن بہ ڳالهہ کان واقف ڪونهي پر اها خبر اٿس تہ آئسڪريم کائڻ جي شي آهي. شڪر آهي ڪجهہ تہ خبر آهيس." ٻئي ڄڻا ڪون آئسڪريم جي مشين وٽ ويهي آئسڪريم کائڻ لڳا.

---

ڪشمير والا تائين پهچندي پهچندي ارشد جو موڊ ڪافي نيڪ ٿي چڪو هئو. "خوامخواه واپس هلي وئي. هتي اچي ها تہ ڪيڏو نہ مزو اچيس ها." هن سوچيو. هتي تہ رونق ئي عجيب هئي. پهاڙ جي چوٽي تان هيٺ مال روڊ جو روشن ماحول ڏاڍو عجيب لڳي رهيو هو. ارشد کي پنهنجو جيمس آباد ڏانهن ڪيل ريل جو هڪ سفر ياد اچي ويو. چانڊوڪي رات ۾ ريل جي پٽي سان گڏوگڏ چمڪندڙ واهہ جو وهڪرو. مال روڊ بہ روشنين جي سيلاب ۾ جمڙائو جي وهڪري جيان پئي لڳو. هن پنهنجي چوگرد نظر ڦيرائي هڪ تڏو ساهہ کنيو تہ خبر ناهي ڪٿان خوشبوءِ جو هڪ جهونڪو هن جي نڪ سان اچي ٽڪرايو. هن وڏو گهرو ساهہ کنيو. خوشبوءَ جو هو

پيءُ هڪ تيز رفتار ڪار جي هيٺان اچي ويو هو. بس اهو ڏينهن ۽
جيستائين هوءَ حيات هئي وري نه مرڪي. ها جنهن ڏينهن هن جي دل
ڌڙڪڻ کان انڪار ڪيو ۽ ماڻهن چيو ته هوءَ مري وئي آهي تڏهن هن
آخري ڀيرو ڏٺو ته سندس ماءُ مرڪي هئي. "شايد هينئر آنڊ ماند ختم ٿي
آهيس ۽ وري ساڳي مرڪ موٽي ائس." هن سوچيو هو. ماڻس هن جي مٽي
تي گلن جا موڙ ڏسڻ جي آس ڪٽي مرڪندي قبر ۾ وڃي ستي هئي.
"الوداع" هن جي ڪنبندڙ چپن مان نڪتو هئو ۽ هن هٿ وڌائي مٿس پهريون
ٻڪ مٽيءَ جو وڌو هو. ارشد جو ساهه منجهڻ لڳو. هو هاڻ پوسٽ آفيس
وٽ پهچي چڪو هئو. اها خبر هوندي به ته هاڻ ڪافي دير ٿي وئي آهي،
هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو هڪ خسيس اميد جي سهاري ته شايد ڪو
اتي هجي پر اتي ڪير به ڪونه هئو. ها، پيا ڪيترائي هئا پر هن جي
مرڪ گم ٿي چڪي هئي. مرڪ وارو احساس به ختم ٿي چڪو هوس. هو
واپس هوٽل ڏانهن هلڻ لڳو. هو ڏاڍو ٿڪل پئي لڳو. دل ۾ آيس ٿي ته
اتي ئي ڪٿي ڪنهن پل يا دڪيءَ تي ويهي رهي پر هو وڌندو رهيو. اوچتو
سامهون هن کي هڪ شناسا چهرو نظر آيو.

"اڙي ظفر تون؟" هن رڙ ڪئي.

"ارشد، اڙي گريٽ آرٽسٽ ۽ گريٽ شارٽ اسٽوري رائيٽر سطح
سمنڊ کان ست هزار فٽن جي بلنديءَ تي به ملي ويا." ظفر ڪلي هن کي
ڀاڪر پائيندي چيو. ٻئي ڄڻا رستي جي پاسي ۾ نهيل دڪيءَ تي ويهي
رهيا. ظفر ارشد جو دوست هئو. هو هڪ مشهور افسانه نگار هئو. هنن
جي دوستي ڏاڍي پرخلوص هئي. هنن ٻنهي گهڻو وقت اڳ عهد ڪيو هو ته
هو جيڪي ڪجهه به تخليق ڪندا سو صرف سنڌ لاءِ هوندو. هو سنڌ جي
عوام جي زندگيءَ جي باري ۾ پنهنجو برش ۽ قلم هلائيندا. ٻئي ڄڻا ان

Scanned by CamScanner

عهد تي قائم هئا. ظفر هڪ خوبصورت ۽ ڪلمڪ جوان هو. جتي ڪٿي دل ڏئي وهندو هو، پر واپس بہ بنا ڪنهن دير جي وٺي ڇڏيندو هئو. غريب مائٽن جو اولاد هو ۽ اوچي سوسائٽيءَ ۾ اٿندو وهندو هو، تنهن ڪري ڪيترن ئي ڪامپليڪسس جو شڪار پڻ هو. ڇوڪرين وانگر نوڪريون پيو بدلائيندو هئو. لکڻ جو جنون جي حد تائين شوق هئس. لکندو هو تہ ڇڻ سندس ساهہ ڇڪجي قلم جي نب ۾ اچي بند ٿيندو هئو. نہ ڪائڻ جو هوش رهندو هئس نہ پيئڻ جو، پنهنجي ڪردارن ۾ هو ايڏو گم ٿي ويندو هئو جو ان وقت هر ملنڌڙ کي پنهنجي ڪهاڻين جو ڪردار سمجهندو هو. سندس هڪ واقعو تہ ڏاڍو مشهور ٿيو. سندس ڪاليج جو پرنسپال ان وقت وزٽ لاءِ سندس هاسٽل جي ڪمري ۾ داخل ٿيو جڏهن هو ڪهاڻي لکي رهيو هو ۽ سندس ڪهاڻيءَ جي غريب هيرو جي زال اسپتال جي بستري تي موت ۽ زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ مبتلا هئي پر ڪوبہ ڊاڪٽر هنن وٽ وڃڻ لاءِ تيار نہ هو ۽ هر ڊاڪٽر اهو چئي رهيو هئو تہ صرف اهو ڊاڪٽر ڪيس ڏسي سگهي ٿو، جنهن هن جي آپريشن ڪئي آهي ۽ وارڊ جو انچارج آهي. بس هو پرنسپال تي چڙهي ويو. قلم ڇڏي ڏڪ هڻڻ وارو هئس تہ ٻيا شاگرد وقت تي پهچي ويا. بهرحال پرنسپال بہ ڪلي معاف ڪيس جو ڪيس خبر هئي تہ هو هڪ ليکڪ آهي ۽ ڪيس اها خبر هئي تہ هو لکڻ مهل پنهنجو پاڻ ۾ نہ هوندو آهي. هن کي فخر هئو تہ سندس ڪاليج ۾ هن جهڙو عظيم ڪهاڻيڪار موجود هو. ظفر جي دوستي گهٽي ٽٽي صرف ارشد سان هئي. جيڪو هن کي مختلف تصور ڏيندو رهندو هئو. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪندا هئا تہ ادب واقعي "تخليق" آهي يا افلاطون جي خيال موجب "نقالي"، ارشد فن کي تشريح **interpretation** ۽ تشريح جي تشريح مڃڻ لاءِ تيار هئو، ليڪن ظفر فن جي تخليق جو قائل

هئو. هن جو چوڻ هئو تہ فن صرف تشريح هجي ها تہ پوءِ شارح بنجڻ تہ هر
ڪنهن لاءِ آسان آهي ليڪن تخليق ڪرڻ هر ڪنهن جي وس ۾ نہ آهي. ڇو
جو اها فطري خوبي يا ڏات آهي. جيڪا هڪ عام انسان ۽ فنڪار ۾ تميز
پيدا ٿي ڪري، ارشد کلي چوندو هئس. "ڏات وڏي شيءِ ناهي، پر سچ وڏي
شيءِ آهي." ظفر چوندو هو تہ ڏات اصل شيءِ آهي جيڪا سچ کي پيش
ڪري سگهي ٿي. ارشد چوندو هئس تہ "اهي ڳالهيون آهستي ڪر ڪٿي
ترقي پسند ادب جا شوقين ٻڌي وٺندئي تہ اهو اهو ڪري ٻچڙو ڪندئي".
پوءِ ٻئي ڇٽا کلي ڏيندا هئا. ارشد هن کي چوندو هئو تہ ڪڏهن بہ اها
ڪوشش نہ ڪجئين تہ اديب مان دانشور ٿي وڃين. هن جي خيال مطابق
ناڪام اديب يا تہ نقاد يا وري دانشور بنجي ويندا آهن. ان تي ظفر کلي
چوندو هئس تہ پنهنجو خيال ڪر ڪٿي آرٽسٽ مان ڪرٽڪ نہ بنجي
وڃين. هن جي خيال ۾ وري ناڪام آرٽسٽ ڪامياب آرٽ ڪرٽڪ بنجي
ويندا آهن. ٻئي ڇٽا ڪڏهن ڪڏهن شام جو شهر جي هنگامن کي ڇڏي
سمنڊ جي ڪناري تي وڃي ويهندا هئا. جتي يا تہ هنن جو آواز هوندو هئو
يا سمنڊ جي لهرن جو مسلسل شور. اهو آواز هنن جي ماحول لاءِ جاندار ۽
وسيع پس منظر جي حيثيت رکندو هئو ۽ اهڙي وقت ارشد چوندو هئو تہ دل
ٿي چوي تہ سمنڊ جي سيني تي ليٽي ان جي اها سموري هلچل پنهنجي
سيني ۾ منتقل ڪري ڇڏيان. ظفر کلي چوندو هئس تہ ائين بہ ٿي سگهي
ٿو تہ تنهنجو ڇهاءُ مورڳو سمنڊ کي ئي ماٺو ڪري ڇڏي. ٻئي ڇٽا کلندا
هئا. سندن دوستي مڪمل طور خود اعتمادي ۽ Understanding جي
جذبن تي ٻڌل هئي. هنن جو چئڻ تہ هڪ قسم جو ذهني سمجهوتو ڪيل
هئو. نازليءَ ظفر جو افيئر بہ ان سمجهوتي خراب ڪرايو. هن سمجهيو تہ
ارشد نازليءَ سان پيار تہ ڪري پر ڪجهي نہ ٿو. هوڏانهن اڏ گوڏن تائين

هن سوچيو _ ”عجيب شخص آهي، سک کيس به ڪونه ايندو. پاڻهي صبح
جو سچيون ڪندو. پلي ته همراهه عشق ڪري. ٿيندو وري ناڪام ۽
گاريون سماجي نابرابريءَ کي ڏيندو.
پلا اهڙا ڪم ڪجن ڇو جو خوامخواه سماج تي گار جي رئي پئي چاڙهجي!
هي سماجي هيٺ مٿاهيون به عجيب آهن. انسان ساڳيا، رت ساڳيو، رنگ
روپ ساڳيا ته به ڪو ننڍو ڪو وڏو. انهن شين تي غرور، جن جي حياتيءَ
تي ڪو ڀروسو ئي ڪونهي. بنيادي انساني قدر به انهن شين جا تابع.
صاحب ڪلي ته نائب به ڪلي. صاحب جو موڊ آف ته سڄي آفيس سوڳوار.
ڇا طريقا آهن! دنيا آخر ڪڏهن بدلجندي به ڪي نه! روزانو نوان ازم اچن
ٿا. مساوات، برابري، انصاف، آخر ڪٿي آهن؟ سقراط سچ چيو هئو ته
انصاف ڏاڍي جي لٺ کي چئبو آهي. هيترا ڪتاب، جاکوڙ، جدوجهد،
خونريزي، مئا به ته انسان. ڇا واقعي انقلاب صرف خون وهائڻ سان اچي
سگهجي ٿو؟ ڇا پلا ايڏا انقلاب آڻڻ کان پوءِ به زندگيءَ جي ننڍن ننڍن
مسئلن تي ٿيندڙ ناانصافيون ختم ٿي سگهيون آهن؟ فرق، جيڪي صدين
۾ پيدا ڪيا ويا آهن سي هڪ ڏک سان ڪيئن ٿا متجي سگهن! مان به ته
آرٽسٽ آهيان. پنهنجي اندر جي فن جو اڪيلو مالڪ. منهنجي اندر جي
بادشاهيءَ ۾ ٻيو ڪوبه مون کان وڌيڪ طاقتور ڪونهي پر مون کي ٻاهر
شڪستون ئي شڪستون آهن. پئسو، اقتدار، سڀ کان شڪست کائي
سگهان ٿو. ڇا فنڪار انهن سڀني شين کان مٿي نه آهي؟ ڇا فن انمول نه
آهي؟ پيار به ته انمول آهي. پر مون پيار ڪيو ڪڏهن آهي؟ منهنجي ذهن
تي اڃا تائين ڪو پهچي ئي نه سگهيو آهي. ڊالي به عجيب ڇوڪري آهي.
لڳي ٿو ته ڪنهن ڪشمڪش جو شڪار هجي. ماڻس به ته ڪشمڪش جو
شڪار ٿي لڳي. پر آهي گريٽ. سندس ڳالهيون ٻڌڻ تي دل ٿي چوي. لڳي

ٿو تہ ماءُ کي ڪا اندروني ڪشمڪش هجي. ماءُ ڏيءَ ڪان وڏيڪ سهڻي بہ
تہ آهي. عمر وڏي اٿس. پر لڳي ائين ٿو ڇڻ رڳو وارن جو رنگ بدليو
هجيس. ڳالهين ۾ جيڪا شادابي آهيس تنهن مان سندس روح جي رم
جهم جي خبر ٿي پوي. مون کي ڪيڏو نہ ڀانئي ٿي. پر منهنجو هنن سان
ڪهڙو واسطو؟ هوءَ ڇوڪري تہ ڀاڻ کي الائجي ڇا ٿي سمجهي.“ هو
سوچيندو سوچيندو مرحبا وٽ اچي پهتو. مرحبا جي ٻاهران اڪا دڪا
ماڻهو پئي هليا. سيءُ وڏي ڇڪو هو، تنهن ڪري ماحول خالي خالي پئي
لڳو. هڪ ٿلهو شخص زور زور سان ٺهڪ ڏئي کلي رهيو هئو ۽ سندس پر
۾ هڪ سنهڙو شخص اٻڙاڪا ڏئي رهيو هئو. شايد خراب شيءِ کائي ويهي
رهيو هو. هن جي نظر مرحبا جي در تي وڃي پئي جتان ڪوثر ۽ ڊالي،
سليم، اقبال ۽ اقبال جي ماءُ سان گڏ ڪنهن ڳالهہ تان ٺهڪ ڏيندا ٻاهر
نڪري رهيا هئا. ارشد جي نڙيءَ ۾ ڇڻ ڪا شيءِ اٽڪي پئي. هن زور سان
ڳيت ڏيئي ان خيال کي هيٺ لاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو هوٽل
جون ڏاڪڻيون چڙهي ڪمري جو در کولي وڃي پلنگ تي ڪريو. ”منهنجو
هنن سان ڇا، جو ايترو خيال ٿيو اٿم. سندن مرضي ڪيڏانهن بہ وڃن،
ڪنهن سان بہ هجن، ٻن ڇئن ڏينهن جي واقفيت تہ آهي پيو ڇا؟“ هن دل
کي تسلي ڏني. ”سياڻي ظفر اچي تہ ٻاهر نڪري ڪجهہ تصويرون ناهيان.
ڊالي سياڻي ڇا ڪندي؟ وري هن ڇوڪري سان گڏ گهمندي.“ هن جي
خيالن ۾ وري ڊالي گهڙي آئي، هن ذهن کي جهٽڪڻ جي ڪوشش ڪئي
ليڪن ڊالي هر هر هن جي ذهن ۾ گهڙي ٿي آئي. ”مون سان ڪيتريون نہ
سنيون هليون هيون، پر ان جو اهو مقصد ڪونهي تہ ڪو منهنجو مٿن ڪو
حق ٿي ويو. هرڪو ماڻهو پنهنجي مرضي جو مالڪ آهي.“ هن پاسو
ورايو.“ منهنجي مرضيءَ جي خلاف ڪير بہ منهنجي ذهن ۾ ڇو ٿو اچي.

Scanned by CamScanner

هوءَ پنهنجن سان خوش هجي. هونئن ڪٿي هن ڪان سواءِ بور ٿيان ها پر هاڻ
تہ ظفر بہ اچي ويو آهي.“ هن دل کي تسلي ڏني. هو تصوير لاءِ شيخ اياز
جي شعر ”تڙ تڙ تي طوفان، ناءُ هلي آ ڳيت ڪٿي.“ ذهن ۾ سوچڻ لڳو. هن
جو وجود ڄڻ تہ طوفانن ۾ گهيرجي ويو آهي. ڏنڊ ۽ پاڇن جي ميڙ ۾ هن
کي ڏنڊلي ڏنڊلي شڪل ۾ ڊالي ملي ٿي. هو تيز تيز ان ڏانهن وڌي ٿو ۽
هن کي ويجهو اچي ويو آهي ۽ هاڻ هن کي ڇهڻ وارو ئي آهي جو اوچتو
پاڇولن جو هڪ طوفان اچي ٿو ۽ هو واپس طوفانن ۾ گهيرجي وڃي ٿو
جتي ڪوبہ ناهي. صرف پاڇولا آهن ۽ تيز هوائن جون سيٽيون. هن جو
ساهہ ٻوساٽجڻ لڳو. هن جي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا چمڪي رهيا هئا.
هن کي گرمي لڳي رهي هئي. هو پنهنجو پاڻ کي طوفانن جي گهيري مان
ڪيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ليڪن تيز هوائن هن کي ڄڻ تہ پيچي پوري
ڇڏيو. هن جو وجود هوا جي زور ۾ گم ٿيندو ويو. تان جو هو ڪجهہ بہ نہ
رهيو بلڪل ڇيهون ڇيهون ٿي ويو. هن جو ساهہ گهٽجڻ لڳو. هاڻ هن وٽ
صرف هڪ موهوم احساس وڃي بچيو هئو تہ اوچتو هن کي سڪون جو
احساس ٿيو. ڪيس ائين لڳو ڄڻ تہ سندس پيشانيءَ تي ڪنهن هٿ رکي
هن کي طوفانن جي وهڪري مان ڇڪي ورتو هجي. هن کي عجيب سڪون
۽ اطمينان جو احساس ٿيڻ لڳو. ائين ٿي لڳو ڄڻ سندس وجود پري پور
ٿيڻ کان بچي ويو. ڄڻ تہ هو دنيا ۾ واپس اچي ويو. هن ٿڌو ساهہ پريو
ليڪن انهي ڊپ کان اکيون نہ کولي سگهيو تہ متان اهو بہ ڪو خواب نہ
هجي. ائين ئي احساس جي هندوري ۾ لڏندي خبر ناهي تہ ڪيڏي مهل هن کي
ننڊ اچي وئي.

Scanned by CamScanner

ڪوثر گهڻي ئي ڪوشش ڪئي تہ سليم ۽ جوڙس مان جان ڇڏائي ارشد سان وچي ڳالهائي پر هو بہ پهرين نمبر جا چمبڙو هئا. ويندي ويندي موڪلائيندي بہ اڌ ڪلاڪ لڳي وين. هو مٿن زور ڏيئي رهيا هئا تہ هلي پاڻ بہ ساڻن گڏ رهن. ليڪن ڪوثر صاف انڪار ڪيو. وڃڻ مهل اقبال ڊاليءَ کي بئي ڏينهن ملڻ لاءِ چيو. ڊاليءَ ماڻس ڏانهن نهاريو "بيوقوف، ڪڏهن پنهنجو دماغ بہ استعمال ڪنديون يا رڳو مون ڏانهن واجهائينديون." ڪوثر دل ۾ سوچيو پر چيائين، "ها ها، هتي گهمڻ کان سواءِ ٻيو ڪم ڪهڙو آهي." اقبال خوش ٿي ويو. سليم جي زال پنهنجي مڙس ڏانهن معنيٰ خيز نگاهن سان ڏٺو جنهن پائيپ پئي دکايو.

"سڀاڻي ايوبيہ هلنداسين." اقبال خوشيءَ مان چيو پر ڪوبہ جواب ڪونہ مليس ۽ ائين هو ڪلندا موڪلائي روانا ٿيا.

ڪوثر ڊاليءَ سميت تيز تيز قدمن سان هلندي هوٽل ۾ پهتي. هوءَ ارشد جي ڪمري وٽ بيهي رهي ليڪن ڊالي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. ڪوثر ارشد جي ڪمري جي دروازي کي ڌڪو ڏنو تہ اهو کلي پيو. هن دروازي مان ٻاهران ايندڙ روشنيءَ ۾ ڏٺو تہ ارشد پلنگ تي پاسا ورائي رهيو هو. هن اڳيان وڌي هن جي پيشانيءَ تي هٿ رکيو جيڪا باهہ جيان تپي رهي هئي. ڪوثر رومال ڪڍي هن جي پيشاني تان پگهر صاف ڪيو ۽ ڪافي دير وٽس ويٺي رهي. هن محسوس ڪيو تہ سندس هٿ جي ڇهاءَ ارشد جي بي چيني ۾ ڪافي سڪون آڻي ڇڏيو هو. هن کي ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ اها بي چيني ارشد جي نہ هجي بلڪہ هن جي پنهنجي بيچيني هجي. هن کي ائين لڳو ڄڻ ڪو سندس اندر ۾ ڇهنڊڙيون وجهي رهيو هجي. "ڪهڙي منجهہ حساب، هڻڻ منهنجو هوت رڍءَ." هن جي روح

رڙ ڪئي ۽ هوءَ ڇرڪي وئي. هن کي ائين لڳو ڄڻ تہ اهو آواز بيِن بہ ٻڌو هجي. هن هڪدم هٿ ڇپن تي رکيو ۽ ارشد تي سوڙ وجهندي هن جي ڪمري جو در ڀيڪوڙيندي ٻاهر نڪري آئي.

پنهنجي ڪمري ۾ پهچي هن ڏٺو تہ ڊالي وهاڻي کي ٽيڪ ڏيو، بائيبل پڙهي رهي هئي. ڪوثر زندگيءَ ۾ پهريون دفعو عجيب انداز ۾ هن ڏانهن ڏٺو ۽ هٿ مان بائيبل ڦري ڪرسي تي رکيائين.

”ڊالي!“ هن جو لهجو ڪجهہ بدليل هئو.

”جي امي!“ ڊاليءَ معصوميت مان ورائيو ۽ حيران ٿي اٿي ويٺي.

”ڪشمير والا ڏانهن ويندي ڇا ٿيو هئو؟“

”ڪجهہ بہ تہ نہ امي.“

”تہ پوءِ تون ڇو اڪيلي موٽي هئينءَ؟“

”ارشد مون سان گڏ ڪونہ موٽيو.“

”ڇو؟“

”مون کي ڪهڙي خبر.“

”ڊالي توکي ڇا ٿيندو پيو وڃي؟“

”ڪجهہ بہ تہ نہ امي.“

”تون تون ....“ ڪوثر کي سمجهہ ۾ ئي نہ پي آيو تہ ڇا چويس.

”امي توهين مون سان ڪاوڙيا آهيو؟“ ڊاليءَ لاڏ مان پڇيو.

”نہ نہ آءُ ڪاوڙي ڪانہ آهيان ڊالي، آءُ تہ تنهنجي دوست آهيان، ڏک ٿو ٿئيم تہ تون پنهنجي لاءِ غلط رستو پئي چوندين. گهڻي علم توکي عام ماڻهن کان مختلف ڪري ڇڏيو آهي، تون .... تون ڪجهہ عجيب ٿيندي پئي وڃين.“ ڪوثر کي اڃا بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا چويس.

Scanned by CamScanner

"جي توهان نہ ٿا چاهيو تہ پوءِ صاف چو نہ ٿا چئو تہ آءُ اقبال سان نہ ملان." ڏاليءَ پنهنجي پر ۾ ڪجهہ سمجهندي چيو.

"نہ نہ اقبال هونئن تہ نيڪ آهي پر هو تنهنجي ذهني سطح کان گهٽ آهي."

"ذهني سطح تہ بابا جي بہ اوهان کان گهٽ هئي پوءِ چو .....؟" ڏالي چئي تہ ويٺي پر يڪدم چپ ٿي وئي

ڪوثر کي پنهنجي حياتيءَ ۾ جنهن سوال جو ڊپ هئو سو آخر ڏاليءَ جي روپ ۾ سندس سامهون اچي بيٺو. هن کي ائين لڳو ڄڻ تہ اهو سوال ڏاليءَ نہ بلڪہ سندس ضمير ۽ ذهن کانئس ڪيو آهي. آخر هن چو جميل کي فوقيت ڏني هئي. سڪندر کي چو ڇڏيو هئائين؟ هو بہ ڪيس زندگي ڀر خوش رکي سگهي ها. هن وٽ بہ سڀ ڪجهہ هئو. ذهن هئس، دل هئس. هو مرد هئو، مڪمل مرد جنهن سان هڪ عورت کي مڪمل تحفظ جو احساس ملي سگهي! ليڪن هن پاڻ جميل کي قبول ڪيو جنهن عمر ڀر هن جي ڪنهن ڳالهہ جي مخالفت نہ ڪئي هئي نہ ئي ڪڏهن ڪنهن ڳالهہ تي اعتراض ڪيو هئائين ۽ نہ ئي ڪڏهن پنهنجي زال سمجهيو هئائينس. هميشہ بت سمجهي پوڄيو هئائينس. ڪوثر کي تہ ساٿيءَ جي ضرورت هئي جيڪو ساڻس پيار بہ ڪري ۽ اختلاف بہ ڪري سگهي. زندگيءَ جي يڪرنگي ۽ يڪسانيت کي ختم ڪري سگهي ها. هن ويهہ ورهيہ جنهن بوريت جي عذاب ۾ گذاريا هئا تنهن جو هڪ هڪ لمحو هن کي پراميٿيس جي ان عذاب کان بہ وڌيڪ ٿي لڳو جيڪو هن تي ديوتائن جي نافرماني ڪرڻ جي ڪري نازل ٿيو هو. هوءَ چپ ڪري پنهنجي پلنگ تي اچي ڪري. ڏاليءَ سمجهو تہ هوءَ ساڻس رسي وئي آهي. هن کي محسوس ٿيو تہ ڪيس ماءُ جا ڇٽل زخم ائين وري نہ کولڻ گهربا هئا. سو

Scanned by CamScanner

آءُ تيار آهيان بس ناشتو ڪريان تہ هلون ٿا.“ ارشد چيو. بيرو ناشتي جي ٿري کڻي آيو.

”نہ نہ ماني هيٺ هلي کاءُ. بيرا ناشتو واپس کڻي وڃ.“ ظفر اصل بيري کي بہ بيهڻ ڪونہ ڏنو ۽ ارشد کي ٻاهر ڇڪيندو هيٺ لٿو. بيرو حيرت مان هن ڏانهن ڏسندو رهيو. ارشد کي ڪمري مان نڪرڻ وقت ايئن محسوس ٿيو ڄڻ تہ ڊاليءَ جي ڪمري مان ڪنهن مرد جي ٽهڪ جو آواز آيو هجي. هن وري ڏيان ظفر ڏانهن ڏنو جيڪو خوش خوش سيٽيون وڄائيندو هن جي اڳيان تڪڙو تڪڙو ڏاڪڻون لهندو هيٺ وڃي رهيو هو.

”ميان مون سان ڳالهاءِ تہ سهي.“ ارشد چيس.

”اتي هلي ڳالهائجئين، وقت ناهي“ ظفر هن ڏانهن نهاريو بہ ڪونہ.

”واقعي زر، زن ۽ زمين انسان مان ماڻهپوئي ڪڍيو ڇڏي،“ ارشد کي تلخيءَ جو احساس ٿيو. چار ڇوڪريون ڇا ڏٺيون اٿس ڄڻ ڪل ڪائنات ملي وئي اٿس، وري جڏهن ڌڪ کائيندو تہ ٻوٽ ڇپو ڪري اچي منهنجي پر ۾ وهندو ۽ سقراط کي گاريون ڏيڻ شروع ڪندو.“ اهو سوچيندي هن کان بي اختيار ٽهڪ نڪري ويو.

”يلا يار، مون تان ٿو کلين، پلي ڪل توکي ڪڏهن لڳي هجي تہ ڪا ڪل هجئي!“ ظفر هن ڏانهن مڙندي چيو. وڱن جو اڏو سامهون اچي ويو هو. ارشد ڏٺو تہ چار نهايت ئي خوبصورت ڇوڪريون هڪ ٽئڪسيءَ وٽ بيٺيون هيون. هنن کي رنگين ڪپڙا پهريل هئا ۽ سهڻيون شالون ويڙهيل هئن. ارشد جي ذهن تي شاهہ جو شعر تري آيو، ”جهڙا پانن پن تهڙيون سايون مٽس شالون.“ ”هن سان ملو، هي ارشد آهي.“ ظفر ڏاڍي بي تڪلفيءَ سان تعارف ڪرايو ۽ هو غير ارادي طور تي هٿ وڌائيندي

وڏائيندي رهجي ويو. ارشد هنن مان ستاره کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

”لڳي ٿو مون توهان کي ڪٿي ڏٺو آهي.“ هڪڙي عجيب ناز ڀريل نموني سان چيو. ”ڪڏهن آسمان تي ويا آهيو؟“

"آسمان تي تہ ستاره هوندا آهن!“ ارشد کلي چيو ۽ سڀ ٺهڪ ڏيڻ لڳا. انهن مان هڪ، جيڪا شڪل صورت مان ڳنڀير ٿي لڳي تنهن ظفر کي چيو، ”هي ٽئڪسي وارو اچڻ ۽ وڃڻ جو سئو روپيہ ٿو چوي. منهنجي خيال ۾ تہ ڏاڍو سنو رهندو. اتي ترسندو بہ.“

”توهان جي مرضي“ ظفر چيو ۽ سڀ اچي 1964 ماڊل جي هڪ اوپل ڪار ۾ ويٺا. هو چارئي پوئين سيٽ تي ويٺيون هنن وٽ ٽفن باڪس بہ هئا جيڪي هنن سيٽ جي هيٺان ڪري رکيا. اڳين سيٽ تي وچ ۾ ظفر ٿي ويٺو ۽ ارشد دري واري پاسي کان. ڊرائيور گاڏي اسٽارٽ ڪئي تہ مٿان هلڪي هلڪي بوند چالو ٿي وئي.

موٽر تيزيءَ سان چاڙهيون چڙهندي رهي. پهاڙي موڙن تي ڪنهن مهل تہ ائين ٿي لڳو تہ ڄڻ اينڊڙ موڙ کان پوءِ ڪجهہ بہ ڪونهي. هڪ هنڌ تہ اهڙو پهاڙي موڙ آيو جو هڪ طرف اٿاهہ گهرائي ۽ ٻئي طرف تمام اوچو پهاڙ اچي ويو. پري پري ساون وڻن سان جهنجهيل اوچن پهاڙن جي هنج ۾ ٽين جي ڇتين وارا رنگين گهر بلڪل رانديڪن جيان پئي لڳا. ڪڏهن ڪڏهن هيٺاهن ڪڪرن انهن گهرن کي اکين کان لڪائي ٿي ڇڏيو. هڪ هنڌ تہ ظفر اکيون کٽي بند ڪيون ارشد کلي چيس ”هليو آهين سونهن جو مشاهدو ڪرڻ. ميان سونهن تمام خطرناڪ ٿيندي آهي ان سان اکيون اکين ۾ ملائي ڏسڻ وڏو جان جوکي جو ڪم آهي. هو ڪڪر ڏس پنهنجي پاسي کان ڪيئن پيو هلي؟“ ارشد وري چيو.

Scanned by CamScanner

”توهان شاعر آهيو ڇا؟“ ڪنهن جي خوبصورت آواز ارشد جي ڪنن ۾ ڄڻ امرت اوتيو.

”اڙي نه ستاره هي ارشد آهي جنهن جي پينٽنگ ”توهر جو وڻ“ کي پهريون انعام مليو هو.“ ٻيءَ وراڻيو.

”نه نه!“ ستاره بي يقينيءَ مان چيو. هن کي ته راتوڪو ارشد ياد هو جنهن کلي سندن فوٽو ڪڍيو هو.

”ڇو، لڳان ڪونه ٿو ڇا؟“ ارشد پڇيو ۽ پنيان مڙي نهاريائين جن اکين ڏانهس پئي ڏنو تن جواب ڏنو.

”آرٽسٽ ته لڳو ٿا پر اڄڪلهه نقل به ته گهڻو ٿي پيو آهي.“

”توهان کي اصل ۽ نقل جي خبر پوندي آهي؟“ ارشد وري پڇيو.

”اڳي ته پوندي هئي، هاڻ خبر ڪانهي.“ ستاره وراڻيو ۽ ارشد وري ٻاهر نهارڻ شروع ڪيو. هن محسوس ڪيو ته ڪو گرم گوشت جو ٽڪر سندس ڪلهي جي ويجهو موجود آهي. هن مڙي ڪونه نهاريو.

”ظفر تون خاموش ڇو آهين.“ هن چيو.

”ان ڪري جو ٽن ڏينهن کان مسلسل ڳالهايو اٿس.“ ستاره کلي چيو.

”تون ته ادا کي خوامخواهه تنگ ٿي ڪرين.“ ٻيءَ چيو.

”هيءَ نيلوفر ڇڳي ادا جي ادي پيدا ٿي آهي.“ ستاره وري چيو.

”هن سان الائجي ته ڪهڙو چڪر پيو هلي.“ ارشد کي ظفر تي رحم اچي ويو. هن هٿ وڌائي ظفر کي ڀاڪر وڌو. گاڏيءَ هڪ وڏو موڙ ڪاٽيو ته سامهون هڪ تمام سهڻو نظارو اچي ويو. هنن بلندين ۽ گهراين جو ميل ارشد کي ڏاڍو وڻيو. دريءَ مان منهن ٻاهر ڪڍي هن هڪ وڏو ساهه کنيو. پنيان چارئي ڇٽيون پاڻ ۾ سس پس ڪري رهيون هيون ۽ ارشد سوچي رهيو هو ته عورتون ماڻ ڪري اصل ڪونه ٿيون سگهن.

”پنھنجي باري ۾ ٻڌايو اٿئي تہ ڪير آھين.“ ارشد ھن ڏانھن ڏنو ۽ وري پويان نھاريائين.

”اسان کي خبر آھي تہ ظفر صاحب مشھور افسانہ نگار آھي. اسان سندس افسانہ بہ گھڻا پڙھيا آھن.“ ھڪ ڇٽي چيو. ھن جو لھجو ڪجھ عجيب ھو. ظفر کان ٺڏو ساھ نڪري ويو.

”پلا ايوبيہ ايندي، ڪي رڳو پيا جبل جا چڪر ڪاٽيا. ھاڻ تہ مٿو ٿو ڦري.“ ستاره ڪلي چيو.

”ستارن کان آسمان جي بلندين ڏانھن ويندي شڪايت ڪڏھن بہ ڪنھن نہ ٻڌي ھوندي.“ ارشد چيو وري سامھون پري کان نظر ايندڙ برف پوش پھاڙن ڏانھن اشارو ڪندي چيائين. ”ھي ھماليہ جون چوٽيون برف سان ڍڪيل ڪيڏيون نہ عظيم پيون لڳن.“

”پر انسان انھن کان وڌيڪ عظيم آھي.“ ستاره چيو ۽ ھن جي دل جو ڄڻ بار ھلڪو ٿي ويو.

ھڪ وڏو اوچو پھاڙي رستو چڙھي موٽر منزل تي اچي پھتي. انجڻ مان دونھان نڪري رھيا ھئا. ھنن جي ھيٺ لھندي ئي ھوٽلن جا بيرا ھنن کي ڦري آيا پر ھنن ڪلي ٽاري ڇڏين. ھو سڀ ٽفن باڪس کڻي ھيٺ لٿا ۽ ھوٽلن ڏانھن وڃڻ جي بدران سھڻو ڇپر سان ڍڪيل پھاڙ جو ھڪ ٽڪرو ڏسي وڃي اتي پھتا. نيلوفر پنھنجي منھن جھونگارڻ لڳي. ”جيڏانھن ڪر نگاھہ تيڏانھن سجڻ سامھوڻ“ ھن جو آواز چوطرف ڦھلجي ويو.

”انسان توڙي ڪائنات، آواز کان سواءِ اڌورا آھن.“ ارشد چيو.

”نو فلاسافي پليز“. ستاره ڪلي چيو ۽ ڦھڪو ڪري ڇپر تي ڪري پئي.

ھڪ طرف سامھون پري پري تائين صرف ساوڪ ئي ساوڪ ھئي ۽ ٻئي طرف ھوٽلون ۽ ننڍڙو جابلو شھر. ڪانئن ڪجھ پري ڪي جوڙا پڻ

Scanned by CamScanner

هلي گهمي رهيا هئا ۽ سامهون نظر ايندڙ رنگين لفٽ چيئرس ڇڻ تہ آسمان ڏانهن اڏاميون پئي. ”هيڏين بلندين تي پهچي پستين جو احساس خوبخود ختم ٿيو وڃي.“ ارشد سوچيو ۽ گاهہ تي ليٽي ٻانهن ڪنڌ جي هيٺان رکي جهڙايل آسمان ڏانهن ڏسڻ لڳو. جتي ڪڪرن جا اڇا ۽ ڪارا ڍڳ مختلف صورتون ٺاهي ۽ ڊاهي اچ وڃ ڪري رهيا هئا. هن سوچيو تہ ننڍپڻ ۾ ڪيئن ڪڪرن کي ڏسي ڪڏهن شينهن تہ ڪڏهن پوڙهي ماڻهوءَ جي شبيهہ ذهن تي تري ايندي هئي. ”اسين جيڪي ڪجهہ سوچون ٿا سوئي ڏسون ٿا ورنہ ڪڪر تہ ٻاڦ آهن، ٻاڦ جي ڪهڙي صورت!“، ارشد سوچيو.

هو اٿي وينو. ظفر نيلوفر سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. باقي ٻہ ڄڻيون حيرت سان هيڏانهن هوڏانهن خوبصورت نظارن کي ڏسي رهيون هيون.

”هوءَ سيما آهي. فائن آرٽ جي اسٽوڊنٽ“. ستاره سنهڙي ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو. انهيءَ تہ ارشد کي سڃاتو هو. ”۽ هوءَ زينت آهي هوم اڪنامڪس ڪاليج ۾ پڙهائيندي آهي!“ ستاره ائين تعارف ڪرايو ڄڻ پاڻ ارشد سان چڱيءَ طرح واقف هئي. ”نيلوفر منهنجي وڏي سئوٽ آهي ۽ هن جي ئي هرد ڏيڻ تي اسين هيڏانهن آيون آهيون. امان بابا تہ ڏاڍا ڪاوڙيا پر نيلوفر جو خيال رکندا آهن. هن جا ماءُ پيءُ ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويا هئا.“ هن وڌيڪ اطلاع ڏنو.

”توهين ڇا ڪندا آهيو“ ارشد پڇيس.

”آءُ اڃا هاڻي پڙهي واندي ٿي آهيان، ماٺ ڪيو پراڻن گانن جا رڪارڊ پئي ٻڌندي آهيان.“ هن عجيب جواب ڏنو.

”يعني بيڪاري ئي توهان جو مشغلو آهي؟“ ارشد کلي ڏنو.

”فوٽو ڪيرائڻ جو ڏاڍو شوق اٿم.“ ستاره وري چيو.

Scanned by CamScanner

”آءُ توهان جي تصوير ناهيندس.“ ارشد گاهه جو هڪ ڪڪ پٽي هٿ ۾ ڪنيو.

”سچ!“ ستاره هن جي اکين ۾ ليئو پائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ارشد هڪدم ڪٽي ڪاري عينڪ اکين تي وڌي.

”فنڪار ڪوڙ نه ڳالهائيندا آهن.“ هن عينڪ کي نڪ تي نيڪ نموني سان رکندي چيو.

”فنڪارن ۾ افسانه نگار به شامل آهن.“ ظفر ۽ نيلوفر هنن جي ويجهو اچي پهتا هئا ۽ هي فقرو ظفر چيو هو.

”معاف ڪجئو ذڪر فائن آرٽس جو پئي هليو.“ ستاره منهن بگاڙيندي چيو.

”مون کي به ته ٻڌايو فائن آرٽ جو ڪهڙو ذڪر آهي؟“ سيما به سري آئي.

”انسان قدرت جي خلقيل حسين ترين مخلوق آهي.“ ارشد چيو.

”توهين هر ڪنهن جي تعريف ڪندا آهيو ڇا؟“ ستاره پڇيو.

”هر تعريف جي قابل شيءِ جي تعريف ڪندو آهيان.“ ارشد چيو.

”هي ظفر توهان کي ڪٿان هٿ آيو.“ ارشد ظفر جي هٿ ۾ هٿ وجهندي چيو.

”اسين ڪراچيءَ کان ئي همسفر آهيون.“ سيما چيو.

”سفر به ڏاڍو سنو ڪٽيو.“ زينت به ڪڇي.

”خيال ڪجئو ريل جي سفر ۽ زندگيءَ جي سفر ۾ وڏو فرق آهي.“ ارشد کلي چيو. هن ڏنو ته بجاءِ زينت جي سيما شرمائجي وئي.

”زندگيءَ جو سفر ته مجبوري آهي.“ نيلوفر چيو.

خبر ناهي ڪهڙي خيال کان هن جي وڏين وڏين اکين جون ڪندرن آليون ٿي ويون ۽ هوءَ دور پهاڙن جي برفاني چوٽين ڏانهن ڏسڻ لڳي.

Scanned by CamScanner

ماني پوري ڪري هو ٽورو اڳيان ڪيئبن ۾ نهيل هڪ چانهہ خاني ۾ ويا ۽ هڪ ڏوئي گرم گرم ڪير پتيءَ واري چانهہ جا ٻہ ٻہ ڪوپ پيتائون. سندن ٽئڪسيءَ جو ڊرائيور بہ اتي وينو هو. ظفر تمام چڱي موڊ ۾ هو تنهن ڊرائيور کي مانيءَ لاءِ پنج رپيا ڪڍي ڏنا. ارشد پنهنجي منهن ڪلي ڏنو.

"ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو ڪيئن نہ فياضيءَ تي لاهي پاهي بيهندا آهن.!" ستاره هن سان گڏ بيهي چئي تہ هن جو ذهن پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. "توهان ڪليا ڇاتان!" هن پڇيو.

"بس دل چيو تہ ڪلان."

"دل هميشہ چوندي اٿو يا اڄ ڪا خاص ڳالهہ آهي." هن پڇيو.

" نہ ڪا خاص ڳالهہ تہ ڪانهي" ارشد ورائيو ۽ ستاره اداس ٿي ويئي. سامان ٽئڪسيءَ ۾ بند ڪري هو لفٽ چيئرس جو سير ڪرڻ لاءِ هليا. نيلوفر ظفر ۽ سيما اڳيان هئا ۽ زينت ستاره ۽ ارشد پنيان. ارشد هڪ سنهڙي ڊگهي، وڻ جي ڪاني ڪنئي هئي ۽ هڪڙي ننڍڙي پٿر سان راند ڪندو ٿي هليو.

"توهين تصويرون ڇو ناهيندا آهيو؟" زينت سادگيءَ مان پڇيو.

"بس دل چوندي اٿم تہ ناهيندو آهيان." ارشد جواب ڏنو.

" جڏهن دل نہ چوندي هجي تڏهن؟" ستاره هن جي اکين ۾ اکيون وجهي پڇيو.

"تڏهن وري پيٽ مجبور ڪندو اٿم." ارشد بہ هن جي اکين ۾ جهاتي پائيندي چيو. کيس ستاره جي اکين کي ڏسي شاهہ جو شعر ياد اچي ويو، "اکين ۾ ٿي ويهہ، تہ آءُ واري ڍڪيان" واقعي انهن اکين ۾ باقاعدي پارڪنگ پلاٽ موجود هو.

”ڇا پيا ڏسو.“ ستاره سرگوشيءَ واري انداز ۾ پڇيو ۽ ڦڙيون تيز ٿي ويون. هو تيز قدمن سان چاڙهي چڙهڻ لڳا.

”ڏسان پيو ته انهن خوبصورت بلورن مان آءُ ڪيئن نظر ايندو هوندس، ون ڪلر يا ٽيڪني ڪلر.“

”مون کي ته لڳي ٿو ته اوهين آرٽسٽ وغيره ڪجهه به ڪونه آهيو، شاعر آهيو.“

”شاعري ۽ آرٽ کو الڳ شيون آهن ڇا؟“

”سوالن ۾ نه منجهايو.“

”آءُ پاڻ منجهي پيو آهيان.“

آءُ منجهڻ ڪانه ڏينديس.“

”مون سان به ڳالهايو يا رڳو پاڻ ۾ پيا سس پس ڪندا.“ زينت احتجاج ڪيو. هاڻ هو چاپري ۾ پهچي ويا هئا. سامهون ٻن سيٽن واريون رنگين ٽراليون پهاڙن جي وچ ۾ اچ وڃ ڪري رهيون هيون. هو ساون پهاڙن جي وچ ۾ اڏامندڙ رنگين پکي لڳي رهيون هيون. نيلوفر ظفر تي زور رکي رهي هئي ته هو ساڻس گڏ ٽراليءَ ۾ ويهي ڇو جو پيڻ جو پاءُ تي وڏو حق ٿيندو آهي ۽ ظفر وري ويچاري سيما کي وندرائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هو جنهن ڳالهايو به تمام گهٽ ٿي. شايد هيڏن اوچن پهاڙن تي پهچي هن کي ڊپ ورائي ويو هو.

”نيل پاڻ موٽنداسين ڪڏهن؟“ سيما چيو.

”ڊونٽ وري بيبي، توکي ڇڏي ڪونه ويندا سين.“ ستاره کلندي چيس. هوءَ چپ ٿي وئي. ٽرالي چاپري ۾ اچي پهتي ۽ ستاره ارشد کي ٻانهن کان ڇڪي ان ۾ چڙهي ويٺي. ٽرالي هلندي رهي ۽ آهستي آهستي چڪر ڪاٽي واپس مٿي وڃڻ لڳي. آهستي آهستي گهرايون گهريون

Scanned by CamScanner

ڏينديون ويون. هڪ هنڌ اهڙو به آيو جو هو ڇڻ فضا ۾ پهچي ويا. ارشد ستاره ڏانهن ڏنو جنهن بي اختيار هٿ سندس هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو. نرم گرم هٿ هن جي جسم ۾ سياڪڙو وجهي ڇڏيو. هن بي اختيار ستاره ڏانهن ڏنو. جنهن اکيون پوري ڪنڌ ڪٽي سندس ڪلهي تي رکيو.

”اڙي ستاره!“ سامهون ايندڙ ٽراليءَ مان آواز آيو ۽ هن ڇرڪي ڪنڌ مٿي ڪنيو.

”اوه نسرين تون!“ ستاره پريان ويندڙ ٽراليءَ ۾ ويٺل ڊاليءَ کي ڏسي چيو هئو. ارشد ڇرڪي ويو. ڊالي اقبال سان گڏ هئي. جيڪو نظارن جي بدران ڊاليءَ ڏانهن ڏسي رهيو هو. هيڏين بلندين تي ڊاليءَ کي ڏسي هن کي ايڏو ته پستين جو احساس ٿيو جو سمجهيائين ته ڇڻ ڪنهن اونداهي غار ۾ ڪري رهيو هجي. هن زور سان ستاره جو هٿ جهليو. ڇڻ ته پنهنجو پاڻ کي بچائيندو هجي. ڊاليءَ جي ٽرالي لنگهي وئي هئي. ليڪن هن کي محسوس پئي ٿيو ته ڊالي ڪيس مڙي ڏسندي هوندي. هن ڪوشش جي باوجود به ڪنڌ ڪونه ورايو.

”ڇو، توهان جو موڊ ڇو آف ٿي ويو؟“ ستاره هن کان پڇيو.

”نه آءُ بلڪل نيڪ آهيان. ڏسان پيو ته نظارا خوبصورت کان خوبصورت ڪيئن ٿا ٿيندا وڃن!“

”ڏسو ته منهنجي منهَن ۾ پيا!“

”ان کان وڌيڪ ڪو سهڻو نظارو هجي به ته ڏسان نه! سڀ اوچايون ۽ گهرايون ويڙهجي سيڙهجي ان ڇهري ۾ ته اچي لڪيون آهن.“ ارشد چا پئي چيو سا ڪيس خبر نه ٿي پئي.

”هتان واپس ڪراچيءَ هلي توهين ملندئو نه؟“

”ها، ڇو نه ملندس.“

Scanned by CamScanner

”متان هڪ پل جي هن رشتي کي وساري ڇڏيو.“

”ستاره، پل جو رشتو ڪڏهن ڪڏهن صديون اورانگهي ويندو آهي.“

”مان اوهان کي فون نمبر ڏينديس، توهين رڳو رنگ ڪري ڇڏجئو بس آءُ پاڻ اچي پهچنديس.“

”بهتر ته اهو آهي ته چوٿيءَ مان هڪ وار پٽي ڏي ته ان کي جيڏي مهل سيڪ ڏيان ته تون اچي پهچين.“ ارشد کلي چيو. هن جو ڌيان اجا ڊاليءَ ۾ هو.

”آءُ پري ڪانه آهيان آدمزاد آهيان.“ ستاره به کلي ڪنڌ وري ڪٽي هن جي ڪلهي تي رکيو. ٽرالي پنهنجو سفر پورو ڪري چڪي هيءُ سامهون هل ٽاپ هوٽل نهي رهيو هو. هو لهي ڪجهه پرپرو ٿي بينا.

”نيل مون ڪانسواءِ اداس ٿي ويندي آهي.“ ستاره چيو.

”توهان ٻنهي کي هڪٻئي ڪان سواءِ اداس ٿيڻ گهرجي.“ ارشد شرارت واري انداز ۾ چيو.

”ڇو؟“

”ڇو جو ڪو جواب ٿيندو ئي ڪونهي، ان ڪري جو هر جواب کي هڪ ”ڇو“ هوندي آهي.“

”قدرت جي هن حسين گود ۾ به توهان فلسفو نه ٿا ڇڏيو.“

”مون ته هڪ عام ڳالهه ڪئي هئي، هو ڏس نيلوفر ۽ ظفر. پوئين ٽراليءَ ۾ سيما ۽ زينت به آهن.“ سامهون هڪٻئي پنيان ايندڙ ٽرالين ۾ هو وينا هئا. ”منهنجو خيال آهي ته پاڻ واپس هلون“. ارشد اوچتو چيو

اجا ته آيا آهيون، واپس ڇو هلو؟ ستاره پڇيو. ائين چوندي هو سامهون رڪيل ٽراليءَ ۾ چڙهي وينا.

”ها، پاڻ واپس ٿا هلون“ ارشد چيو. هن کي هڪ اٽڪاتل خوف اچي ورايو. هن پاسي ڊالي هئي، شايد ماٽس بہ هجي، هو ڇا چوندا، پر ڊالي پاڻ بہ تہ اقبال سان آهي. هنن سان منهنجو ڇا؟ ڪمال آهي، ڪمال ڇاجو، هر ڳالهہ ممڪن آهي.“

”ستاره، نسرين، ڪي هتي وهاري آيا آهيون“ سيما رڙ ڪندي چيو. ٽرالي هلي وئي. هو بہ اچي ڇاپري تي پهتا. ستاره ارشد جو هٿ جهلي هلندڙ ٽراليءَ مان هيٺ لٿي. سامهون اڪيلي ڊالي ڳاڙهيون اکيون ڪنيو بيٺي هئي.

”گهمي آيئو!“ هن ٺوڪ واري انداز سان پڇيو. ٺوڪ ارشد سمجهي پر ستاره کلي چيو.

”بي وفا، خبر بہ نہ ڏنئي تہ ڪڏهن آئينءَ.“

”مون کي آئي الاهي ڏينهن ٿيا آهن، توهين ڪڏهن آيا“ ڊالي ٿوري ٿڌي ٿي.

”بہ ٽي ڏينهن ٿيا آهن. ڪٿي رهيل آهيو؟.“ ستاره پڇيو. ڊاليءَ ارشد ڏانهن ڏٺو جو پڻ اتفاق سان ڏانهس ڏسي رهيو هو. ”مئجسٽڪ هوٽل ۾.“ هن چيو پر اکيون ارشد جي اکين مان نہ ڪڍيائين جن ۾ اهڙو تاثر هو جو ڪير سمجهي ڪونہ ٿي سگهيو.

”ارشد بہ تہ اتي رهيل آهي!“

”ها، خبر اٿم.“

”توهان سان گڏ بيو بہ تہ ڪو هو.“ ارشد خوامخواه پڇيو، ڪيس خود حيرت ٿي تہ اهو جملو سندس وات مان ڇو نڪتو.

”ها. بيو بہ هو، هو پنهنجي ڪار جو خيال ڪرڻ ويو آهي، ٽويوٽا ڪرائون آهيس، ڪاٿي ڪو چورائي نہ وڃي.“ ڊاليءَ جي لهجي جي گهرائي

محسوس ڪندي ارشد کي الائجي ڇو اقبال تي ڪاوڙ ائي جيڪو ڊاليءَ کي اڪيلو ڇڏي پنهنجي ڪار جو خيال ڪرڻ هليو ويو هو. ٻيا ٻه سڀ چڪر هڻي واپس پهچي ويا. هو سڀ گڏجي وينيون ۽ ظفر ۽ ارشد هڪ طرف وڃي وينا.

”تون ان ڇوڪريءَ کي سڃاڻين ٿا؟“ ظفر ڊاليءَ ڏانهن اک جو اشارو ڪندي پڇيو.

”ڇو سيما مان دل ڀرجي وئي يا وري فلاسافي غلط نڪتي.“ ارشد پڇيس.

”مذاق نه ڪر يار، مون سان ته ويل آهي جيڪو مون کي وٺي سو مون کي ڪونه چاهي ۽ جيڪو وري نه وٺيم اهو وڌيو اچو ملي.“

”منهنجي خيال ۾ خدا کي تنهنجو اڌ ناهڻ وسري ويو هو.“

”لڳي مون کي به ائين ٿو.“ ظفر چيو ۽ ٻئي ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳا.

”ها نيلوفر لڪا پتڻ آهي.“

”تنهن ۾ پنهنجو ڇا؟“ ارشد چيو ۽ هڪڙو پٿر ڪٽي پهاڙي ڪناري کان هيٺ اڇلايائين.

”جي اهو حال رهيو ته توهين هن پهاڙي کي وڃي پٽ تي پهچائيندا.“ ستاره پريان رڙ ڪندي چيو. شايد پنهنجي وجود جو هڪ پل به نظرانداز ٿيندو نه ٿي وٽيس.

”منهنجو خيال آهي ته ان صاحب جو ڪم ئي پهاڙ جهڪائڻ آهي.“ ڊاليءَ چيو. هاڻ سندس اکين ۾ چمڪ هئي. خبر ناهي ڇو اڄ ڪيس هڪ عجيب ۽ انوکو احساس ٿيو هو. هن کي ائين محسوس ٿيو هو ڄڻ ته ارشد سان سندس ڪو گهرو تعلق هو. صبح جو به هوءَ ارشد جي ڪمري ۾ وئي هئي ته جيئن هن کي به پاڻ سان وني اچي ليڪن هو نڪري چڪو هو. لفٽ چيئر ۾ هن کي ستاره سان گڏ ڏسي ڪيس دل ۾ جيڪا ڇهنڊڙي لڳي

هي سا ڪڏهن شيليءَ جي شاعري پڙهندي بہ محسوس ڪنہ ٿي هئس. هوءَ ستاره ۽ نيلوفر جي نندپڻ جي ساهيڙي هئي. سيما ۽ زينت ڪانئس جونئر هيون. هنن سان گڏ ارشد کي ڏسي هوءَ حيران ٿي وئي هئي. ڪيس هينئر حيرت ٿي تہ پاڻ اهڙو رمارڪ ارشد تي ڪيئن پاس ڪيائين.

اهو رمارڪ ٻڌي ارشد جي دل چئي تہ وات ۾ اچي وئي. تہ ڇا ڊاليءَ کي بہ ساڻس پيار ٿي ويو هو. ليڪن نہ. ڪٿي هو ڪٿي ڊالي، جنهن جي موڊ تي ڪو اعتبار ئي نہ هو. پل ۾ تولو، پل ۾ ماسو، پهاڙي ڪڪرن وانگر هڪ منٽ ۾ وسڻ لڳندي هئي تہ گهڙيءَ ڪان پوءِ آسمان صفا. تنهن ڪان پوءِ وڏي ماٺهوءَ هجڻ جو احساس. ارشد هن ڏانهن نهاريو تہ هوءَ ڇاتي ٻجهي پري خلا ۾ نهارڻ لڳي.

نيلوفر ڪاوڙجي رهي هئي. "بيوقوف، ڏسو تہ ڪيمره وساري آيون، هاڻ موتي ڇا ڇئبو! سڀ چوندا تہ ايوبيہ ويائي ڪونہ هئا."

"فڪر جو تا ڪريو، سپاٽي وري ڪيمره کڻي ايندا سون." ظفر چيو.

"نہ ياءَ، هي زندگيءَ جو رسڪ هر هر ڪير کڻندو؟" سيما کلي چيو.

"زندگي پاڻ ئي هڪ وڏو رسڪ آهي." ارشد چيو.

ستاره ڪو بهانو ڪري اٿي آهستي آهستي ٿورو پري هلي وئي ۽ ڪنڌ جهڪائي ڪلهن وٽان مٽڙي ڏٺائين تہ ڪو پيو بہ اٿيو يا نہ. سائي پس منظر ۾ گلابي ڪپڙا پهريو هوءَ سائيءَ ول ۾ ڪرڙيل گلابي گل وانگر لڳي رهي هئي. ارشد سوچيو تہ جي هو ڪينوس ۽ برش آٿي ها تہ هن جي تصوير ضرور ٺاهي ها. ايڏي مهل ڊالي اٿي ۽ ناز سان ٿلندي ٿلندي ٻئي طرف وڃڻ لڳي. هوءَ هٿ پنيان ٻڌيو آهستي آهستي وڃي رهي هئي. هن ويندي ويندي ارشد ڏانهن اهڙين نظرن سان ڏٺو جن ۾ ڪيس صرف هو پاڻ پئي نظر آيو. اڳيان وڃي هن وري مڙي ارشد ڏانهن ڏٺو. ظفر بہ ارشد

Scanned by CamScanner

ڏانهن ڏنو. هڪ طرف ڊالي هئي ۽ ان سان گڏ گذاريل چند خوشگوار لمحن جا پاڇولا، تہ ٻئي طرف ستاره هئي، جنهن جي مٿان مستقبل جا روشن ڪرڻا جرڪي رهيا هئا. هو اٿي بيٺو. سندس دماغ دل جو ساٿ ڏيڻ ڇڏي ڏنو ۽ قدم ٻنهي ڪان باغي ٿي ويا. بي اختيار هو ڊاليءَ ڏانهن وڌڻ وارو هو تہ اوچتو اقبال ڊالي وٽ پهچي ويو. ارشد مڙي هيٺ گهراين ڏانهن ويندڙ هڪ جابلو پيچري تي پير رکيا ۽ آهستي آهستي هيٺ وڃڻ لڳو. "بلندين کان گهراين ڏانهن ويندي ڪيڏو نہ عجيب ٿو لڳي." هن سوچيو. "زندگيءَ ۾ اهي گهرايون ۽ بلنديون نہ هجن تہ ڪيڏي نہ خشڪ ۽ بي رنگ ٿي پوي!" هن جي سوچ هن جي قدمن سان گڏوگڏ وڌندي رهي.

"آرٽسٽ بہ عجيب آهن." نيلوفر ٿڌو ساهہ کنيو. پريان ستاره جهڪي هيٺ ڏنو جتي ارشد تمام ننڍڙو ٿيندو پري وڃي رهيو هو. هوءَ موٽي نيلوفر وٽ آئي.

"ارشد صاحب ڪي چوندا سين تہ هو بہ اڃي ڪشمير ولا ۾ رهي." سيما چيو.

"ڇو؟" ظفر خوامخواه سوال پڇو ۽ خودئي منجهي ڪٿي مات ڪيائين. ڊالي بہ اقبال سيمت وٽن پهچي وئي. هن جو موڊ ڪجهہ نيڪ ڪونہ هو.

"توهين واپس هلو ٿا؟" اقبال پڇيو.

"اسين ضرور واپس ويندا سين". ظفر وراڻيو. هن ڪي اقبال اصل ڪونہ وڻيو هو. هوڏانهن اقبال چار ڇوڪريون ڏسي اصل فلوي بنجي ويو هو.

"تہ پوءِ هلو، مون وٽ ٽويوٽا ڪرائون آهي وڏي گاڏي آهي." اقبال ڊاليءَ ڏانهن ڏسي مرڪندي چيو، جنهن ڪاوڙ کان جڪ پئي ڪاڏا.

"ارشد تہ اچي!" ستاره چيو.

Scanned by CamScanner

"اسان ٽئڪسيءَ ۾ آيا آهيون. ٽئڪسي بيٺي آهي." نيلو فر ڪي ٻه اقبال جي ڳالهه نه وڻي.

"ارشد ٽئڪسيءَ ۾ اچي ويندو." اقبال وري چيو.

"منهنجو خيال آهي ته توهين هلو. اونداهي ٿي وئي آهي ۽ ڪار ڪي ڪا رهڻ رونبد اچي وئي ته خوامخواهه خرچ ۾ پئجي ويندا." ستاره ڪلندي چيو.

"خير اهڙي ته ڳالهه ڪانهي." اقبال ڪجهه شرم ڪان چيو. "پلا ڪيترو انتظار ڪندئو؟"

"جيستائين هو اچي نه ٿو." ستاره چيو.

ڊاليءَ ڪاوڙ مان سوچيو "ته هاڻ ارشد. هو به ٿي ويو واهه.

"جي نه موٽي ته؟" اقبال چڻ وڏو مذاق ڪيو.

"اقبال صاحب" ڊاليءَ جي وات مان بي اختيار ايڏي رڙ نڪتي جو هوءَ خود پنهنجي آواز ڪان ڪنبي وئي. هوءَ ڪاوڙ ڪان ڳاڙهي ٿي وئي. سندس بدن جوش ۾ ڪنبڻ لڳو. اقبال ڪجهه به نه سمجهيو.

"توهان ڪي اهڙيون ڳالهيون نه ڪرڻ گهرجن." نيلوفر چيو.

"پيو ته اوهان پلي هلو. اسين توهان سان ته ڪونه آيا آهيون. پوءِ چنبڙو چو پيا." ظفر ڪي به ڪاوڙ اچي وئي. اقبال جي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا اچي ويا.

"توهين وڃو. آءُ اجا ڪانه هلنديس." ڊاليءَ چيو. هوءَ اجا ڏڪي پئي. سندس نظرون بار بار هيٺ گهراين ڏانهن پئي ويون. ستاره به هيٺ نهاري رهي هئي. هن جي دل ۾ عجيب وسوسا جنم وٺي رهيا هئا. "آخر هو ويو ڪيڏانهن." اقبال منهن ڦلهڙو ڪري پري ٿي بيهي رهيو. هو به هيٺ ڏسي رهيو هو. ڪجهه وقت لاءِ اهڙي ماٺ ڇائنجي وئي چڻ ته هن

دنيا ۾ آواز جو ڪو وجود ئي ڪونہ هو. "اڇهو اڇي ويو." ظفر جي آواز سيني کي ڇڻ ڇرڪائي وڌو. ڊاليءَ کي ائين لڳو ڇڻ ماحول ۾ جان پئجي وئي هجي. تصوير ۾ رنگ پرجي ويو هجي. ارشد چڪر کائي پويان اچي نڪتو هو. سيني کي پاڻ سان ڏانهن گهوريندو ڏسي هو حيران ٿي ويو. ستاره ڊوڙي وڃي هن وٽ پهتي.

"ڪيڏانهن ويا هئا؟" ڊاليءَ شڪايت واري انداز ۾ چيو. ستاره حيران ٿي وئي. ارشد هن کي نظرانداز ڪندي چيو. "منهنجو خيال آهي تہ هاڻ واپسيءَ جي ڪجي." ارشد کي ايندو ڏسي ڊاليءَ کي ايڏو تہ اطمينان ٿيو هو جو هن پنهنجي نظرانداز ٿيڻ تي غور ئي ڪونہ ڪيو.

"تنهنجي انتظار ۾ تہ هئاسين." ظفر چيو.

ستاره جي اکين جون ڪنلبون خبر ناهي تہ ڇو آليون ٿي ويون هيون.

"پلا پاڻ هلون؟" اقبال معصوميت مان چيو. خبر ناهي ڇو ڊاليءَ جي دل نرم ٿي وئي.

"ستاره تون تہ اسان گڏ هل." هن چيو.

"نہ بابا، اسين گڏ ويندا سين." ستاره ارشد ڏانهن ڏٺو. نيلوفر، سيما، زينت ۽ ظفر ٽئڪسيءَ ڏانهن وڃي رهيا هئا. ڊاليءَ وري ارشد ڏانهن ڏٺو ۽ نااميد ٿي اقبال سان گڏ هلي وئي. ارشد ۽ ستاره بہ آهستي آهستي ٽئڪسيءَ ڏانهن وڌيا جتي سندن انتظار ٿي رهيو هو.

---

ڪوثر ڊاليءَ کي اقبال سان گڏ موڪلي پاڻ منهن گنديءَ ۾ ويڙهي سمهي رهي. حالانڪ بعد ۾ سليم بہ جوٽس سوڏو وٽس آيو هو پر

Scanned by CamScanner

هن طبيعت خراب هجڻ جو بهانو ڪيو ۽ هنن سان گڏ ڪيڏانهن بہ ڪونہ وئي. سليم بہ سندس فطرت کان واقف هو. هن کي خبر هئي تہ ڪوثر جڏهن هڪ دفعو نہ ڪري تہ وري هن کي ڪير بہ ها ڇورائي نہ ٿو سگهي. يونيورسٽيءَ ۾ ڪوثر سان گڏ گذاريل چار سال هن جي حافظي تي هڪ اڏ سهڻي ۽ اڏ پوائتي خواب وانگي نقش هئا. اها ڪوثر جيڪا خوش هوندي هئي تہ چانهہ بہ پاڻ ناهي پياريندي هئي ۽ ڪاوڙجندي هئي تہ پريل چانهہ جو ڪوپ اڇلائي ڇڏيندي هئي. هڪ لمحي ۾ ڪجهہ هوندي هئي تہ ٻئي لمحي ۾ وري ٻيو ڪجهہ. سڀئي شاگرد ڪانئس ڇرڪندا هئا. سليم کي پهرين تہ هن جي طبيعت جي خبر ئي ڪانہ هئي. هن جي خيال مطابق ڪوثر هڪ آزاد خيال سوشل ڇوڪري هئي ۽ هو بہ هڪ وڏ گهراڻو هو. پئسو، دولت، موٽر هر شيءِ هئس. بس هڪ دفعي ڪوثر کي موٽر ۾ چڙهڻ جي آفر ڪيائين. جواب ۾ اهو ٺڦڙ ڳل تي لڳس جيڪو هو ڪڏهن نہ وساري سگهيو. اها ٻي ڳالهہ هئي تہ ٻئي ڏينهن ڪوثر خود پنهنجن هٿن سان چانهہ ناهي هن کي پياري. ليڪن هن کي اهڙي سيڪت آئي جو وري ڪوثر کي رڳو ڏسڻ تي راضي رهيو. پڙهائيءَ کان پوءِ هاڻ هن پهريون پيرو ڪوثر کي ڏٺو هو، پر هاڻ حالتون بدلجي چڪيون هيون. هن کي ڪوثر جي شاديءَ جي بہ خبر هئي ۽ اها بہ خبر هئي تہ ڪوثر ۽ مڙسس ڪڏهن بہ پاڻ ۾ ڪونہ نهيا. هن وچ ۾ ڪوثر سان ملڻ بہ چاهيو پر پوءِ اهو سوچي چپ ٿي ويو تہ هاڻ ڇا حاصل. بهرحال ڪوثر جهڙي حسين ۽ ذهين ڇوڪري هٿان وڃڻ تي کيس افسوس هو. ان جو پورائو فهميده جي دولت ڪافي حد تائين ڪري ڇڏيو. هو ليڪن تہ بہ ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ چڻ ڪو ڪنڊو چيڻ لڳندو هئس تڏهن هو ڪجهہ دير لاءِ اداس ٿي ويندو هو. فهميده بہ هن وانگي دولتمند هئي پر عقل وغيره جهڙي ڪابہ بلا

Scanned by CamScanner

کانه پالي هئائين. پنس اقبال، ماءُ تي ويو هو. هينئر سليم جو ڪوثر کي ڏنو ۽ سندس ڏيءَ به ڏنائين ته دل ٿيس ته جيڪر ڪنهن به صورت ۾ پراڻا رشتا جڙي وڃن. هن ماضيءَ سان رابطو رکڻ ٿي چاهيو ڇو جو هن جو ماضي حسين هو. جن جو ماضي سٺو هوندو آهي اهي زندگي ڀر ماضيءَ سان رشتو قائم رکيو ايندا آهن. ماضي ئي ته انسان جو پنهنجو آهي. حال هڪ ڪيفيت آهي جا مسلسل جاري آهي ۽ مستقبل موهوم اميد. سليم چاهيو ٿي ته جي ڪوثر کيس نه حاصل ٿي ته ڇا، اقبال کي ڏالي ملندي ته ڪوثر سان به هڪ رشتو قائم رهندو. جوڻس به ٽي دفعا پڇيس ته اڳ ته تو ڪوثر جو ڪڏهن ذڪر به ڪونه ڪيو ۽ هاڻ ائين ٿو لڳي ڄڻ ته ورهين جا واقف آهيو. هي ڇا؟ هو ڇا؟ پر هن جواب ڏئي مطمئن ڪري ڇڏيس ته پنهنجي اقبال لاءِ ڏاليءَ جهڙي ڀانهن ڏکي ملندي، ان ڪوشش ۾ آهيان ته ڪوثر کي راضي ڪري وٺان. اها ڳالهه ٻڌي هوءَ خوش ٿي وئي ۽ خاموش به.

”ڪوثر عجيب خيالات ۾ منجهيل هئي. علم ۽ تجربي هن کي ٻڌايو هو ته هر چمڪندڙ شيءِ سون ڪونه هوندي آهي. خوشيون دولت جي چمڪ ۽ ڪار جي رفتار سان حاصل ڪونه ٿينديون آهن. خوشيون ته دل جو سودو آهن. ڪڏهن سڪن ۾ به نه ملن ته ڪڏهن ڏکن ۽ تڪليفن ۾ به مليو وڃن“ هن ناتجربيڪاري ۽ ضد ۾ جيڪا شيءِ وڃائي هئي سا نه ٿي چاهيائين ته ڌيڻس به وڃائي. هن کي اها به خبر هئي ته ڏالي معصوم آهي. هوءَ ننڍپڻ کان پيءُ جي پيار لاءِ سڪي آهي. هوءَ پاڙي جي ماڻهن کي ماما ماما ۽ چاچا چاچا ڪري پئي خوش ٿيندي هئي. سهڻي هئي، فضيلت واري ۽ تعليم يافته هئي، کيس پنهنجي بري ڀلي جي خبر هئي، تنهن ڪري کيس ڏاليءَ مان ڪنهن غلط قدم کڻڻ جي توقع به ڪانه هئي. ها، اقبال هن کي نه وڻيو هو. هن کي هر ان ماڻهوءَ کان نفرت ٿي وئي هئي

Scanned by CamScanner

جيڪو پنهنجي ذاتي خوبين جي بجاءِ خانداني ورثي تي فخر ڪري. هن جي نظر ۾ انسان جو اصل متاع سندس ذهن هو ۽ اقبال وٽ ذهن بلڪل ڪونہ هو. هن جي سوچ جو دائرو محدود هو. اهوئي سبب هو جو هو وڌيڪ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو هو. بي. اي جي پهرين سال ۾ اچي ويهي رهيو. هاڻ هو ڊاليءَ کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ڊالي جيڪا ڪوثر جي ڏيءَ نہ بلڪ عزيز دوست بہ هئي. هنن کي هڪ ٻئي سان پيار هئو ۽ هڪ ٻئي تي فخر بہ هون. هن نہ ٿي چاهيو تہ ڊالي ساڳين ڪڏن ۾ ڪري جن ۾ ڪري هن جو روح رتو ڇاڻ ٿي پيو هو. هن کي خبر ٿوروئي هئي تہ ڪو سڪندر ائين گم ٿي ويندو! هوءَ جڏهن موٽي هئي تہ ڪيس ماٽس ٻڌايو هو تہ سڪندر سندس پڇي واپس هليو ويو هو. هوءَ اوڏي مهل تہ ليٽي پئي پر شام جو خبر ناهي کهڙو خيال ڪيس سڪندر جي رهائش واري ريسٽ هائوس تي وني ويو. اتي خبر پيس تہ سڪندر هليو ويو هو. ڪيڏانهن؟ هن کي ڪير بہ نہ ٻڌائي سگهيو. هن جي دل تي چڙ تہ ڪنهن مڪ هٽي ڪڍي. ليڪن اهو سور هن اوڏي مهل محسوس ڪونہ ڪيو پر پوءِ جڏهن اهو سور محسوس ڪيائين تڏهن سندس پيڙا کي صديون گذري چڪيون هيون.

ڪوثر سوچيو تہ پلا سڪندر آخري دفعو مون سان ملي وچي ها تہ ڇا ٿئيس ها؟ هن وري مون کي مڙي ياد بہ ڪونہ ڪيو. هن کي اها بہ خبر ڪانہ هوندي تہ جنهن هنڌ هن منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي پنهنجي آڱر سان اشارو ڪري هڪ ديول جي ڳاڙهن پٿرن واري ديوار تي چڙهيل سائي ول ڏيکاري هئي، تنهن ديول جي سڄي عمارت سينوارجي سائي تي وئي آهي ۽ هاڻي اتي هڪ نہ پر ڪيترين وليون آهن جن ۾ هر سال

ڪجهه به ڪونه ٿو ٻڌائي. آءُ ته اڃا به انهيءَ ڳڌين جي گهر جي مالڪ آهيان، جتي رڳو منهنجي مرضي ٿي هلي!“ هن پنهنجي منهن طنز طور مرڪي ڏنو. ”ماڻهو پيار ڇو ٿا ڪن؟ اهو ڪهڙو جذبو آهي! مون کي سڪندر سان واقعي پيار ٿي ويو هو. اسين سڄيون سڄيون شامون هٿ هٿ ۾ ڏئي پرهجوم رستن تي سرگوشيون ڪندا وتندا هئاسين. هو رستي تان گل پٽي منهنجي وارن ۾ هڻندو هو. آءُ هن سان قد پڇائيندي هن جي ڪلهي تي ڪنڌ رکندي هئس ته هو گهرو ساهه کڻي چوندو هو. ”ڪاش ائين ساهه کڻندي کڻندي زندگي ڪٽجي وڃي“ آءُ ٻي خوف ٿي ويندي هئس! انهن ئي رستن تي اڄ آءُ آهيان ۽ منهنجيون يادون، پر ڊالي ڇا آهي؟ هوءَ به ته منهنجو وجود آهي. هوءَ منهنجي وجود جو جوان حصو آهي ۽ آءُ هن جي وجود جو ٿڪل حصو آهيان. وجود ٺي ورهاست، ڪيتري نه عجيب ڳالهه آهي. آءُ هن کي اهو ڪجهه ڪرڻ کان روڪڻ ٿي چاهيان، جيڪو آءُ پاڻ ڪري چڪي آهيان. پر هوءَ ساڳيو ڏک پاڻ ڪائڻ ٿي چاهي. ارشد ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟ سهڻو آهي، سمجهو آهي، وڏي ڳالهه ته ٻئي ڪجهه نه ڪجهه هڪٻئي کي پسند به ڪن ٿا. مون کي ته هو صاف دل ۽ پنهنجو ٿو لڳي. پر هو اقبال ..... صبح ارشد ڪمري مان نڪري به ته ويو هئو، نه ته آءُ ضرور هن کي به ڳڌ موڪليان ها. پر هو وڃي ڪيئن ها! منهنجو چوڻ ضرور ڪري ها! ڇو جو آءُ وڏي آهيان نه!“. هن ٽهڪ ڏنو. ”هاڻ آءُ وڏي آهيان تنهن ڪري هو ضرور عزت ڪري منهنجو چوڻ وٺي ها ۽ سڄي واٽ ڪامندو پڇندو وڃي ها. نه نه، آءُ هن کي ڪونه چوان ها.

”هاڻي هو ايندا هوندا. ارشد آيو آهي الائجي نه، خبر ناهي ڪيڏانهن نڪري ويو آهي پر ڇڱو جو هتي نه آيو. نه ته ڇا جواب ڏيانس ها؟ جي هو به سڪندر وانگي هميشه لاءِ گم ٿي وڃي ته ..... نه، هن جو

پتو اٿم. سڪندر جو تہ ڪو ڏس پتو بہ ڪونہ هو. بس حيدرآباد ۾ رهندو
هو، ڪٿي؟ ڇا ڪندو هو؟ اهي سوال ڪرڻ جو تہ موقعو ئي ڪونہ مليم.
ڇا وقت هڪ دفعو موٽي نہ ٿو سگهي. مون کي هڪڙو موقعو مليو تہ
ماضيءَ ۾ جهاتي پائي صرف هڪ دفعو سڪندر کي ڏسي وٺان. ان شخص
کي جنهن پنهنجي غرور سان منهنجي وجود کي ئي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو.
”ڪوثر، ضدي ڪوثر، وڏائي خور ڪوثر، ڪريڪ، ڪجهہ بہ تہ نہ رهيو.
ڪجهہ ڏينهن تہ گهمڻ، ڦرڻ آزادي ماڻڻ، موٽرن جو سير ڪرڻ جو شوق
حاوي رهيو پر جڏهن ٿانيڪي ٿي گهر ناهڻ جي ڪوشش ڪيم تہ خبر پئي
تہ گهر وارو ئي ڪونهي. هن کي تہ بس ڏيکاءُ خاطر شوروم ۾ وهارڻ لاءِ
ڪا گڏي گهربي هئي. مون کي ڪڏهن بہ اهو احساس ڪونہ ڏنائين تہ آءُ
بہ گهر ڌڻ واري آهيان. بس سونو بت آهيان جنهن جي پوڄا ٿي رهي آهي.
هي سليم ڇو ٿو چاهي تہ ڊالي اقبال سان پرڻجي. ڇا هي منهنجي حال تي
رحم ٿو کائي. عجيب بيوقوف آهي! ورهين جا تصور ذهن تي رکيو ويٺو
آهي. اها ڪوثر، اهو سليم، اهو ماحول اهو وقت سڀ بدلجي ويا.“ وار اڇا،
چهرن تي گهنج اکين ۾ فڪر جا پاڇا ۽ ذهن ۾ مونجهارا اچي ويا. هو
پراڻن رشتن جي ادڙيل ٽاڪن کي ڇو ٿو جوڙڻ چاهي؟ شايد هن کي بہ مون
وانگر ماضيءَ سان پيار آهي. هو بہ تہ مون سان پيار جي دعويٰ ڪندو هو
نہ!“ ڪوثر وري ٿهڪ ڏنو. ”امان کي ماءُ ٻڌائي منهنجي گهر جا چڪر بہ
هڻندو هو. پر بيوقوف کي ڪڏهن بہ اها همت نہ ٿي جو مون کي سڏو
سڻائون شادي جو چئي سگهي. جميل ڪيڏو نہ صاف نموني ۾ چيو هو، ”يا
شادي ڪر يا مون کي شوٽ ڪر“ مون کي ڪيڏي نہ کل آئي هئي. ڪاش
مذاق مذاق جي حد ٽائين رهي ها! سڪندر چوندو هو تہ پاڻ کي شادي جي
بہ ضرورت ڪانهي، دنيا جي رسم پوري ڪرڻ نيڪ آهي نہ تہ پاڻ هڪ

Scanned by CamScanner

آهيون. ڪيڏو نہ سچ هو! اسين اڃا بہ هڪ آهيون. ڪاش سڪندر هڪ دفعو اچي منهنجي ڊنڊ جهڙين گهرين اکين ڪي ڏسي جيڪي نير وهائي وهائي سياري ۾ سنڌوءَ جي نوٽ واري اسي ٻيٽ جهڙيون ٿي ويون آهن. چنڊ جهڙي چمڪندڙ چهري ڪي ڏسي، جيڪو هاڻ گهنجبو پيو وڃي. تنهائيءَ جو ڪيڏو نہ احساس ٿي پيو اٿم _ ارشد بہ تہ مون ڪي ڪڏهن تنهائيءَ جو احساس ٿيڻ نہ ڏنو. خبر ناهي ڇو هو مون ڪي ڊاليءَ وانگر ٿي پنهنجو ٿو لڳي." ڪوثر سوچيندي سوچيندي سمهي رهي.

---

شام ٿي وئي هئي. ٽڏ بہ وڏي وئي هئي. پر ڊالي اڃا نہ موٽي هئي. ڪوثر، جيڪا ڪافي ننڊ ڪري اٿي هئي تنهن جي ذهن تي اڃا بہ ڄڻ تہ ڪو ڏنڊ ڇانيل هو. هن جي ننڊاکڙي ذهن تي انديشن جي طوفان اچي حملو ڪيو هو. "خبر ناهي ڇو دير ڪئي اٿن. خدا خير ڪري! حادثا پڇي ڪونہ ايندا آهن. ڪيڏا بہ وڏا يا ڪيترا بہ ننڍا حادثا، ايندا اوچتو آهن. پر جي حادثن جي اڳواٽ خبر پئجي وڃي تہ! نہ نہ پوءِ اهي حادثا ڪيئن چئبا." هن اڃا سوچيو پئي تہ ڊاليءَ "امي" چوندي در ڪوليو. هن سک جو ساهہ کنيو. "ايڏي دير؟" هن چيو. ڊالي هن جي پاسي ۾ اچي ويٺي. "امي پهاڙي رستا آهن، مفاصلو ٻارنهن ميل تہ سفر چار ڪلاڪ. ڪڏهن گاڏيءَ جي انجڻ گرم ٿيو وڃي تہ ڪڏهن ٽائرن تي مس ڪرڻ جو شڪ اچيو ٿئي. ها امي، ارشد بہ اتي هو." هن ٻڌايو.

"پوءِ توهان سان گڏ واپس آيو؟" ڪوثر سڌي ٿي ويٺي.

"نہ" ڊاليءَ جو موڊ آف ٿي ويو. "هو پنهنجي ڪمپنيءَ سان گڏ هو."

Scanned by CamScanner

”ارشد جي وري هتي کهڙي ڪمپني پيدا ٿي آهي.“

”بس ملي ويس. نيلوفر ۽ ستاره جن سان گڏ هو.“

”اڙي اهي ڪڏهن آيون، مون سان ته ملائين.“

”چيو اٿمان ته اچن، ڪشمير ولا ۾ رهيل آهن، اهي به موٽيا آهن.“

”منهنجو ته خيال آهي ته ڪٿي هلون. آءُ به سڄو ڏينهن گهر ۾ ويهي ويهي بور ٿي پئي آهيان.“ ڪوثر ڪرموڙيندي چيو. ”واڪ به ٿي ويندي ۽ وندري به ويندا سين.“

”توهان جي مرضي امي، توهين پنهنجي مرضيءَ سان بور ٿيا آهيو. پلا مون سان گڏ ڇو نه هليا! الله جو سنهن جيڪڏهن توهان هجو ها ته ڏاڍو مزو اچي ها.“

”خوشيون ته پنهنجي مرضيءَ سان ڪونه ٿيون ملن. ڪا ته شيءِ پنهنجي مرضيءَ سان به حاصل ڪجي! چاهي اها بوريت ڇو نه هجي!“ ڪوثر چيو.

”امي.“ ڊاليءَ ماءُ ڪي پاڪر پائي ڳل تي چمي ڏنس. هن ڪي ماءُ جي انهن ڳالهين تي رشڪ ايندو هو. هن کي فخر هو ته سندس ماءُ عام مائرن کان جدا آهي. هوءَ هڪ عظيم عورت آهي جنهن وٽ زندگي گهارڻ جو هڪ باقاعدي فلسفو آهي.

”ارشد هوٽل ۾ ڪونه ايندو؟“ ڪوثر پڇيو.

”خبر ناهي، منهنجي خيال ۾ ته هن کي تمام سٺي ڪمپني ملي وئي آهي.“ ڊاليءَ حسرت مان چيو.

”اڙي، هو اقبال ڪيڏانهن ويو. توکي ڇڏڻ به ڪونه آيو.؟“ ڪوثر خبر ناهي ڇو هن جي ڳالهه ٽاريندي چيو.

Scanned by CamScanner

”اجهو تو اڃي، ويندو ڪيڏانهن!“ ڏاليءَ چپ ڊولا ڪندي چيو.

”هيٺ موٽر جي انجڻ کي ٺڏو ڪندو هوندو. وري ٿورو ماٽس کي منهن ڏيکاريندو، چيلهه سڌي ڪندو، پائوڊر ۽ سينٽ هڻي فريش ٿيندو ۽ وري ايندو عذاب ٻڌجي هتي.“

ڪوثر کلي ڏنو هوءَ کلندي رهي. ايترو کلي جو سندس اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. اهڙو تجزيو ته هن جميل جو به ڪڏهن ڪونه ڪيو هو. واقعي ڏالي عجيب هئي. هن جي لاشعور ۾ اقبال لاءِ ڪا به جڳهه ڪانه هئي. ”شايد هوءَ منهن جي ڪچائيءَ سبب اقبال کي ڪو جواب ڏئي ڪونه ٿي سگهي.

ذهني طرح هوءَ اقبال کان تمام متاثر نه هئي. گهٽتائي ته هن وٽ به ڪنهن شيءِ جي ڪانه هئي. تنهن ڪري اقبال جي ظاهري ناٺ کان هن جو متاثر ٿيڻ ممڪن نه هو.

”سچ ٻڌاءِ ڏالي، توکي اقبال جي ڳالهين مان سواد اچي ٿو؟“ ڪوثر چڻ ته ساهيڙيءَ کان سوال پڇيو.

”نه امي، مون کي ته لڳي ٿو ته هن جي ڳالهين ۾ روح ناهي. شيڪسپيئر جي ان جملي جو بلڪل عڪس آهي.

Words carying no thought never reach to heaven.

ڪوثر کي ڏاليءَ جي اکين ۾ پنهنجي شبيهه نظر آئي. ”دل جي در تي دستڪ ڏيڻ هر ڪنهن جي وس ناهي.“ هن سوچيو. ”تو ارشد سان ڳالهايو هو؟“ هن پڇيو

”ها.“ ڏاليءَ وراڻيو. ”پر هن جو موڊ نيڪ نه هو!“

”ڇو؟“

”خبر ناهي.“

”منهنجي لاءِ ڪجهه پڇئين؟“

Scanned by CamScanner

پهرين تہ ڊاليءَ جي دل ۾ آيو تہ چوي ”نہ“ پر ماءُ جي دل رکڻ خاطر چيائين، ”ها، چيائين ٿي تہ توهان سان ملڻ ضرور ايندو.“

”بيوقوف“ ڪوثر سوچيو. ”رشتا ٽوڙڻ جي پنيان پيو آهي.“ هن کي ائين لڳو ڄڻ ڊاليءَ سندس سوچ پڙهي ورتي هجي.

”امي توهان فڪر ڇو ٿا ڪريو؟ بس توهين مون سان گڏ هجو. ٻين سان توهان جو ڇا؟“

”ڊالي، آءُ ڪيستائين تو سان گڏ هونديس؟ مون توکي جنم ڏنو، علم ڏياريو، هوش ۾ آندو. منهنجو فطري ڪم پورو ٿيو. هاڻ وقت تنهنجو، زمانو تنهنجو. اسين ڪاٿي اچي چڙهياسين. منهنجو سهارو هاڻ خيالي آهي، مضبوط ناهي. هاڻ تہ تون منهنجو سهارو آهين، مضبوط سهارو، وڏي مون کي سنڀال. منهنجي دل ۽ دماغ کي تسليءَ جي ضرورت آهي. تون منهنجو جوان ۽ باهمت وجود آهين. مون کي تنهنجي تسليءَ جي ضرورت آهي، تون مون تي نہ ڀاڙ.“ ڪوثر جو لفظ لفظ ڊاليءَ جي دل ۾ چڀي رهيو هو. هوءَ عجيب محويت جي انداز ۾ ماءُ ڏانهن ڏسي رهي هئي. ان عظيم عورت ڏانهن جيڪا وقت جي فيصلي کي ڪليءَ دل سان قبول ڪري چڪي هئي. هن ڪيڏي نہ فراخ دليءَ سان حقيقت کي قبول ڪيو هو. هڪ عام انسان هوندي بہ ڊاليءَ لاءِ هوءَ مافوق الفطرت هئي. ”ليڪن تون ان تي غم نہ ڪر، فڪر نہ ڪر، صبح ۽ شام ٿيندا رهندا. اسر ويل، رات ڏينهن سان ٻاڪر ضرور پائيندي. شام جو لڙندي وقت سج جا پاڇا رت جا ڳوڙها بيشڪ ڳاڙيندا ليڪن رات اچڻي آهي، پر تنهنجو ۽ منهنجو ساٿ ويندڙ رات ۽ ايرندڙ ڏينهن جو ساٿ آهي.

”آءُ رڳو ايترو ٿي چاهيان تہ تون اهي غلطيون نہ ڪرين جيڪي مون ڪيون آهن.“ ڪوثر وري چيو ۽ ڊاليءَ هن کي ٻاڪر پائي چيو. ”امي

توهين دل نہ لاهيو، آءُ اهڙي ڪابہ ڳالھ نہ ٿي ڪري سگھان جيڪا توهان جي مزاج ۽ تعليم جي خلاف هجي.“ ان وقت ڪوثر کي ائين لڳو ڄڻ ڊالي سندس ڳالهين کان مجبور ٿي دل ۾ ڪو فيصلو ڪري رهي هجي تنھن ڪري وري چيائين، ”منهنجي ڳالهين کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪر، پنهنجا حالات ساريا پيا اٿئي. دنيا ۾ تنهنجو ڪوبہ مائٽ ڪونهي. آءُ لڙندڙ پاڇو آهيان ۽ راهون اٽڪٽ اٿئي. سفر توکي ڪرڻو آهي ۽ سفر ساٿيءَ کان سواءِ ڪونہ ٿي سگھندو. ڇڻ جو ساٿي ڏنبو هوندو آهي ۽ پڙهيل جو ساٿي ذهن هوندو آهي، هڪ حقيقت بڌي ڇڏ تہ مرد عورت لاءِ ذهن جي حيثيت رکندو آهي.“

”آءُ سمجهي ويس امي، هاڻ آءُ هت منهن ڌوئان تہ چانھ پي هلون ٻاهر.“ ڊالي بہ دل ۾ ڊني ٿي تہ وري اقبال نہ اچي وڃي. هن کي خود ارشد جا حالات معلوم ڪرڻ جو شوق هو. هن چاهيو ٿي تہ ارشد ساڻس ڳالهائي. هن جي ذهن ۾ ڄڻ تہ ڪا ڪوٽ پيدا ٿي پئي هئي جيڪا هن ارشد جي ڳالهين سان پرڻ ٿي چاهي، پر دل ۾ اهو بہ هڪ ڊپ هئس تہ خبر ناهي تہ هينئر ارشد ڇا ڪندو هوندو؟ هن کي ستاره جي اکين ۾ ارشد لاءِ هڪ عجيب چمڪ نظر آئي هئي. هن کي ان چمڪ کان ڊپ ٿي لڳو. ”هي مرد ايترو جلدي بدلجي ڇو ٿا وڃن؟“ هن باٿ روم ۾ هٿ منهن ڌوئيندي سوچيو. ”مون پلا ڇا ڪيو آهي، اقبال سان گڏ گھمي آهيان نہ، اقبال بہ ڪو ماڻهو جنهن تي اعتراض ڪجي؟“ هن سوچي ڪلي ڏنو. ”منهنجي وس ۾ هجي تہ اقبال کي انسان جي بدران شين جي فهرست ۾ رکايان“ هن منهن اگھيو. ”پگھر ۽ مٽيءَ کان بچيا پيا آهيون.“ هن سوچيو! کيس پگھر جي بوءِ کان سخت چڙ ايندي هئي. ڪراچيءَ جي گھميل آب و هوا ۾ ڏينهن ۾ ڏھ دفعا ڪپڙا مٽائيندي بہ سک ڪونہ ايندو هئس. گھر

Scanned by CamScanner

۾ يا ٻاهر نڪرندي پگهر جي بوءِ وجود کي ويڙهي ويندي هئس.
يونيورسٽيءَ ڏانهن ويندي پهرين ڏينهن جڏهن بس ۾ چڙهي ته مختلف ماڻهن جي پگهر جي بوءِ اهڙو اڃي تنگ ڪيس جو ٻئي ڏينهن ضد ڪري ڪار خريد ڪيائين. ڪار خريد ڪري پٽس جڏهن ڪيس ٻڌائڻ آيو ۽ هن سان گڏ چڙهي شهر جو سير ڪرڻ ويو هو تڏهن به هن ڪار جا سڀ در دريون کولي ڇڏيا هئا. ڇو جو پٽس جي پگهر جي بوءِ ڪيس تنگ ڪري رهي هئي. هن ڪٿي پڙهيو هو ته مينهن ۾ پسيل چيڪي مٽي ۽ ڪنواري جسم جي پگهر جي بوءِ دنيا جون بهترين خوشبوئون آهن. ليڪن هن کي پگهر کان نفرت هئي، الرجي هئي ۽ اقبال جڏهن به هن جي ويجهو هوندو هو ته پگهريو پيو هوندو هو. هن کي وري اڃي احساس ٿيو ته ڄڻ اقبال جي پگهر جي بوءِ سندس ڪپڙن ۾ چنبڙي پئي آهي. هن هڪدم ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪيا ۽ گرم پاڻيءَ سان زور زور سان جسم تي صابڻ مهڻ لڳي.
وهنجي سڪون آيس تڏهن ٽوال سان بدن اگهي ماٽس کي رڙ ڪيائين، "امي ٻاهريون دروازو بند ڪريو". دروازي بند ٿيڻ جو آواز ٻڌي هوءَ وڏو ٽوال جسم کي ۽ ننڍو ٽوال وارن کي ويڙهي ٻاهر نڪتي ۽ پلنگ جي هيٺان بيگ سيري ميڪسي ڪڍي پائڻ لڳي. ميڪسي هن کي ڏاڍي وڻندي هئي. ميڪسي پائي هوءَ پاڻ کي ملڪ زنوبيا سمجهڻ لڳندي هئي جيڪا ٻارهن ورهين جي عمر ۾ ٻارنهن زبانون سکي چڪي هئي ۽ سندس عقل ۽ سونهن هڪ عظيم فلسفي، شاعر، مقرر ۽ فنڪار جي جان وجائي.
"منهنجي ڪري به ڪو فنڪار جان ڏئي سگهي ٿو؟" هن وار درست ڪندي سوچيو. سندس ذهن هڪدم ارشد ڏانهن ويو. "ارشد به ته آرٽسٽ آهي." هن ماءُ جي اکين ۾ جهڪي پنهنجي تصوير ڏني ۽ مرڪي ڏنائين، ڪوثر به مرڪي ڏنو.

Scanned by CamScanner

تيار ٿي هنن ڇانهه گهرائي ۽ ٻئي شالون ڪلهن تي وجهي ڪمرو بند ڪري ٻاهر نڪتيون. ڊاليءَ چاهيو ٿي ته تڪڙا تڪڙا نڪرن، هن ارشد کي ڏسڻ ٿي چاهيو، ساهيڙين سان ملڻ ٿي چاهيائين يا اقبال کان فرار ٿي چاهيائين. خود ڪوثر به سوچيو پئي ته سليم نه منهن ۾ اچي وڃي. سليم کي ڏسي هن کي پنهنجي ماضيءَ جا اهي لمحا ئي يادئي آيا جن هاڻ سندس اندر ۾ چڻ ته اماڙيون ٿي هيون. هن کي صرف اهو ماضي هاڻ وڻيو ٿي جنهن سان هن جون خوشگوار يادون لاڳاپيل هيون. هن نه ٿي چاهيو ته عمر جي باقي لمحن ۾ هن جي خوشگوار يادن ۾ ڪو رنڊڪ وجهي. هن وقت جو اهو فيصلو منظور ڪري ورتو هو ته هاڻ سندس عمر يادگيرين جي سهارن تي گذارڻ جي آهي. سڄي عمر فلسفو پڙهي پڙهي جڏهن هوءَ پاڻ زندگيءَ جي چار جي هڪ ڪناري تي اچي پهتي هئي ته هن جي ذهن ڪوبه فلسفو قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هاڻ هن وٽ پنهنجو فلسفو هو. پنهنجي وجود جي عدم وجود ڏانهن سفر جو فلسفو هو. يادن جي مدفن جو فلسفو هو. هڪ اهڙو اٽل فلسفو هو جنهن ۾ هاڻ تبدليءَ جي ڪا گنجائش ئي ڪانه هئي. هن جي لڏندڙ اعتماد ۾ هڪ اٽل ارادو شامل ٿي ويو هو. نسل کي نسل طرفان تسليم ڪرڻ ۽ صحيح ورثو ڏيڻ جو ارادو. ”جنريشن گئپ“ هن سوچيو، ”نئين وجود کي تسليم نه ڪرڻ جو ٻيو ڇا نتيجو نڪرندو؟ پر سچ جي اڳيان بند ڪير ٻڌي سگهيو آهي؟“ هن وري سوچيو ۽ پنهنجي منهن مرڪي ڏنائين.

”ڪاش ارشد منهنجو پٽ هجي ها ته هن جي شادي ڪرايان ها!. آءُ به ننهن واري ٿيان ها، جهيڙا ڪريان ها، شڪايتون ڪريان ها، زندگيءَ ۾ يڪرنگي ته نه هجي ها، بوريت ته نه هجي ها!“

Scanned by CamScanner

”امي ڪجھ مون سان بہ ڳالھايو.“ ڏاليءَ هن کي ٻانهن کان جهلي پڇيو ۽ هوءَ ڇرڪي وئي. هو ڪافي پنڌ ڪري آيا هئا. هاڻ پوسٽ آفيس جي ويجهو واري چاڙهي چڙهي رهيا هئا.

”تون تہ ڪشمير ولا ڪانہ وئي هئينءَ نہ؟“ ڪوثر پڇيو. هوءَ ڪجھ سهڪي پئي هئي.

”نہ امي، پر مون کي رستي جي خبر آهي.“

”رستي جي خبر هجڻ ۽ خود ڏسڻ ۾ وڏو فرق آهي پٽ.“

ڪوثر چيو ۽ هو پوسٽ آفيس کان مڙي متي ڪشمير ولا جي رستي ڏانهن وڌيا.

”امي متي چڙهجي ٿو تہ ٻڪين ۾ سور ٿو پوي، ۽ هيٺ لهجي ٿو تہ مرين ۾ سور ٿو پوي، ڪجي سو ڪجي ڇا!“ ڏاليءَ کلي چيو.

”منهنجي خيال ۾ تہ تون بور ٿي وئي آهين؟“

”نہ امي، البتہ ٿي پونديس.“

”ڏالي تون اڃا ٻار آهين، زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ حصو ڪونہ ورتو اٿئي، جڏهن اها ڊوڙ شروع ٿيندي تہ اصل ٿڪجڻ جي خبر پوءِ پونديئي.“

”امي توهان تہ زندگيءَ کان ايڏو ڊپ ڏياريو اٿم جو ڀانيان تہ .....“

”نہ نہ اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر، آءٌ تہ تو ۾ همت ٿي پيدا ڪريان تہ جيئڻ زندگيءَ جي تلخ لمحن جو زهر تون مرڪي پي سگهين.“

”سقراط وانگر!“ ڏاليءَ کلي چيو.

”سقراط کي موت جي سزا ملي هئي.“ ڪوثر مختصر جواب ڏنو.

”منهنجو خيال آهي تہ اها سامهون موڙ کان پوءِ آخري چاڙهي آهي.“

”امي چاڙهيون ۽ لاهيون تہ ايندي رهنديون“ ڏاليءَ کلي چيو.

Scanned by CamScanner

”ڪڏهن ڪڏهن مون کي ائين لڳندو آهي ڄڻ مون توکي تعليم ڏياري ڏاڍي غلطي ڪئي آهي.“

”آءُ وري توهان وٽ پاڻ کي مس فٽ محسوس ڪندي آهيان.“ ڊالي به وراڻيو.

سامهون سر مائي ڏنڌ ۽ ويڙهيل ڪشمير والا جي لان تي ڪرسيون پيون هيون ۽ ٿهڪن جا آواز اچي رهيا هئا. ڪوثر محسوس ڪيو ته سندس ٽنگون هاڻي جواب ڏيڻ واريون آهن. خود ڊاليءَ جا قدم به مڻ مڻ جا ٿي ويا هئا. هن کي ايندو ڏسي هو سڀ ڪرسين تان اٿي بيٺا نيلوفر ۽ ستاره ڊوڙي اچي ڪوثر کي چنبڙيون. ارشد به جهجهڪندو اچي بيٺو. ڪوثر جي دل ٿي ته ارشد ڊوڙي ڪيس اچي ڀاڪر پائي. ”ڪاش تون منهنجو پٽ هجين ها؟“ هن سوچيو ۽ وڌي وٽس وئي، ”ابا، ماءُ سان ڪاوڙ؟“ هن کي ڄڻ نه نڙيءَ ۾ ڪجهه اٽڪي پيو.

”نه امان“ ارشد وڌي هن جو هٿ پڪڙيو ته سندس اکين تي ڏنڌ ڇانئجي ويو. ستاره وارن کي ڊاليءَ ٻڌايو ئي ڪونه هو ته ڪو هو هڪ ٻئي کي سڃاڻن، سو هو به ڪجهه حيران ٿيا ۽ ڊاليءَ کي ڏاڍي مونجهه ٿيڻ لڳي. پوءِ سڀ وڌي ڪرسين تي ويٺا. جتي ظفر خاموش بيٺو هو. هن ڏانهن ڪنهن ڌيان ڪونه ڏنو هو. پنهنجو نظرانداز ٿيڻ ظفر کي ڏاڍو خراب لڳندو هو پر هن وقت خاموش هو سيما ۽ زينت ڊاليءَ کي ورائي ويون.

نيلوفر ڪوثر جي پر ۾ ڪرسي ريڙهي اچي ويني ۽ ڀاڪر پائي ڏاڍي پاٻوهه مان چيائين، ”آنٽي، توهان کي دل ڏاڍو ياد ڪندي آهي، اڄ جڏهن ڊاليءَ کي اڪيلو ڏٺم ته حيرت ٿيم. بس هينئر به توهان جون ڳالهيون پئي ڪيوسين.“

Scanned by CamScanner

ڏاليءَ ۾ ڪوثر پيسِرون لڳيون، بلڪ ڪوثر جي آواز ۾ ڪجهه وڌيڪ شادابي محسوس ٿي هئس. ”تہ اهي آهن ارشد جا پاڙيسري، چڱا ماڻهو ٿا ڏسجن پر ارشد تہ ڏاڍو منجهيل پيو لڳي. ستاره جو تہ سچو ڏيان هن ڏانهن آهي!“ هن کي ڏاليءَ جي اُها ڪاوڙ واري رڙ ياد آئي، جيڪا هن ايوبيہ ۾ اقبال جي غلط رمارڪ تي ڪئي هئي. ”ڏاڍو خوش نصيب آهي پر هميشہ نصيب کي لتون هڻندو آهي وري شڪايت بہ ڪونہ ڪري.“

”ڇا پيا سوچيو؟“ سيما پڇيس. پيا سڀ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا. هو بہ ڳالهين ۾ حصو وٺڻ لڳو.

”زينت تون ڪيئن آهين؟“ ڪوثر زينت کان پڇيو جيڪا ڏاليءَ جي پر ۾ بلڪل خاموش ويٺي ڳالهيون ٻڌي رهي هئي.

”آنٽي آءٌ بور ٿي پئي آهيان، جيڏانهن ٿو ڏسجي رڳو جبل ئي وڻ. اهو مال روڊ جو ٽڪرو نہ هجي ها تہ منهنجو تہ دم ئي نڪري وڃي ها.“ هن چيو.

”ڏاڍو مال روڊ تي هلون پيا. هن هوٽل ۾ اچي تہ ڇڻ ستين آسمان تي پهچي ويا آهيون. ڏينهن ۾ وڏ ۾ وڏ هڪ دفعو هيٺ لهي چڙهي سگهجي ٿو.“ نيلوفر کلي چيو. ڪوثر هن کي زور سان پاڪر وڌو. هن کي نيلوفر ڏاڍي وڻندي هئي، ساڻن پراڻا رستا هئن. نيلوفر جي مرحوم ماءُ سندس ساهيڙي هئي. تمام سمجهو، گهر گرهستيءَ واري عورت. دولتمند هوندي بہ سادگي پسند. ڪوثر نيلوفر کي هميشہ پدمڻي چوندي هئي. هن کي نيلوفر جي سونهن، سادگيءَ سنجيدگيءَ سان پيار هو. گهر بہ کي گهٽو پري ڪونہ هئن. وري هن جي ماءُ پيءُ جو بہ وٽن اچڻ وڃڻ هو. تنهنڪري پيا ملندا هئا. هوڏانهن نيلوفر کي ڪوثر جي ڳالهين مان عجيب ساءُ ايندو هو. هوءَ ڪوثر جي ڪڇ ۾ ڪنڌ رکي اچي سمهندي

هئي. سندس عقل واريون ڳالهيون غور سان ٻڌندي هئي. ستاره ٻ ڪوثر کي ماءُ وانگر پيائيندي هئي ليڪن هوءَ رومانٽڪ طبيعت جي هئي، تنهنڪري هن کي هر عمرن جي صحبت گهٽي وڻندي هئي. هن جون ڪچهريون ڊاليءَ سان گهٽيون هونديون هيون. مٿن مائٽن ۾ ڪيترا نوجوان ڇوڪرا هن سان ڳالهائڻ لاءِ پيا واجهائيندا هئا پر هوءَ انهن ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏيندي هئي. هن کي ڊاليءَ جون ڳالهيون وڻنديون هيون. جڏهن هن کي خبر پئي هئي تہ ڊالي اوچتو مريءَ هلي وئي آهي تہ هن کي يا نيلوفر وغيره کي ڪابہ حيرت ڪانہ ٿي ڇو جو کين ڊاليءَ جي پاري جهڙي طبيعت جي خبر هئي.

”آنٽي اسين توهان کي هونئن بہ ڳولي لهون ها، اجا بہ ڏينهن تہ اسان کي آئي ٿيا آهن.“ نيلوفر شايد ڪوثر کي خوش ڪرڻ لاءِ چيو.

”پر هاڻي اسين تہ واپس وڃڻ وارا آهيون.“ ڊاليءَ چيو ۽ ارشد ڏانهن ڏٺائين.

”هفتو کن ترسو تہ گڏجي هلنداسين.“ ستاره چيو ۽ ارشد ڏانهن ڏٺائين. ارشد ماٺ ڪيو ويٺو هو.

”ارشد، تون ڳالهائين ڪونہ ٿو؟“ ڪوثر پڇيو.

”چوندا آهن تہ عقل جي خزانن جا منهن انهن تي ڪليل هوندا آهن جن جا وات بند هوندا آهن.“ ظفر کلندي چيو. ڊاليءَ کي هيءَ ڳالهہ وڻي. تنهنڪري چيائين، ”سوچ عمل کي جنم ڏيندي آهي، ڏسون تہ هاڻ ڇا ٿو پئدا ٿئي.“ ارشد کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا چئي. هو بي اختيار ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ هلندو پهاڙي ڪناري تي وڃي پهتو. جتان هيٺ مال روڊ جي روشنين جو وهڪرو نظر اچي رهيو هو.

Scanned by CamScanner

"ارشد!" هن ڪلهي تي هلڪو بار محسوس ڪيو. هو ڇرڪي ويو. پنيان نهاريائين ته ڊالي بيٺي هئي.

"مون سان ڪاوڙيو آهين؟ معاف ڪري ڇڏ." ڊاليءَ ٽڪڙو ٽڪڙو چيو ۽ تيز تيز قدمن سان واپس هلي وئي. ارشد جي نڙيءَ ۾ ڇڻ ڪا ڳنڍ اٽڪي پئي. هن ڏٺو ته ستاره ڪرسيءَ تان اٿي ۽ تيز تيز قدمن سان هوٽل جي ورانڊي مان ٿيندي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. هو هلندو هلندو وري اچي ڪرسين وٽ بيٺو. ڪوثر هاڻ موڪلائي رهي هئي ۽ هو زور ڀري رهيون هيون ته هتي رهي پئي. ستاره نه موٽي سو سيني محسوس ڪيو. ڊالي ارشد جي ويجهو اچي بيٺي. هو اجا ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته سامهون اقبال ايندو نظر آين. هو موٽر جي چاٻين جو ڇلو لوڏيندو پئي آيو. ايندي شرط هن بنا سلام دعا جي چيو. "ڪمال آهي نسرين، مون کي ٻڌايو به ڪونه اهو ته مون دماغ لڙايو ته پڪ توهان ساهيڙين وٽ هوندا. هلو، اڄ مال روڊ تي گاڏي هلائڻ جي سيزنل پاس به ملي وئي اٿم."

ڪوثر سوچيو ته، "آخر هيڏي ساري جسم ۾ دماغ ڇو ڪونهي!" ارشد جو موڊ آف ٿي ويو. ڊاليءَ هن ڏانهن نهاريو ليڪن هو اڳيان ڪونه وڌيو. هوڏانهن اقبال وڌي آيو. "هلو نه، هاڻ گهڻي دير ٿي وئي آهي." ڪوثر جي دل ۾ آيو ته چويس ته دير يا سوير سان تنهنجو ڇا! پر اهي اکر ته ڊاليءَ جي چوڻ جو وارو هئو. ڪوثر ته پنهنجو وارو گسائي اجا تائين پڇتائي رهي هئي. ڊاليءَ ماءُ ڏانهن ڏٺو، ارشد ڏانهن ڏٺو پوءِ اقبال سان گڏ هلي ته هوءَ به سندن پنيان هلڻ لڳي. هن مڙي ڏٺو ته ارشد اجا به اتي ئي بيٺو هو.

ارشد جي ذهن ۾ چڻنگن جي برسات ٿي رهي هئي. "هي مون کي آخر ڇا ٿيندو پيو وڃي؟ هنن ڳالهين سان منهنجو ڇا؟ ڀلا مون کان معافي

Scanned by CamScanner

ونڻ ڇو آئي؟ ڇا جي معافي؟ مون کي تہ ڪجھ سمجھ ۾ ڪونہ ٿو اچي."
هو بي خيالو هلڻ لڳو.

"تون اڄ مون وٽ ترسي پئہ نہ؟" ظفر چيس. هـن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو ۽ رستي تي هلڪي اونداهيءَ ۾ هڪ پاڇولي جيان اڳتي وڌڻ لڳو. هو سڀ ڪيس حيرت سان ڏسندا رهيا. ستاره ڪمري جي دريءَ مان هن کي ويندو ڏسي دريءَ کي زور سان بند ڪري ڇڏيو.

---

ارشد عجب بي خياليءَ جي انداز ۾ ورن وڪڙن وارو رستو لهندو ريو. هن کي اها بہ خبر ڪانہ هئي تہ ڪهڙي طرف وڃي رهيو هو. بس قدم هئا تن ڇڻ تہ ذهن جو ساٿ ڇڏي ڏنو هو. ذهن هڪ طرف هئس تہ قدم ٻئي طرف. "هن وقت دنيا ۾ هزارين جڳهين تي هزارين عورتون ۽ مرد هڪٻئي سان وفا ۽ بي وفايون ڪري رهيا هوندا. ليڪن هتي وفا ۽ جفا جو سوال ئي ڪونهي. آءٌ هڪ فنڪار آهيان، مون کي پنهنجي فن سان پيار هئڻ گهرجي، فن سان پيار. فن جيڪو ڪڏهن بہ نہ مرندو. انسان تہ فاني آهي. رت ۽ گوشت جي ٽڪرن سان ڪهڙو پيار؟ ليڪن پيار تہ ڪنهن سان گڏ گهاريل انهن گهڙين سان ٿيندو آهي، جيڪي ڏکئي سکئي وقت ۾ هڪٻئي جي سڏ جو آواز بنجي گذرنديون آهن. پر ڊاليءَ سان منهنجون ڪهڙيون گهڙيون گڏ گذريون آهن؟ پوءِ هوءَ منهنجي ذهن تي ڇو حاوي آهي؟ هن جي ۽ منهنجي طبيعت بہ تہ ساڳي آهي! ضدي ۽ سرڪش. شايد مون کي اهو خراب ڪونہ ٿو لڳي تہ هوءَ ڪنهن ٻئي سان گڏ ڇو ٿي گهمي؟ اصل ۾ مون کي تہ پنهنجو نظرانداز ٿيڻ ڪکي ٿو. مون کي واپس وڃڻ

Scanned by CamScanner

گهرجي، اتي جتي فن جا پرستار هجن..... يا ائين تہ ڪونہ ٿو چاهيان تہ پنهنجن پرستارن ۾ وڃڻ ٿو چاهيان. پرستار تہ هتي بہ ملي ويا اٿم. ”هن پنهنجو پاڻ تي ڇڻ تہ ٺوڪ ڪئي. ”ٻئي وڏ گهراڻيون، ڪهڙي خبر تہ ستاره جا مائٽ .... ليڪن آءٌ هي ڇو پيو سوچيان. عجيب انسان آهيان، خود هڪ وقت ۾ ٻن ڇوڪرين جي باري ۾ پيو سوچيان ۽ اميد وري وفا جي پيو ڪريان. هنن کي پورو پورو حق آهي تہ جيئن وڻين تيئن ڪن. ڊاليءَ جي ماءُ ڪهڙي نہ پيار مان شڪايت ڪئي هئي! هن سان ملڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي؟ ملڻ جي حد تائين تہ ڪو مسئلو ڪونهي.“ سوچيندو سوچيندو هو هڪ اهڙي هنڌ اچي پهتو جتان صرف چند قدم هيٺ هڪ اونهي کاهي هئي.

”ميان، مرڻو اٿئي ڇا!“ ڪو ماڻهو اردو ۾ ڪيس چئي رهيو هو. هن ڇرڪ ڀريو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نظر ڪيائين تہ پاڻ کي ڪشمير پوائنٽ جي ڇيڙي تي ڏٺائين. هن کي هاڻي سي پوڻ لڳو، پر ۾ هڪ بنگلي جو چوڪيدار بيٺو هو جيڪو ڪيس مشڪوڪ نگاهن سان ڏسي رهيو هو. هن ڪنڌ جهڪايو ۽ واپس ٿيو. چوڪيدار بہ مطمئن ٿي بنگلي جي در تي وڃي بيٺو.

هوٽل تائين پهچندي پهچندي ارشد کي ڇگي دير ٿي وئي. مال روڊ سڄو سنسان ٿي چڪو هو. پوليس چڪر هڻي رهي هئي. هوٽل ۾ بہ خاموشي هئي. صرف ڪوثر جي ڪمري جي اڌ کليل دروازي مان ٽيوب لائيٽ جي روشني ٻاهر ليٽا پائي رهي هئي. هن آهستگيءَ سان پنهنجي ڪمري جو تالو کوليو ۽ در کوليائين. هن کي ائين ٿي لڳو تہ جي ٿورو بہ کڙڪو ٿيو تہ سندس اندر جو چور جهلجي پوندو. خبر ناهي ڇو؛ سندس دل جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ هنڌ اهو خيال بہ هو تہ هو وڃي ڪوثر ۽ ڊاليءَ سان

Scanned by CamScanner

ڳالهيون ڪري. ضروري نه هو ته ان جي بدلي ۾ ڊالي ساڻس پيار جون ڳالهيون ڪري. ”ڊالي ڪيڏي نه معصوم ٿي لڳي.“ هن سوچيو ۽ ڪمري ۾ اندر داخل ٿيو. ڪمري ۾ هن کي ڪجهه گرمي جو احساس ٿيو. سامهون ايزل تي رکيل ڪينوس تي نهيل هڪ اڌوري تصوير ڏانهس گهوري رهي هئي. هن تصوير ۾ سج لهڻ جو منظر ڏيکاريل هو. آسمان تي لالاڻ ڦهليل هئي، جيڪا پهاڙي جي پويان ليئا پائي رهي هئي. هيءَ اها تصوير هئي جيڪا هن هتي اچڻ واري ڏينهن تي ناهڻ شروع ڪئي هئي ليڪن مڪمل ڪري نه سگهيو هو. هن کي ائين لڳو ڄڻ هن سج کي هڪ اڌوري منظر ۾ قيد ڪري وڏو ڏوهه ڪيو هجي. ”روشني ۽ خوشبوءِ ٻئي ڪڏهن قيد ٿي سگهيون آهن؟“ هن سوچيو. هو پلنگ تي نوڙت جي سهاري وهاڻي تي ٽيڪ ڏئي سوچڻ لڳو. ”ڊالي به ته خوشبو آهي. سونهن ڀريل خوشبوءِ.“ هن جي ذهن ۾ خوشبو ليئا پائڻ لڳي. ستاره به ته هڪ خوشبو هئي! هن کي لفٽ چيئر ۾ ستاره جو سندس ڪلهي تي ڪنڌ رکڻ ياد آيو. هن هٿ وڌائي ڪلهي تي اتي هٿ رکيو جتي ستاره ڪنڌ رکيو هو. ”عورتون مردن اڳيان ايڏو جلدي جهڪي ڇو ٿيون پون؟“ هن سوچيو. هن کي پڪل انب وانگر جهوليءَ ۾ ڪرندڙ عورتون پسند ڪونه ايندڻيون هيون. هن کي ته اهڙا ماڻهو ۽ شيون وڻنديون هيون جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پوي. ڪوشش ڪرڻي پوي. ”جيئن ڊالي“ وري هن جو ذهن ڊاليءَ ڏانهن وڃي پهتو. ايوبيه مان موٽندي نيلوفر شايد ستاره جي چرچ تي ڪانئس ڊاليءَ جي باري ۾ ڪجهه پڇيو هو پر هو ٽنائي ويو هو. ”نيلوفر ڪيڏي نه حسين ۽ سنجيدي آهي.“ هن سوچيو. ويچارو ظفر، پاڇولن جي پويان ڊڪندي ڊڪندي اڌ مئو ٿي چڪو آهي. هاڻ ته هن کي ٻڏندڙ ماڻهوءَ جيان معمولي ڪک جو سهارو به ڏاڍو مضبوط ٿو لڳي. سيما جي شادي

Scanned by CamScanner

ٿيڻ واري آهي. ” ستاره کيس ٻڌايو هو تہ سيما جي شادي سندس سئوٽ سان ٿيڻي آهي. جيڪو لنڊن ۾ ڊاڪٽري جي اعليٰ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي. هنن جو نڪاح ٽيليفون تي ٿيندو ۽ پوءِ هوءَ هلي ويندي. هن ظفر کي اهو ڪونہ ٻڌايو هو. هنن بہ ظفر کي لاعلم رکيو هو. هنن نہ ٿي چاهيو تہ پهاڙ جي هن رومانٽڪ فضا کي خراب ڪجي. ”خبر ناهي ستاره ڇا سوچيو جو وڃي ڪمري ۾ لڪي؟ ائين نہ ڪرڻ گهرجيس ها. ” هن کي ائين لڳو ڄڻ سندس ڪمري جي در مان ڪو ليٽو پائي ويو هجي. ”ڀلا اهو ضروري آهي ڇا تہ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ملن تہ پيار بہ ضرور ٿئين. آخر اسين تہ هاڻ مليا آهيون. ڪير ڪنهن جي انتظار ۾ تہ ڪونہ هوندو آهي. ضرور هن کان اڳ بہ ڪئين رومانوي منظر ٿيا هوندا. هنن ان ۾ حصو ورتو هوندو. ڊالي يا ستاره زندگيءَ جي هيٺرن سارن سالن ۾ اڳ بہ تہ ڪنهن سان مليون هونديون! ڪي سپنا اکين ۾ سانڍيا هونداڻون، ڪي يادون ذهن ۾ محفوظ ڪيون هونداڻون! منهنجي ذهن ۾ بہ تہ موتي بازار واري ڇوڪريءَ جو عڪس اڃا موجود آهي، جيڪا منهنجي اسڪول مان واپسيءَ جي وقت در تان ٽپڙي کڻي پنهنجا ڳورا ڳورا هٿ ڏيکاريندي هئي. ڪاش مون ڪڏهن هن جو چهرو ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي هجي ها؟ ڪوشش بہ ڪئي هئم، پر ٽپڙيءَ جي ڪنڊ مان گهوريندڙ ٻن خوبصورت اکين کان سواءِ ڪجهہ بہ نظر ڪونہ آيو هئم. ڪمال آهي اسين سڀ بيوفا هوندي بہ هڪٻئي تي بيوفائيءَ جا الزام مڙهيندا رهندا آهيون. ” هن سوچيو“، هن وري محسوس ڪيو تہ ڪو سندس در جي شيشي مان ليٽو پائي ويو آهي. هو اٿيو ۽ اٿي در کوليائين تہ اهو پاڇو تيزيءَ سان ڪوثر جي ڪمري ڏانهن ويو. هو بہ پنيان ويو ۽ ڪوثر جي ڪمري جي ڪليل در تي اڳر جي ڏوڏي سان ٺڪ ٺڪ ڪيائين. ”هليو اچ ارشد. ” ڪوثر جو آواز

Scanned by CamScanner

”آءُ بہ هلان؟“ هن بي يقينيءَ مان پڇيو.

”ها چو تون بہ هل.“ ڪوثر چيو.

”رشتا ڏاڍا ڏکيا ٿئندا آهن ارشد. مون هنن چند ڏينهن ۾ توکي جيترو پنهنجي ويجهو محسوس ڪيو آهي ان جو توکي اندازو بہ ڪونہ هوندو. مون کي ائين ٿو لڳي ڄڻ تون منهنجي ماضيءَ جو اهڃاڻ بڻجي آيو آهين.“ ڪوثر چوندي رهي ۽ ڪجهہ نہ سمجهندي بہ اهي اکر هن کي ايترا تہ وڻيا جو هن جي دل ٿي تہ اٿي ڪوثر کي ڀاڪر پائي. هن جي اکين ۾ جذبات کان لڙڪ اچي ويا.

”تہ پوءِ صبح جو تيار آهيو نہ؟“ ڊاليءَ پڇيو.

”ليڪن ٽرين جي بڪنگ ڪرائي اٿو؟ اها ڪا سولي تہ نہ ملندي.“ ارشد چيو. ”پلين ۾ هلنداسين، پر جي دير لڳي تہ اسلام آباد ۾ هلي هڪ ڏينهن ترسنداسين. اتي توهان کي روز ائنڊ جاسمين گارڊن، شڪر پڙيان ۽ راول ڊيم جهڙا سهڻا نظارا بہ پنهنجي تصويرن لاءِ ملندا؟“ ڊاليءَ مرڪي چيو ۽ ارشد هن جي مرڪندڙ چهري ۾ ڏسي سوچيو تہ ”هن کان خوبصورت ڪا بي ڪائنات بہ ٿي سگهي ٿي.“ ڊالي هن جي نگاهن کي پروڙي ورتو ۽ ٿورو شرمائي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين. ارشد اٿي کڙو ٿيو.

”چڱو امان، آءُ وڃي ٿو تياري ڪريان.“

”ننڊ تہ هونئن ئي ڪانہ ايندي.“ ڊاليءَ چيو. ڪوثر ڊالي ۽ ارشد، ٽنهي وٽ ان جملي جون مختلف معنائون هيون. هن فيصلي تي ڪوثر ٿڌو ساهہ کنيو. هوءَ تہ هن پهاڙ تي ماضيءَ جا ڏنگ سهي سهي عاجز اچي وئي هئي. هن جي دل کي سُڪون اچي ويو هو. ارشد بہ گڏ ٿو هلي. آخرڪار هن واقعن کي ٽيڻ کان روڪي ورتو هو. ماضيءَ جي دهرائجڻ کي روڪي ورتو هئائين. هن اهو نہ ٽيڻ ڏنو جيڪو سانڊس ٿي چڪو هو. هوءَ وقت جي وهڪري کي

Scanned by CamScanner

موڙڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي هئي. هن سک جو ساهه کنيو ۽ ارشد کي ٻاهر ويندي ڏٺائين. هن محسوس ڪيو تہ جيڪو ارشد ڪمري ۾ آيو هو سو هن ارشد کان مختلف هو. هو هڪ بي اعتماديءَ جو شڪار نامڪمل انسان ٿي لڳو جڏهن تہ هي ارشد اعتماد ۽ زندگيءَ جي امنگن سان ڀرپور ٿي لڳو. هن جي چال ۾ پختگي هئي. هو در کي ٻيڪڙي پويان نهاري پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو ۽ ڊاليءَ ماڻس کي زور سان ڀاڪر پائي منهن هن جي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ننڍڙي ٻار جيان هڪ ٿڌو ساهه کنيو. ڪوثر جا هٿ هن جي وارن ۾ ٿڌڙا ڪِري رهيا هئا.

ارشد کي سڄي رات ننڊ ڪانہ آئي. هو جاڳندي ۾ بہ عجيب عجيب خواب ڏسندو رهيو. ڪڏهن ڏٺائين تہ ڊالي سندس ڪلهي تي ڪنڌ رکيو ويٺي آهي ۽ هو سندس وارن جي خوشبوءِ سونگهي رهيو آهي. ڪڏهن پاڻ ڊاليءَ جي ڪڇ ۾ ڪنڌ رکيو ستو پيو هو. ڪڏهن ڏٺائين ٿي تہ ڪراچيءَ جي آرٽ گيلرين ۾ هو ۽ ڊالي گڏجي هٿ هٿ ۾ ڏئي پنهنجين تصويرن جي نمائش ڏسي رهيا آهن. ڪڏهن ڏٺائين ٿي تہ هو ٻئي گڏجي پرواز ڪري رهيا آهن. سڄي رات جاڳ جا سپنا ڏسندي صبح ڪيائين. جلدي اٿي هٿ منهن ڌوتائين، سامان تي آخري نظر وڌائين. "ڪابہ تصوير نہ ناهيم. خير تصويرون پوءِ بہ نهي ويندي‌يون." هن سوچيو، "ڪيڏي نہ مادي دنيا بنجي وئي آهي، روح جي لاءِ تہ ورلي چند گهڙيون ٿيون ملن!" هن بيري کي سڏي ناشتو گهرايو. اڃا ناشتو ڪائڻ شروع مس ڪيائين تہ ظفر، نيلوفر، زينت ۽ سيما اچي ٺڪاءُ ڪيو. هن ڪلي ڪيڪارين. سندس اکيون ستاره کي ڳولڻ لڳيون. نيلوفر مڙي سڏ ڪيو. "ڪيڏانهن رهجي ويئين ستارا!" ستاره هبڪندي اندر داخل ٿي.

"هينئر ڏاڍو خوش پيو لڳين، رات چا ٿيو هوئي." ظفر چيس.

"اسان جي ڪمپني مان بور ٿيو هو." ستاره وراڻيو.

Scanned by CamScanner

”تون پاڻ بہ تہ ڪمري ۾ هلي وئي هئين.“ سيما چيو.

”ويھو تہ سهي، ڳالهيون پوءِ پيا ڪنداسين.“ ارشد کلي چيو.

ستاره حيرت مان هن جي بند ٿيل سامان ڏانهن ڏسي رهي هئي.

”پهرين آنٽي ڪوثر وٽان ٿي اچون“ نيلوفر چيو.

”ها، جلدي ملوس، نہ تہ اها بہ واپس وڃي پئي.“ ارشد کلي چيو.

”اڙي، اڄا تہ ڪا ڳالھ ئي ڪانہ ٿي آهي.“ ستاره چيو.

”ڪهڙي ڳالھ“ ارشد پڇيو پر هوءَ ماٺ ٿي وئي.

”تون بہ وڃين پيو ڇا؟“ ظفر پڇيس.

”ها،“ ارشد وراڻيو.

”اسان سان گڏ هل نہ؟“ ظفر چيو. نيلوفر بہ ها ۾ ها ملايس.

”منهنجي خيال ۾ سني ڪمپني ملي ويئي اٿس.“ ستاره چيو. ارشد هن ڏانهن نهاريو پر هوءَ هيٺ پنهنجي پيرن ۾ نهاري رهي هئي. ارشد جي دل ۾ درد جي هڪ لهر ايري. ”توهان ڪان وڌيڪ سني ڪمپني ڪا آهي ڇا؟“ هن چيو.

”تہ پوءِ ترسي ڇو نہ ٿا پئو“ ستاره روئي ڏنو. سڀ حيران ٿي ويا.

”اڙي اڙي، هي ڇا؟“ ارشد بد حواس ٿي هن کي پرچائڻ لڳو.

”ڪجھ بہ ناهي، ڪجھ بہ ناهي.“ ستاره اکيون اگهندي چيو.

نيلوفر تشويش جي نگاهن سان ستاره ڏانهن ڏسي رهي هئي. هن کي ستاره جي جذباتي هجڻ جو احساس هو. هن کي اها بہ خبر هئي تہ ستاره پهرين ئي ملاقات ۾ ارشد سان دل لائي ويني هئي. ايوبيہ ۾ تہ پڪ ٿي ويس. هن پاڻ اهڙو پيار ڪيو هو. ڪيس ان ياد کان ڊپ لڳندو هو. فريد سندس پيءُ جي دوست جو پٽ هو. هنن سندس پيءُ جي مرڻ کان پوءِ بہ ساڻس رستا رکيا. فريد سان هن جو سچو پيار هو. ٻئي هر وقت ملڻ لاءِ پيا واجهائيندا هئا. پر اوچتو فريد مري ويو. هن کي نندپڻ کان ئي دل ۾

Scanned by CamScanner

سوراخ هو. سو هڪ ڏينهن دل بيهي رهيس. بس ان ڏينهن کان پوءِ نيلوفر جي دل بہ ڌڙڪڻ ڇڏي ڏنو. هاڻ اها پيار يا نفرت لاءِ نہ بلڪ صرف رت صاف ڪرڻ لاءِ خودڪار مشين جيان ٽڪ ٽڪ پئي ڪندي هئي. هن کي دل جي درد جي چاڻ هئي تنهنڪري کيس ستاره جي حالت تي تشويش اچي ٿي.

هوڏانهن ارشد سخت مونجهاري ۾ اچي ويو. هڪ طرف ڊالي هئي تہ ٻئي طرف ستاره. هڪ طرف هن جي ذهن جو آئيڊيل هو تہ ٻئي طرف دل جي ڌڙڪڻ. هن بنا ڪنهن لفظ ڪڇڻ جي ڪوثر سان جيڪو واعدو ڪيو هو سو بہ سندس قدمن لاءِ زنجير بنيل هو. هو منجهي پيو. هن کي ڪو رستو نظر ڪونہ ٿي آيو.

"يلا تو ايترو جلدي وڃڻ جو پروگرام ڇو ناهيو؟" ظفر پڇيس.

"جلدي تہ ڪونهي، آءٌ توهان کان اڳ آيل آهيان. هاڻ واپس وري ڪم تي ورڻو اٿم." ارشد چيو. هن ستاره ڏانهن ڏٺو جيڪا اکين مان ٽمندڙ ڳوڙها روڪي رهي هئي. هوءَ اهڙي ٻار جيان لڳي رهي هئي جنهن کان ڪو سندس دلپسند رانديڪو کسي رهيو هجي پر هو ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندو هجي. هوءَ هر هر نظرون ڪٽي ارشد ڏانهن ڏسي رهي هئي ڄڻ تہ هن جي شبيهہ کي پنهنجي اکين رستي دل تي نقش ڪندي هجي.

"توهين ڪڏهن ايندا؟" ارشد پڇيو.

"خبر ناهي." ظفر نيلوفر ڏانهن ڏٺو. ٻن ڇئن ڏينهن ۾ هو اهڙا تہ گهرا ٿي چڪا هئا جو ظفر تان عشق جو ڀوت زري گهٽ لهي چڪو هو.

"تڪڙ ڪهڙي آهي؟" ستاره چيو.

"بابا، توهان جي مرضي." نيلوفر پنهنجا بلور جهڙا هٿ، جنهن جي ٻن ٻن آڱرين ۾ ساون ٻڙن سان سونيون منڊيون پيل هيون، جوڙيندي چيو. ظفر هن جا هٿ جهلي چيو. "نہ توهان جي مرضي." ارشد جي ذهن مان ڪجهہ وقت لاءِ ڊالي نڪري وئي.

Scanned by CamScanner

# ڏوريان ڏوريان م لهان، شال م ملان هوت

”پيار ۽ سپنا“ قاضي خادم جو خوب ناول آهي. اڌوري عشق کي انهيءَ لاءِ لاشعوري طور تي هيٺئين سان هنڊائڻ ته من اندر جي لوچ ۽ اوت ملڻ سان ڪٿي ختم نه ٿئي ۽ عشق اجهامي نه وڃي، ناول جو نچوڙ ڪوثر جي من جي ڪشمڪش ڪيس سڄي عمر جي ڏکيل دل سيني ۾ رکڻ پسند ڪرائي ٿي، پر جلدي ڊاپيل دل جنهن مان عشق جي آتش نڪري چڪي هجي، رکڻ جي اجازت نٿي ڏئي.

ڊالي سندس ذيءُ جا سندس Intellectual and Emotional عڪس آهي، جنهن کي هر حساس ماءُ ائين ڏسي پنهنجي لڪل امنگن جو احياءُ ڏسڻ پسند ڪندي آهي، پڻ ساڳئي دڳ ۽ ساڳين پيچرن مان لنگهي پنهنجي محبوب ارشد کي اندر جي ڪشمڪش ۾ هاري ٿي، پر پنهنجي محبت جي مچ کي سڄي عمر ٻاري رکڻ تي آماده ٿي ٿئي. هڪ اونهي خلاءِ سان، دل ٻوڙيندڙ ڪُن ۾ منجهيل ڪيفيت ۾ جدا ٿئي ٿي. ڪوثر پنهنجي ذيءُ ڊاليءَ کي اهو نه چاهيندي به ته ڊاليءَ سان ڪٿي ساڳيو ڪنياءُ نه دهرائجي، انهي ڳالهه تي پنهنجي اندر جي اونهائي ۾ غرق ٿي وڃي ٿي ۽ سندس وڇڙيل محبت سڪندر جي Action Replay جو مشاهدو ٿي ماڻي.

مري ۽ نٿيا گلي جي خوبصورت پسگردائي، وقت جي مختصر پڪيز يعني چند ڏينهن، ٿوري تعداد ۾ ڪردار ۽ شهري سماج سان تعلق رکندڙ اهي مڙئي عنصر ناول کي افساني ۾ اهڙي خوبصورتي سان تبديل ڪرڻ ۾ معاون ٿي سگهن ٿا.

مظهر صديقي

Scanned by CamScanner




Scanned by CamScanner